تاريخ جا وساريل ورق

سوڀو گيانچنداڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كتاب نمبر ٽيونجاھون (53)

تاريخ جا وساريل ورق

(ڪالمن جو مجموعو)

سوڀو گيانچنداڻي

سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد سنڌ

1992ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇاپي جا حق ۽ واسطا اداري وٽ

ڪتاب جو نالو: تاريخ جا وساريل ورق
موضوع: تاريخي ڪالم
ليکڪ: سوڀو گيانچنداڻي
ڇاپو : پهريون
ڇپجڻ جي تاريخ: سيپٽمبر 1992ع
ڪمپوزنگ : ڪمپيوٽنچ سينٽر،
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.

[سنڌي ساهت گهر ڪتاب نمبر 53]

قيمت Rs:45/=
پنجيتاليهه روپيا فقط

TARIKH JA VISARIAL WARQ
By: SOBHO GAIN CHANDANI
Published by: Naz Sanai
SINDHI SAHAT GHAR
3-Nizam ladge , Gari Khato,
Hyderabad, sind
Per Copy Rs: 45/=

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

نمبر شمار	ڪالم جو عنوان	صفحو
	مهاڳ	5-11
	پيش لفظ	12-16
1.	حُرَ تحريڪ	17-19
2.	تامل مزاحمتي تحريڪ	20-22
3.	نظير عباسي شهيد	23-26
4.	دهشتگرديءَ واري سياست	27-30
5.	عوامي تحريڪون ۽ انهن جا قسم	31-33
6.	هندن جو ڪراچيءَ وارو قتل عام	34-38
7.	ڊاڙيل ۽ عام معافي	39-43
8.	1990ع وارين چونڊن بابت غير يقيني	44-45
9.	1959ع وارين اڻ ٿيل چونڊن جي اهميت	46-48
10.	پاڪستان ۾ اقتدار جو خوني ڊرامو	49-51
11.	سائين جي ايم سيد	52-55
12.	سنڌي، مهاجر جهيڙو ۽ سنڌ جي ورهاڱي وارو سوال	56-59
13.	منهنجو سياسي گُرو	60-64
14.	سوشلزم ۽ ڪميونزم جو آئيندو	65-70
15.	مندر- مسجد مامرو	71-74
16.	ٻه مهاڀاري جنگيون ۽ اڄ جي متحد ٿيل جرمني	75-81
17.	اسان جو علمي ۽ تهذيبي ڏيوالو	82-85

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نمبرشمار	ڪالم جو عنوان	صفحو
18.	موهن جي دڙي جي عظمت ۽ اسان جي غفلت	86-89
19.	عراق جي تاريخ ۽ ايراني نار واري جنگ جون تياريون	90-92
20.	حسن ناصر شهيد	93-95
21.	حشو ڪيولراماڻي- هڪ چرڪائيندڙ ڪردار	96-101
22.	هندو- مسلم فساد ۽ بهاري	102-105
23.	ڪامريڊ عبدالقادر ۽ سنڌ هاري تحريڪ	106-108
24.	فلسطين جي سرزمين تي يهودي رياست جو قيام	109-111
25.	نار واري جنگ جا امڪاني نتيجا	112- 114
26.	عراق خلاف آمريڪي داداگيري	115- 147
27.	پاڪستان ۾ طاقت جو سرچشمو	118- 121

مهاڳ

ان وقت اندر مان هڪ سيسراٽي نڪري وئي هئي جڏهن ڪامريڊ سوڀي گيانچندائيءَ سندس اخباري ڪالمن جي مجموعي تي مهاڳ لکڻ لاءِ مونکي چيو هو.

ظاهر آهي ته اتاهَہ اپياس ۽ مشاهدي واري گروءَ تي سندس چيلو ڪهڙي ٽي ٽيڪاٽپٽي ڪري سگهيو!

ڪامريڊ سوڀو شروع کان وٺي منهنجو سياسي گرو رهيو آهي. هَن منهنجي ان زماني کان وٺي ذهني پرورش ڪئي آهي جڏهن اڃان مون مئٽرڪ بہ پاس نہ ڪئي هئي.

ان وقت ڪامريڊ سوڀو موهن جي دڙي لڳ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ٻنديءَ ۾ ڇئن سالن جي نظربندي ڪاٽي رهيو هو ۽ مون سنڌ جي مهان شاعر شيخ اياز جو نثري مجموعو، ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“، پڙهي پورو ڪيو هو جنهن جي ارپنا هن ڪامريڊ سوڀي کي ڪئي هئي. هي اهو زمانو هو جڏهن مان هڪ جنوني مذهبي مسلمان مان ڦري آزاد خيال صوفي ٿي رهيو هوس ۽ موهن جي دڙي کان ڏکڻ ۾ سنڌوءَ جي ڪپ تي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ رهندو هوس جتي مسجدون گهٽ ۽ صوفين جا اوتارا وڌيڪ هئا ۽ آهن.

جيئن تہ اياز جي ڪتاب منهنجي ڪچڙي ذهن کي ڌوڏي وڌو هو، ان ڪري مون ۾ اونهو احساس پيدا ٿيو تہ مان ان ماڻهوءَ سان ملان جنهن کي اهڙي ڪتاب جي ليکڪ پنهنجو ڪتاب منسوب ڪيو آهي. ان تي منهنجي ڳوٺ جي ماڻهن مونکي ٻڌايو تہ سوڀو هڪ خطرناڪ ۽ انوکو ماڻهو آهي. هو هندو ۽ ڪميونسٽ آهي ۽ ترَ جي هارين کي چوندو آهي تہ اهي سندس وڏي ڀاءُ سميت ڪنهن بہ زميندار کي پنهنجي پٽيءَ جو اَنَ نہ ڏين ڇاڪاڻ تہ جيڪو ڪيڙي سو کائي. اهوئي سبب آهي جو هو هميشہ جيل ۾ هوندو آهي هر دور جي حڪومت هن کي آزاد ڇڏي پنهنجي لاءِ خطرو محسوس ڪندي آهي. هنن ٻڌايو تہ هو اڄ بہ پنهنجي ڳوٺ ٻنديءَ ۾ نظربند آهي ۽ سندس ڳوٺ مان ٻاهر نڪرڻ تي بندش آهي.

انهيءَ معلومات ملڻ ڪانپوءِ مون ۾ وڌيڪ آڻ تڻ پيدا ٿي تہ اهڙي ماڻهوءَ سان جيترو جلد ٿي سگهي ملجي. ۽ جيئن تہ ڪامريڊ سوڀي جي ڳوٺ ۽ اسان جي ڳوٺ وچ ۾ ديهہ لانياري جون ڪجهہ زرعي زمينون ۽ دادو ڪئنال هو ان ڪري اسان ويجهڙا پاڙيسري هئاسين جنهن ڪري ترت ئي ملاقات ٿي وئي جنهن ڪانپوءِ منهنجي ذهني زندگيءَ جو ٿيون دور هڪ وڏي ڌماڪي سان شروع ٿيو.

جيئن پاڻ پنهنجي هن ڪتاب جي هڪ ڪالم (نمبر١٣) ۾ لکيو اٿس تہ، منهنجي واقفيت برصغير جي هڪ عظيم ساٿي (ڪامريڊ) پنا لال داس گپتا سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي جنهن مون کي ڪميونزم جي ڏڳ لاتو." بلڪل اهڙي طرح ڪامريڊ سوڀي ڄڻ مونکي چيچ کان وٺي عقلي بنياد تي سائنسي انداز سان سوچڻ سيکاريو جنهن ڪري منهنجي اندر مان روايتي سوچ ويچار جو ڪافي گند ڪچرو صاف ٿي ويو ۽ مون کي لڳو ڄڻ هن منهنجو اندر اُجاري ڇڏيو هو.

ان ملاقات کي ٽيهارو کن سال گذري چڪا هئا جنهن دوران ڪامريڊ سوڀي سان نہ ڪڏهن ذهني ڳانڍاپو ٽٽو هو ۽ نہ ساڻس ذاتي نياز منديءَ جو انت آيو هو. هينئر ڪامريڊ ستر سالن جي ڄمار کي رسي چڪو هو ۽ سنڌ توڙي ننڍي کنڊ جو مهانُ دانشور مڃيو پئي ويو. ان وچ ۾ مونکي هڪڙيءَ سنڌي اخبار روزاني عوامي آواز، ڪراچيءَ جي ايڊيٽر ٿيڻ جو موقعو مليو. ١٥ جولا ١٩٩٠ع تي اخبار سنڀالي مون پنهنجي هڪ نوجوان اديب دوست محمد علي پٺاڻ سان مشورو ڪيو تہ ڇا اهو ممڪن آهي تہ ڪامريڊ سوڀو منهنجي اخبار لاءِ پابنديءَ سان هفتيوار ڪالم لکي؟ اها منهنجي آس ضرور هئي پر مونکي آسرو گهٽ هو تہ ڪو ڪامريڊ هر هفتي اخبار لاءِ ڪالم لکي ڏيندو. ان جو سبب اهو هو تہ مونکي چڱي طرح خبر هئي تہ ڪامريڊ پنهنجي روزاني، زندگيءَ ۾ ڪيترا اهم انٽرويو رڪارڊ ڪرائيندو رهيو آهي ۽ ڪيترن اهم موقعن تي اڻ وسرندڙ تقريرون ڪندو رهندو آهي جن جون خبرون اخبارن ۾ ڇپبيون رهنديون آهن. پر هو ڪنهن اخبار يا رسالي لاءِ ڪڏهن بہ لاڳيتو نہ لکندو آهي. ان ڪري مان گهٽو پُر اميد نہ هوس پر منهنجي نوجوان اديب دوست مونکي همت ڏياري ۽ هن ذمو کنيو تہ هو جيئن تہ پاڻ بہ لاڙڪاڻي ۾ رهي ٿو جتي اڄ ڪلهہ ڪامريڊ سوڀي جو گهر آهي. ان ڪري هو ڪامريڊ کان تاڪيد سان ڪالم وٺي ڪراچيءَ ڏياري موڪليندو.

اهڙي انتظام ٿيڻ ڪانپوءِ ئي اسان ڪامريڊ سوڀي آڏو پنهنجي آس جو اظهار ڪيو.هو تہ هونئن ئي ڏاڍو ٻاجهارو ۽ گهاٽي وڻ جي ڇانوَ جهڙي دل رکندڙماڻهو آهي. سو راضي ٿي ويو ۽ مونکي ان ڏينهن پنهنجن اکين تي اعتبار نہ پئي آيو جڏهن ٢٦ جولاءِ ١٩٩٠ع واري اخبار ۾ سندس پهريون ڪالم پئي ڇاپيم - ڪالم جو مستقل عنوان،"تاريخ جا وساريل ورق" ڪامريڊ جي پنهنجي پسند هئي. بهرحال اڳتي هلي، منهنجي زور ڀرڻ تي ڪامريڊ ان تي راضي ٿي ويو تہ سندس ڪالم جو مستقل عنوان"تاريخ ڳالهائي ٿي،" رکيو وڃي.

پنهنجي جاءِ تي اها هڪ حقيقت آهي تہ ڪامريڊ سوڀي جي هفتيوار ڪالم سنڌ ۽ هند جي سنڌي صحافتي ۽ ادبي حلقن ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو هو. سنڌ ۽ پاڪستان کان ٻاهر ڪامريڊ جا ڪيترائي دوست، گهڻگهرا توڙي اوپرا کوجنا ڪندڙ فرد توڙي ادارا هن ڪالم ۾ دلچسپي وٺڻ لڳا ڇاڪاڻ تہ ڪين ٻلڪيءَ سٺ بروڙ هئي، تہ ڪامريڊ سوڀو سنڌ جي سياسي نبض تي هٿ رکي لکي رهيو آهي.

اهوئي سبب هو جو روزاني عوامي آواز ڪراچيءَ جو وڪرو ٻين ڪيترن ئي سببن سان گڏ خاص ڪري ڪامريڊ سوڀي جو ڪالم جي ڪري وڌي ويو هو.

ڪامريڊ سوڀي جي ڪالم جو سنڌ جي سياسي ڪلچر تي جيڪو اثر پوڻو آهي. ان جو اندازو اڳتي هلي ٿيندو.

سنڌ جي خاص ڪري هاڻوڪي سياسي ڪلچر جو هڪ اهو به الميو آهي ته اسان جي سياستدانن ۽ سياسي ڪارڪنن مان ڪيترن کي انهن مسئلن جو اونهو اڀياس ناهي جن کي سياسي رنگ ڏيئي پنهنجي سياست هلائي رهيا آهن.

ان حقيقت کان انڪار ڪري نه ٿو سگهجي ته ڏکيي تاريخي پس منظر ۾ مسئلن کي پرکڻ ۽ سمجهڻ ڪانسواءِ انهن کي پنهنجي سياست جو موضوع بڻائڻ سان نه رڳو سياسي مقصد ۾ ڪاميابيءَ جا امڪان گهٽجي سگهن ٿا پر ائين به ٿي سگهي ٿو ته خود سياست ئي بدنام ٿي وڃي.

سو سياسي تبديليءَ لاءِ جاکوڙيندڙ ماڻهن لاءِ ڏاڍو ضروري آهي ته اهي دنيا ۾ انهن مڙني سياسي تجربن ۽ تحريڪن جو گهرو اڀياس ڪن جيڪي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ سياسي ۽ سماجي تبديلي جو ڪارڻ بڻيا آهن. جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته پوءِ چئبو ته اسان جو سياسي ڪلچر ”انڌي گهوڙي ڪلَ ۾“ آهي.

ڪامريڊ سوڀي گيانچندانيءَ سنڌ جي سياسي ڪلچر کي اڻ - ڄاڻائيءَ جي اونده مان ڪڍڻ لاءِ جس -لهڻي جاکوڙ ڪندي پنهنجن اخبارن ڪالمن ذريعي دنيا جي سياسي انقلابن ۽ سماجي تحريڪن تي جيڪا روشني وڌي آهي ان جو اثر سنڌ جي مقداري سياست کان وڌيڪ معياري سياست تي اَوس پوندو ۽ ان جو احساس گهڻو اڳتي هلي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ محسوس ٿيڻ لڳندو.

سندس پهريون ڪالم ”حُر تحريڪ“ بابت چند ويچارن تي ٻڌل آهي جيڪو ٢٦ جولاءِ ١٩٩٠ع واري روزاني عوامي آواز اخبار ۾ ڇپيو هو. ان ڪالم ۾ پاڻ لکيو هئائين ته ”ارادو ڪيو اٿم ته ڪجهه اهڙن واقعن، تاريخي موڙن ۽ شخصيات جو ذڪر ڪجي جنهن سان پڙهندڙن کي تاريخي معلومات کان علاوه موجوده صورتحال کي سمجهڻ، ان مان سبق حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي لاءِ رستو ڪڍڻ ۾ ڪا مدد ملي سگهي“ ۽ واقعي ڪامريڊ سوڀي جي ڪوشش ان لحاظ کان ڏاڍي وقتائتي آهي ڇاڪاڻ ته سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو، جن جي پڙهڻ لاءِ سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ اهي ڪالم لکيا ويا آهن، سي اڄڪلهه انهيءَ سياسي اُٿل پٿل ۾ آهن ته عالمي ۽ مقامي وايو منڊل جي روشنيءَ ۾ ڪهڙو سياسي رستو اختيار ڪيو وڃي؟ اهو سوال نظرياتي لحاظ کان بيحد اهم آهي ۽ ان جو جواب به صرف ڪامريڊ سوڀي جي حيثيت وارو ڪو اهڙو ماڻهو ڏئي سگهي ٿو جنهن سنڌ ۾ ويهي نندي ڪنڊ جي سياسي سمونڊ ۾ پيدا ٿيندڙ هڪ هڪ لهر پنهنجين اکين سان ڏٺي هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حُر تحريڪ تي لکيل پنهنجي ڪالم ۾ ڪامريڊ هڪ اهڙي ڳالهه ڏني آهي جنهن جي اسان مان گهڻن کي خبر نه آهي. پير صبغت الله پاڳاري شهيد بابت لکيو اٿس ته "جيل مان نڪرڻ تي هُن پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪاڏيءَ ڏاهڻ لاءِ چرخا ۽ آڏاڻا گهرائي هڪ چڱو خاصو مرڪز قائم ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ هن جون ملاقاتون جئرامداس دولت رام (گانڌيءَ جو ساٿو هٿ ۽ ڪانگريس ورڪنگ ڪميٽي جو ميمبر) سان ٿيون، ۽ ٻيا ننڍا وڏا ڪانگريسي سَون جي تعداد ۾ پير ڳوٺ جو طواف ڪندا نظر ايندا هئا."

تاريخ جي رڪارڊ کي درست رکڻ هر ايماندار دانشور، اديب، صحافي ۽ پيشور تاريخدان جو فرض آهي پوءِ اهڙي حقيقت بيان ڪرڻ سان ڪنهن کي ڳالهه وڻي يا نه وڻي ته اهو فرد ۽ تاريخ جو ذاتي مامرو آهي. ڪامريڊ پنهجن ڪالمن ۾ تاريخي حقيقتون جيئن جو تيئن پيش ڪندي هڪ ئي دلچسپ روايت قائم رکي آهي. هُن ڪيترن اهم سياسي ۽ ٻين معاملن تي پنهنجي ٻاران فتويٰ صادر ڪرڻ بدران پڙهندڙ کي آزاد ڇڏيو آهي ته نتيجو هو پاڻ وجهي ڪڍي. ان ڪري حُر فورس بابت پنهنجي ڪالم ۾ ڪامريڊ لکيو آهي ته، "اهو فورس عوام جي بهتريءَ، خدمت ۽ نجات لاءِ به ڪم اچي سگهي ٿو ۽ انهن کي غلام رکڻ لاءِ حڪمرانن جو هٿيو ٿي به استعمال ٿي سگهي ٿو".

ان قسم جي لکڻيءَ مان ليکڪ جي سنجيدگي ۽ بردباريءَ جي بوءِ اچي ٿي. پنهنجن ڪيترن ڪالمن ۾ ڪامريڊ سوڀي بحث هيٺ آيل صورتحال کي بيان ڪري نتيجو هڪ يا ٻن اهم سوالن جي صورت ۾ پڙهندڙ آڏو رکي ڇڏيو آهي. "دهشتگرديءَ واريءَ سياست"، جي عنوان هيٺ لکيل ڪالم ۾ هڪ جاءِ تي ڪامريڊ لکيو آهي ته، "سال ١٩٩٠ع ۾ اهو چوڻ مشڪل آهي ته اڳتي هلي عوامي تحريڪن جو جذبو اياريندڙ ۽ سرواڻ شخصيت گانڌي هوندو يا مارڪس؟" آئرلينڊ، هندستان، آمريڪا ۽ سنڌ ۾ دهشتگرديءَ واري سياست جي واقعن جو جائزو وٺندي ۽ فرانس جي نوبل انعام کٽندڙ ليکڪ رومين رولينڊ جي ڪتاب "لينن اينڊ گانڌي" جو ذڪر ڪندي ڪامريڊ ڄاڻايو آهي ته، "بندوق جي ناليءَ مان انقلاب ته اچي سگهي ٿو پر هڪ خوشحال گهر ٺهي نه ٿو سگهي".

سياست ۾ تشدد ۽ عدم- تشدد وارن عالمي رجحانن تي بحث ڪندي ۽ سڄي دنيا ۾ آيل انقلابن ۽ سماجي تبديلين جو ذڪر ڪندي ڪامريڊ سوڀي عوامي تحريڪن جا ٻه قسم ڄاڻايا آهن. هڪ هٿياربند جدوجهد، ٻيو پر امن آئيني طريقن واري ويڙهه ۽ ٽين هٿيارن ۽ آئيني طريقن جي ميلاپ واري جدوجهد. ان سلسلي ۾ جتي انقلابي تشدد وارو نسخو ڪامياب ٿيو آهي اتي ان جو حقيقت وچان جائزو ورتو اٿائين ۽ جتي آئيني طريقن ۽ پر امن نموني آزادي حاصل ڪئي وئي آهي اتي ان جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

... ۽ ويو اٿس. البت پنهنجي ليکي اهو نتيجو ڪڍيو اٿس ته، "دهشتگردي ڪنهن به مسئلي جو حل ناهي. نه قومي مسئلي جو، نه مذهبي مسئلي جو ۽ نه ڪنهن نسل يا ٻوليءَ جي بنياد تي ڪنهن مسئلي جو حل آهي.

شخصي تشدد ته ڪڏهن به ڪنهن مسئلي جو حل ڪونهي. پر رووليوشنري وايولينس يعني اجتماعي انقلابي تشدد به اڄ طاقتور هٿيارن آڏو ڪمزور ٿي ويو آهي. ڪالهه (نيلسن) منڊيلا ۽ سندس جماعت آفريڪن نئشنل ڪانگريس في الحال انقلابي تشدد جي پاليسي معطل ڪري ڇڏي آهي جنهن تي هو ٢٧ سالن کان عمل ڪري رهيا آهن.

هونئن هن ڪتاب ۾ ڪامريڊ سوڀي ماضيءَ جي تاريخ جي حوالي سان موهن جي دڙي واري تهذيب تي به لکيو آهي. (ڏسو ڪالم ١٨) ته ٻن مهاڀاري جنگين جو پس منظر پڻ ڏنو آهي جنهن ۾ اُن وقت جي عالمي سياست جي اٿل پٿل کان وٺي موجوده دور ۾ متحد ٿيل جرمنيءَ واريءَ تبديليءَ تائين وارن بين الاقوامي واقعن جو خوبصورت وچور آيل آهي (ڪالم ١٦) پر فلسطين جي سرزمين تي يهودي رياست جي قيام بابت ڪالم ٢۴ ۾ جنهن عالمي انياءَ جو ذڪر ڪيو اٿس ان کي پڙهي محسوس ٿئي ٿو ته ويهين صديءَ ۾ به انسانن اڃا تهذيب نه سکي آهي : "٢ نومبر ١٩١٧ع تي برطانوي حڪومت هڪ مختصر پڌرنامو جاري ڪيو جنهن جو نالو بيلفور ڊڪليئريشن هو. ان ۾ چيو ويو هو ته يهودي ماڻهن لاءِ فلسطين (جي علائقي) ۾ قومي وطن ٺاهيو ويندو. هي فيصلو انگريز جنگي ڪابينا ڪيو. ان ۾ چيو ويو ته فلسطين ۾ جنگ جي خاتمي بعد يهودين جو وطن ٺاهيو ويندو. هي فيصلو ان وقت ٿيو جنهن وقت عرب، ترڪي سلطنت خلاف انگريزن سان گڏ لڙي رهيا هئا ۽ فلسطين اندر عربن جي آدمشماري نوي سيڪڙو هئي ۽ نوانوي سيڪڙو زمين عربن جي ملڪيت هئي ۽ اهو وطن انهن يهودين لاءِ قائم ڪيو پئي ويو جن اڃا فلسطين جي سرزمين تي قدم ئي نه رکيو هو...... ١٩١٨ع ۾ ٥٦ هزار يهودي فلسطين ۾ هئا ۽ ١٩۴٨ع ۾ سندن تعداد ساڍا ڇهه لک تي ويو هو ۽ ساڳي ئي سال انگريزن فلسطين ۾ يهودي دهشتگردن جي دٻاءَ هيٺ فلسطين کي تقسيم ڪري ٻن حصن ۾ ورهائڻ جو فيصلو ڪيو".

ان سان گڏ ايراني نار واري جنگ ۽ عراق جي تاريخ جاگرافيءَ تي لکندي ڪامريڊ پنهنجي سياسي جائزي ۾ ٣١ ڊسمبر ١٩٩٠ع تي لکيو هو ته ١٥ جنوري ١٩٩١ع واري حد گذرڻ کانپوءِ جيڪڏهن عراق ڪويت خالي نه ڪيو ته آمريڪا ۽ ان جا اتحادي ڪوشش ڪندا ته عراق کي تباهه ڪن. هن مسئلي تي ٢٥ ۽ ٢٦ ڪالم ۾ پڻ خاصي معلومات ملي ٿي.

... ڊ سوڀي پنهنجن ڪالمن ۾ ڪجهه اهم شخصيتن جو به ذڪر ڪيو آهي جن ... ئين جي ايم سيد، حشو ڪيولراماڻي، حسن ناصر شهيد، نظير عباسي شهيد،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪامريڊ عبدالقادر ۽ پنا لال داس گپتا شامل آهن.

البت سندس اهي ڪالم بيحد اهم آهن جن ۾ هن سوشلزم ۽ ڪميونزم جي حال ۽ آئيندي تي لکيو آهي ۽ جن ۾ هن ١٩٤٦ع وارن هندو - مسلم فسادن جي روشنيءَ ۾ بهارين جي لڏ پلاڻ ڪان وٺي سنڌ کي ٽڪر ٽڪر ڪرڻ وارين موجوده سازشين تائين صورتحال جو جائزو ورتو آهي. ١٩٤٦ع جي هندو - مسلم فسادن ۽ بهارين جي لڏ پلاڻ واري پس منظر ۾ ڪالم نمبر ٢٢ ۾ سنڌي مهاجر جهيڙي ڪانپوءِ سنڌ جي ورهاست وارين ڳالهين بابت جڏهن سندس ڪالم نمبر ١٢ پڙهجي ٿو تڏهن صورتحال جي سنگيني محسوس ٿيڻ لڳي ٿي ۽ شديد احساس ٿئي ٿو تہ مستقبل ۾ سنڌ جي ورهاڱي کي روڪڻ لاءِ سنڌين کي هوش و حواس کان ڪم وٺي وڏي جدوجهد ڪرڻي پوندي. ان سلسلي ۾ ڪامريڊ لکي ٿو تہ" ظاهر آهي تہ "مهاجرستان" سنڌ اندر ائين قائم ٿيندو جيئن فلسطين جي ڌرتيءَ تي اسرائيل جو قيام". سنڌ اسيمبليءَ جي ١٩٥٣ وارين چونڊن ڪانپوءِ جي ايم سيد ۽ هاري ڪميٽي جي سهڪار سان قائم ڪيل سنڌ عوامي محاذ کي ٤١ مان ٧ سيٽون ملڻ تي وفاق پاران سنڌ کي اولهہ پاڪستان ۾ شامل ڪرڻ يا ورهائڻ جون جيڪي سازشون تيار ڪيون هيون انهن جو ذڪر ڪندي ڪامريڊ لکي ٿو تہ، "سنڌين مان اها اميد رکڻ تہ هو خودڪشي ڪرڻ قبول ڪندا يا سنڌ جي ڪنهن ورهاڱي واري اسڪيم تي سنڌين کان صحيح ڪرائيندا، پاڳلپڻي جي نشاني آهي ۽ جيڪي سمجهن ٿا تہ ڪين سنڌ مٿان راڄ ڪرڻ جو حق سندن "فتح" جي نتيجي ۾ مليو آهي تہ هنن کي تاريخ ورائي پڙهڻ گهرجي. فاتح کي اهو حق مفتوح ڪڏهن بہ نہ ڏنو آهي"..........

"سنڌ فاتحن جي غلامي ڪڏهن بہ هميشہ لاءِ قبول نہ ڪئي آهي ۽ هي تہ فاتح بہ ناهن. هنن کي تہ اسان دعوت ڏيئي سڏ ڏنو هو. هنن جا حق صرف دعوتين جا آهن". بهر حال هن بحث جو نتيجو ڪامريڊ هنن لفظن ۾ ڪڍيو آهي. "مهاجر - سنڌيءَ واري مسئلي جو حل سنڌ ۾ آهي. ۽ ان گڏيل سنڌ جي مفادن لاءِ مهاجرن ۽ سنڌين ۽ ٻين هتي ويٺل قومن کي گڏجي جدوجهد ڪرڻي آهي".

سوشلزم ۽ ڪميونزم جي آئيندي تي پنهنجي ١ نومبر ١٩٩٠ع واري ڪالم نمبر ١٤ ۾ سوويت يونين ۾ ايندڙ تبديلين جو جائزو وٺندي انهن مقامي ۽ عالمي سببن جو ذڪر ڪيو اٿس جيڪي انهيءَ اٿل پٿل جو سبب بڻيا آهن. اهي سبب مختصر طور هي آهن : (١) سوويت يونين لاءِ آمريڪا ۽ ٻي سرمائيدار دنيا جي هٿياربنديءَ جي مقابلي ۾ چڙهائيءَ ناقابل برداشت حد تائين وڌي چڪي هئي. (٢) ٻي مهاڀاري جنگ ڪانپوءِ سوويت يونين پنهنجن اتحادي ملڪن جو جيڪو اقتصادي ۽ ٻيو بار کنيو هو سو سوويت يونين جي پورهيتن کي لاڳيتو ٤٥ سالن تائين

برداشت ڪرڻوتي پيو. ان ڳالهہ شايد روسي عوام کي آماد ڪيو تہ هو ڪميونزم جي ڀاري بوجهہ مان جان ڇڏائڻ ۽ پنهنجي قبضي/ اثر آيل سمورن ملڪن کي ڍر ڏيڻ تہ اهي پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن. (٣) ان ڪ ناهي تہ سوشلسٽ معيشيت ۾ نوڪر شاهيءَ مزدور جي پيش قدميءَ ۽ تخليقي صلاحيتن کي دٻائي رکيو هو. گڏيل ملڪيت سبب ترغيب جو ع ذري گهٽ ختم ٿي ويو هو. مٿيان خرچ وڌي ويا هئا ۽ پئداوار جي گڏيل فنڊن ۽ هر شخص کي جيڪو حصو پتي پئي پيو اهو ڪيترن حالتن ۾ سرمائيدار ملڪ جي مزدورن کان بہ گهٽ هو.

(٤) ٻي جنگ عظيم کانپوءِ اولهہ جرمني، جاپان، فرانس، برط ۽ آمريڪا جون معيشتون پورهيتن ۽ ٽيڪنوڪريٽن کي اهو ڪجهہ ڏئي سگهيو ن جيڪي سوشلسٽ نظام نہ ڏئي سگهيو هو. ان ڪري سوشلسٽ معاشرن بيچيني ۽ نيٺ بغاوت ڦهلجي وئي. ان بغاوت کي دٻائڻ وڏيڪ ممڪن نہ هو وربا چوف جي سوچ انهن نہ حل ٿيندڙ مسئلن جو جواب آهي.

ان حقيقت پسند جائزي وٺڻ کانپوءِ ڪامريڊ جيڪو نتيجو ڪ آهي ان مان سوشلزم ۽ ڪميونزم جي آئيندي بابت سندس اڻوٽ ايمان ظاهر آهي: "گورباچوف رهي يا نہ رهي، سرمائيدار فلاسافرن جون اڳڪٿيون سچ هجن يا ڪوڙيون ٿين ۽ اسان جا مايوس ۽ ڀاڄوڪڙ سوشلسٽ ڀاڻ کي ڀل تہ ڪندا رهن تہ سوشلزم، ڪميونزم جو انت اچي چڪو آهي، پر مونکي پور ن آهي تہ انسانن جي پنهنجي بهتر مستقبل لاءِ گڏيل جدوجهد ختم ڪو نيندي. سوشلزم ۽ ڪميونزم جو آدرش يقيناً ڪامياب ٿيندو ۽ حقيقي صورت وٺندو.... اهو خواب مارڪس يا لينن ڪونہ لڌو هو پر صدين کان محنت ڪش مجبور ۽ مظلوم انسان اهو خواب سرڳ ۽ بهشت جي تصوير ۾ ڏٺو هو. جنهن جي تعبير اٿويهين ۽ ويهين صدين ۾ مارڪس، اينگلس، لينن، اسٽالن ۽ مائو، ناممڪن مان ممڪن ڪري ڏيکاري هئي".

اپريل ١٩٩٢ع — انور پيرزادو

ڳوٺ ٻلهڙيجي

تعلقو لب دريا (ڏوڪري)

ضلعو چانڊڪو (لاڙڪاڻو)

سنڌ (پاڪستان)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(سڄي لفظ)

سوڀو - سچ جي تاريخ

ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ جي شخصيت ۽ فڪري گوناگونيت جي ڄاڻ مونکي عمر جي ان حصي ۾ ملي هئي. جڏهن ادب سان منهنجي نئين نئين واقفيت ٿي هئي ۽ ڏهن ٻارهن سالن جو مس هيس. انهن ڏينهن ۾ سنڌي ادبي سنگت جي دستوري گڏجاڻين ۾ باقائدگيءَ سان شريڪ ٿيڻ جي چُوس هوندي هيم، جن ۾ ڪيترن ئي دوستن ۽ سڄڻن جي واتان، تمام گهڻي ادب ۽ احترام وچان سوڀي گيانچنداڻيءَ جو ذڪر ٻڌو هوم ته، اهو سوڀو، جنهن دنيا جي آمرن سان ٽڪر کائي، پنهنجي بهادريءَ جا نوان مثال قائم ڪيا هئا. جنهن جيلن جي بند سيخن پٺيان رتو ڇاڻ ٿيندي به حوصلو نه هاريو هو، اهو سوڀو اڄڪلهه خاموش آهي.

هن جي اها خاموشي تنهن زماني کان ئي منهنجي ذهن جو هڪ اهڙو سوال بڻجي وئي، جنهن جي جواب جي حاصلات لاءِ مونکي خود ئي جاڪوڙڻو پيو ۽ ڪامريڊ جي ڪڍ لَنگَ ٻڌي ان سفر جو سانباهو ڪرڻو پيو، جنهن تان موٽڻ مهڻو ليکيو ويندو آهي ۽ مايوس ٿيڻ اهڙو طعنو، جيڪو ترار جي زبري ڌَڪَ کان به وڌيڪ زورائتو محسوس ڪيو ويندو آهي........

مان هن جي اوطاق تي پابنديءَ سان وڃڻ لڳس ۽ ڪيس تحرير يا تقرير لاءِ آمادهه ڪندو رهيس. هن پهريان ته وٽ ئي نه ڏني، پر بعد ۾ جڏهن منهنجي عشق کي چوٽ تي چڙهيل ڏٺائين ته پنهنجي پيرن تان صرف ايترو سُريو، جو ادبي سنگت جي ڪن خاص گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻ جي حامي ڀريائين. مون موقعي مان فائدو وٺندي ڪيس انهن خاص گڏجاڻين ۾ ڪڏهن مهمان خاص جي حيثيت سان ڪوٺ ڏني ته ڪڏهن صدر جي حيثيت سان ۽ اها به ائين ته دعوت ناما هن سان صلاح ڪرڻ ڪانسواءِ ڇپرائي هن آڏو اچي رکيم ۽ هو مُرڪندي انهن ۾ شريڪ ٿيو. خاموشيءَ جا بند ٽٽي پيا. سنڌوءَ جي وڏين رڏين ڇولين جهڙا خيال اٿلي پيا. ڪپر ۽ ڪنارا ڪکن پنن وانگر اُڏي فنا ٿي ويا........

اڳتي هلي جڏهن ان سلسلي کي اڻ ٽُٽ محسوس ڪيم ته هڪ ٻيو خواب اندر مان سرجي اٿيو، جنهن جي تعبير لاءِ به ساڳيو ئي ڏگ اختيار ڪيم ۽ ڪيس هڪ ادبي گڏجاڻيءَ ۾ سائنس صلاح ڪرڻ ڪانسواءِ دعوتنامو ڇپرائي نئين ڪهاڻي پڙهڻ جي گذارش ڪيم. جيڪا هن پاڻ تي انتهائي جبر ڪرڻ ڪانپوءِ "انقلابيءَ جو موت" نالي سان لکي منهنجو مانُ مٿانهون ڪيو.

ان ڪهاڻيءَ ڪانپوءِ مان مسلسل ان تاڙ ۾ رهيس ۽ ڪامريڊ کي تمام گهڻو مجبور ڪيم ته هو لکڻ جي سلسلي کي به ڳنڍي، پر هن هميشه هائوڪار ڪرڻ

ڪانسواءِ ڪا عملي موت نہ ڏني، يعني هڪ ڪن ڪان ٻڌي ٻئي ڪن ڪان ڪڍي ڇڏيندو هو.

گهڻو تاثير ان وٽ ونان ۾ بي سود گذارڻ ڪانپوءِ هڪ ڏينهن اوچتو انور پيرزادو ڪراچيءَ مان لاڙڪاڻي اچي سهڙيو. ٻڌايائين تہ "عوامي آواز" جي ايڊيٽر واري چارج سنڀالڻ لاءِ راضي ٿي ويو آهي ۽ ايندڙ ٽن چئن ڏينهن جي اندر پنهنجو ڪم شروع ڪندو.

انور جي اها ڳالهہ ٻڌي، مونکي پنهنجي خواب جي تعبير جو هڪ نئون موقعو سُجهي آيو. چيومانس،"جيڪڏهن تنهنجي ايڊيٽريءَ واري دور ۾ "عوامي آواز" ۾ ڪامريڊ سوبو هر هفتي پابنديءَ سان ڪالم لکي تہ ڇاتو ڀانئين ؟.....

انور چيو تہ اهو ناممڪن آهي......."

مون چيو، "ممڪن ٿي سگهي ٿو...."

پڇيائين، "ڪيئن ؟....."

چيومانس،"هر هفتي ڪامريڊ جي در تي لٽ ڪٽي سينَ وجي هٿندس ۽ ڪالم لکرائي تو ڏانهن روانو ڪندس...."

چيائين،"جيڪڏهن ائين ٿئي تہ مان پنهنجي لاءِ اهو تمام وڏو اعزاز سمجهندس....... پر ائين نٿو ٿي سگهي..... ان خواب جي تعبير ملڻ مشڪل آهي".....

انور جي ان نا اميديءَ منهنجي اتساه کي نئون پاڻي ڏنو ۽ هن جيئن ئي ايڊيٽر جي چارج سنڀالي تہ مان ڪامريڊ سوبي وٽ ڪاغذ ۽ قلم کڻي، ڌرڻو هڻي ويهي رهيس تہ،" توهان چوندا وڃو ۽ مان لکندو ٿو وڃان..... انور سان واعدو ڪيو اٿم.....انڪري توهان جو ڪالم ڪنهن بہ صورت ۾ موڪلڻو آهي...."

منهنجي هن نئين ضد کي ڏسي ڪامريڊ سوبو بہ ٽي منٽ سُنَ ۾ اچي ويو. اکيون جيئن کُليس تہ چيائين، لک......"

۽ مون لکڻ شروع ڪيو.......

ڪالم لکرائي جڏهن اُن جي پڇاڙيءَ تي پهتو تہ مخصوص نظرن ۽ هٿن جي خوبصورت اشاري سان چيائين،" بس......"

مون پين روڪي ڇڏي ۽ فُل اسڪيپ جا ٽي ورق ڪامريڊ جي حوالي ڪيم تہ هو ڪالم جي گهاٽين واڏين تي نظرثاني ڪري تہ جيئن ڪالم فيئر ڪري انور ڏانهن ترتَ روانو ڪريان.

هن خاموشيءَ سان ڪاغذ مونکان ورتا ۽ اکين تي نظر جو چشمو ..... ڪالم تي نظرثاني ڪري منهنجي حوالي ڪيائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهرئين ڪا... ي ڇيڇڻ بعد ٻيو ڪالم لکرائڻ لاءِ جڏهن مان ڪامريڊ وٽ پهتس ته هن ترت ئي ئي هنيون......

"اڄ ته مان ...ل آهيان........پانيان ٿو مٿي ۾ به سور آهي..... صبحاڻي اچجانءِ........"

ٻئي ڏينهن تي ...س ته چيائين." اڄ سچو ڏينهن ماٺهن منهنجو مٿو ڪاڏو آهي...... چيتو جا ...ڪونهيم...... صبحاڻي....."

ٽئين ڏينهن تي ...الم موڪلڻ تمام ضروري هو نه ته واعدي جي برخلافيءَ جو ڇٽو پئي لڳو. ان... ي گوڏا کوڙي ويهي رهيس ۽ هن جي انڪار جي باوجود ڪاغذ آڏو رکي پين... چيم."ها سائين....چا لکان؟"

هن ساڳئي نه و... ...حان اکيون پوٽي ڇڏيون. مان هن ڏانهن ويچارين اکين سان ڏسندو رهيس. ٻه ...ار منٽ گذري ويا ۽ پوءِ هن جيئن ئي اکيون کوليون ته چيائين."لکَ......."

۽ ائين ٻيو ڪالم ... ي انور ڏانهن موڪليم، اهو ڇپيو ته ٽئين ڏينهن ڪالم لاءِ ڪامريڊ جي پوئ... ...يدي ڪ... ي پيس. ڇٺن ڏينهن جي نااميديءَ ڪانپوءِ پنجين ڏينهن ڪامريڊ ... ...يم."هنان مان تيستائين ويندس ئي ڪو نه، جيستائين ڪالم نه لکرائيند..."

ڪامريڊ منهنجو ... ... اٺيون ڏسي ماٺ ڪئي ۽ چيو، لِکَ......"

چوڻين ڪامر... ... ...تس ربي... ته ڪامريڊ ڪاوڙ ۾ پرجي چيو.

"يار ! تون چو مس... ... ...پيان پو ... ن..... نه مهل ڏسين نه موقعو.... حڪم ... صادر ڪرين... ... ... ڪا... ...ين ته ڪونه آهيان ته هيڏانهن تو بترڻ دپابه... ... ...ر پاهر نڪتو....

ان ...نهن ... ڪامريڊ ... ... ڏسي مون سائنس بحث نه ڪيو ۽ خاموشيءَ سان سند... ...طار... ...اه نڪر... ...س.....

ٻئي ڏينهن ته ... ي ... ڪالم جي تاثير تي ... ...مول موجب مان جيئن ئي سندس اوطاق اندر داخل ٿيس ته مون ڏانهن ڏس... ...رڪي ويٺو."چيائين ڪالهه مون توسان ٿورو تکوڳالهايو هو..... تو مائيند ته نه ڪيو."........."

منهنجي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو چيم."نه......"

پريل اکين ڏي ڏسي ويجهو سري آيو. ڪلهي تي پاڄهه سان هٿ رکي چيائين. "تون مونکي ٻچن وانگر پيارو آهين..... منهنجي دل ۾ نه ڪندو ڪر......"

ائين ڪڏهن راضپي سان ۽ ڪڏهن زور زبردستيءَ سان، ڪامريڊ کان هن ڪتاب "تاريخ جا وساريل ورق" ۾ شامل هي ستاويهه ڪالم لکرائي پورا ڪيم. جن جي ڇيڇڻ تي مونکي ايتري سرهائي ٿي رهي آهي، جيتري پنهنجي ڪتاب جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇيڇڙن تي به نه ٿي هئي.

هن ڪالمن ۾، جيڪي ڪامريڊ سوڀو مونکي چوندو ويو ۽ مان لکندو ويس، سي پڙهڻ ڪانپوءِ توهان به يقينن منهنجي راءِ سان سهمت ٿيندا ته هي ان ذهن جي خيالن، عقل ۽ شعور جو نچوڙ آهن، جيڪو سنڌ جي حالتن تي ئي نه پر دنيا ڀرجي ڦيرين گهيرين تي به گهري نظر رکي ٿو. مُنجهيل ماڻهن کي واٽون ٻڌائي ٿو ۽ سٽلن کي ڏونڌاڙي جاڳائي ٿو.”بندوق جي ناليءَ مان انقلاب ته اچي سگهي ٿو، پر هڪ خوشحال گهر نٿو ٺهي سگهي !!.....“

- محمد علي پٺاڻ

لاڙڪاڻو-
۳۰-۳-۱۹۹۲ع

پيش لفظ

اسان جو ادارو 'سنڌي ساهت گهر'، پنهنجي لاءِ هيءُ اعزاز ٿو سمجهي تہ برصغير جي عظيم نظرياتي اڳواڻ ۽ سنڌ جي عظيم المرتب انسان سائين ڪامريڊ سوڀي گيانچندڻيءَ جو پهريون ڪتاب شايع ڪري رهيو آهي. جنهن لاءِ اسان پنهنجي هن عظيم محسن جا ٿورائتا آهيون.

اسان کي هيءَ بہ اُميد آهي تہ اسان جا لائق پڙهندڙ، پنهنجي هن عظيم اُستاد جي يادگيرين مان چڱو لاڀ حاصل ڪندا ۽ سنڌ جي سياست ۽ تاريخ کي ان نظر سان ڏسندا ۽ پرکيندا، جنهن جو ڪامريڊ ڏَسُ ڏنو آهي.

اسان جو ادارو ڪوشش ڪندو تہ ڪامريڊ جي ڪيترن ٽڙيل پکڙيل مضمونن، مقالن، ليڪچرن، ڪالمن ۽ ڪهاڻين کي سوڏي سَموهي پڙهندڙن تائين آڻي. گڏوگڏ ادارو اِهو بہ ارادو رکي ٿو تہ ڪامريڊ جي شخصيت بابت مفصل ڄاڻ ڏيڻ لاءِ، ڪيترن حصن تي مشتمل ڪتاب آندا وڃن. اُن سلسلي ۾ اسان ڪامريڊ سائينءَ جي رفيقن ۽ ساٿين کي هيءَ نماڻي گذارش ٿا ڪريون تہ هو ڪامريڊ بابت پنهنجا مضمون وغيره اسان ڏانهن ڏياري موڪلين يا سندن نظر ۾ اهڙو ڪو مواد هجي تہ اُن جي نشاندهي ڪن ۽ ڪامريڊ سائينءَ جي ٽڙيل ، پکڙيل مواد بابت پڻ ساڳي گذارش ٿا ڪريون.

● ناز سنائي

حيدرآباد سنڌ

٨- سيپٽمبر- ١٩٩٢ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حُرُ تحريڪ

عوامي آواز جي انتظاميه پاران ڳچ وقت کان حڪم هو تہ سنڌن لاءِ ڪجهه يادون، ڪجهه وسريل تاريخ جا ورق پڙهندڙن جي چاڻ، تعليم ۽ تربيت لاءِ پيش ڪريان، پر پنهنجي پيشورانہ سياسي ۽ ادبي مصروفيات سبب وقت نہ پئي مليو، جو ڪا ڪم جهڙي شيءِ لکي موڪلي سگهان. پر جناب امداد اوڍي صاحب جي مُسلسل ترغيب ۽ طلب سبب ارادو ڪيو اٿم تہ ڪجهه اهڙن واقعن، تاريخي موڙن ۽ شخصيات جو ذڪر ڪجي، جنهن مان پڙهندڙن کي تاريخي معلومات کان علاوه موجوده صورتحال کي سمجهڻ، ان مان سبق حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي لاءِ رستو ڪيڏڻ ۾ ڪا مدد ملي سگهي. ان لاءِ اڄوڪي صحبت ۾ مان ذڪر ڪرڻ چاهيندس ٻي عظيم جنگ دوران هن پنهنجي ڌرتيءَ تي هليل هڪ اهڙي تحريڪ جو جنهن انگريز سلطنت جون پاڙون لوڏي ڇڏيون هيون. هن تحريڪ جو نالو آهي "حُر تحريڪ".

پير صبغت الله پاڳارو، جيئن هر ڪنهن کي خبر آهي تہ 1934ع ۾ هڪ اخلاقي ڏوهہ ۾ سزا ونئي ويو ۽ ڪيس بمبئي صوبي جي مختلف جيلن ۾ رکيو ويو. سنڌ ان وقت بمبئيءَ جو حصو هئي. ان جيل بنديءَ دوران سندس ملاقات هندستان اندر هلندڙ سياسي، انقلابي، ۽ دهشت گرد تحريڪن جي ڪارڪنن سان ٿي. ڪانگريس کان هن ڪاڏيءَ جي پرچار ۽ ڪاڏيءَ نهرائڻ لاءِ اُتساهہ حاصل ڪيو ۽ جيل مان نڪرڻ تي هن پنهنجي ڳوٺ ۾ ڪاڏيءَ ناهڻ لاءِ چرخا ۽ آڏاڻا گهرائي، هڪ چڱو خاصو مرڪز قائم ڪيو، جنهنجي نتيجي ۾ هُن جون ملاقاتون جئرامداس دولت رام (گانڌيءَ جو ساڄو هٿ ۽ ڪانگريس ورڪنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر) سان ٿيون ۽ ٻيا ننڍا وڏا ڪانگريسي، سون جي تعداد ۾، پير ڳوٺ جو طواف ڪندا نظر ايندا هئا. ڪانگريسن جو خيال هو تہ پير صاحب پاڳارو سنڌن سياسي قوت ۽ سودي بازيءَ جي طاقت پاڻ کي هڪ معتبر سياسي رهبر جي شخصيت اڀارڻ لاءِ استعمال ڪري رهيو هو. ٻئي طرف ڪانگريس،پير صاحب پاڳاري جي لکين مريدن جي عددي مدد ۾ دلچسپي ٿي رکي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳئي وقت اُها ھر ڪنھن کي خبر ھئي تہ پير صاحب پاڳاري جي جان نثار ن(جن جو تعداد مزاحمت جي چوٽيءَ تي پھچڻ بعد بہ پنج سون کان مٿي نہ ھو ۽ جن کي عام زبان ۾ "حُر" چيو ويندو ھو) کي تربيت ڏيڻ لاءِ ڪيترائي پير صاحب پاڳاري جا پراڻا انقلابي ساٿي بہ موجود ھئا. يا سندن نياپي سان ٻاھران روپوش ٿي آيل انقلابي پير صاحب وٽ پھتل ھئا. ھن گھڻ طرفي نيم فوجي، نيم سياسي ۽ اڌ ظاھر ۽ اڌ مخفي فورس انگريز سلطنت لاءِ چئلينج جي صورت اختيار ڪئي.

بحث ان سان نہ آھي تہ پير صبغت الله پاڳاري چا ٿيڻ پئي چاھيو- سنڌ جو بادشاھ يا سنڌ جو روحاني پيشوا. يا پئي! حر تحريڪ کي سمجھڻ اسان لاءِ ضروري آھي: ڇو تہ اھا سنڌ جي سرزمين تي پھرين ۽ شايد آخري نيم فوجي نيم سياسي تحريڪ رھي آھي، جنھن انگريز سطنت لاءِ چئلنج جي صورت اختيار ڪئي، اج بہ باوجود موجوده پير صاحب پاڳاري جي ظاھري طرح غير جوابدارانہ ۽ مسخريءَ تي پَڌل سياسي تبصرن جي، حقيقت اھا آھي تہ برصغير ۾ ايڏو وڏو غير سرڪاري ھٿيار بند فورس ڪنھن بہ ھڪ شخص وٽ ناھي. اھو فورس عوام جي بھتري، خدمت ۽ نجات لاءِ بہ ڪم اچي سگھي ٿو ۽ انھن کي غلام رکڻ لاءِ حڪمرانن جو ھٿيو ٿي بہ استعمال ٿي سگھي ٿو.

ھونئن بہ انقلاب شروعات ۾ اڪثريتون شروع نہ ڪنديون آھن. انقلاب جي بسم الله ھڪ باھمت، تربيت يافتہ ۽ ڪنھن نظرئي جو علمبردار اقليتي فورس آڻيندو آھي ۽ نيٺ وڃي اڪثريت جي تائيد حاصل ڪري ڪاميابي ماڻيندو آھي.آمريڪي انقلاب جي شروعات ڪن مُٺ ڀر ماڻھن ڪئي ھئي. جن کي ھلندي ھلندي اڪثريت جي تائيد حاصل ٿي: ۽ ڏسندي ڏسندي آمريڪي ماڻھن جي اڪثريت ھٿيار کنيا ۽ سلطنت برطانيہ جي فوجن کي شڪست ڏني ۽ انگريز فوجون صرف ڪئناڊا کي انگريز سلطنت لاءِ بچائي رکي سگھيون. آمريڪا (يو ايس اي) جو بنياد تيرھن رياستن وِڏو ھو. جيڪي وڏندي وڏندي ھن وقت ٻاونجاھ رياستون ٿي چڪيون آھن. تازو ئي نيلسن منڊيلا آمريڪي ڪانگريس کي خطاب ڪندي آمريڪي ميمبرن کي سختيءَ سان ياد ڏياريو تہ "توھان جي وڏن پنھنجي آزادي انگلئنڊ کان ھڪ خونريز انقلاب جي ذريعي حصل ڪئي."

فرانس جو انقلاب پئرس جي پورهيت عورتن طرفان ورساءِ (Versailles) جي محلات تي ڪاهه سان شروع ٿيو. هنن مانيءَ جي گهر ڪئي ته مهاراڻيءَ شهنشاهه کان پڇيو ته: "جي ماني نه اٿن ته ڪيڪ ڇو نه ٿا کائين؟". ۽ گولين جي وسڪاري ۾ عورتن موٽ کاڌي ۽ فرانس جو انقلاب هڪ وڏي ڇلانگ هڻي اڳتي وڌي ويو.

هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ جو آخري ڌڪ (سِين) 19 کان 22 فيبروري 1946ع جي نيوي جي بغاوت آهي، جنهن ڪليمينٽ ايٽلي (Clement Atlee) وزير اعظم برطانيه کي فيصلو ڪرڻ تي مجبور ڪيو ته هندستان کي ورهائي ۽ ڇڏي اچي (Divide and Quit). برما، ملائيشيا، انڊونيشيا، ويٽنام، ڪمبوڊيا، لائوس مان هر هڪ آزادي، هڪ مختصر انقلابي پارٽي جي رهنمائيءَ هيٺ حاصل ڪئي. ڪينيا، يوگنڊا، انگولا، مصر، عراق، لبنان، الجزائر، مراڪش ۽ آفريڪا جا سمورا آزاد ۽ نيم آزاد ملڪ اُن ئي سبق جو مثال آهن.

تفصيل ۾ نه وڃي مختصر لفظن ۾ چئي سگهجي ٿو ته هر اصلاحي ۽ انقلابي تحريڪ کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ هڪ باعزم، باهمت ۽ قبلو درست رڪندڙ مختصر سپاهه جي ضرورت آهي، خواهه مقصد بُڌازم آڻڻ هجي يا اسلام، يا عيسائيت يا ڪميونزم يا سوشلزم (روس جو عظيم انقلاب آڻيندڙ بالشويڪ پارٽي جي ميمبرن جو تعداد فقط ٻاهتر هزار هو). ظاهر آهي ته چوڏهن ڪروڙ آدمشماريءَ واري ملڪ (جنهن جي ايراضي ڌرتي جي ڪل پکيڙ جو پنجون حصو هئي ۽ آهي) لاءِ اهڙي قليل پارٽيءَ جو اقتدار ۾ اچڻ انهن جي عزم، ضابطي ۽ نظرياتي پختگيءَ جي نشاندهي ڪري ٿو. وقتي ته ائين محسوس ٿيندو آهي ته لينن ۽ سندس ساٿين جي محڪم ارادي ۽ نظرياتي پختگيءَ ئي روسي انقلاب کي مُمڪن بڻايو،۽ ڇاڪاڻ ته اهي عوام جي اُمنگن جي ترجماني ڪري رهيا هئا، اُن ڪري انهن کي عوامي تائيد بعد ۾ حاصل ٿي. تازا مثال ڪيوبا، نڪاراگوئا، گني بساؤ وغيره جي انقلابن جا به آهن.

(روزانه عوامي آواز- 26-جولاءِ- 1990ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تامل مزاحمتي تحريڪ

ڪجهه وقت کان سري لنڪا جي تامل مزاحمتي تحريڪ جو ذڪر ٿيندو آيو آهي. موزون ٿيندو تہ ان تحريڪ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جي باري ۾ ڪجهه ڄاڻجي.

سري لنڪا جي هڪ ڪروڙ چاليهہ لک آباديءَ مان تاملن جو تعداد اٺاويهہ لک آهي ۽ هڪ ڪروڙ سنهالي آهن، جن جو مذهب ٻُڌازم آهي. باقي مخلوق ڪرستان ۽ مسلمان آهن. انگريزن جي مقابلي ۾ سمورا سيلوني يڪمشت هوندا هئا. 1948ع ۾ سري لنڪا بہ برصغير جي ملڪن هندوستان ۽ پاڪستان وانگر آزاد ٿيو ۽ 1972ع ۾ "ريپبلڪ آف سري لنڪا" جو نالو اختيار ڪري ڪامن ويلٿ جو ميمبر ٿيو. جنهن ورڌن ان جو پهريون صدر بڻيو. سري لنڪا هميشہ انتها پسند (Extremist) جماعتن جو آماجگاه رهيو آهي. 1973ع ۽ 1974ع تائين سري لنڪا واحد ملڪ هو جتي ٽراٽسڪيءَ جي پوئلڳ سمر-سماج پارٽي خاصي مقبول هئي. ڪميونسٽ پارٽي ۽ ٻيون جمهوري پارٽيون بہ سرگرم رهيون آهن.

آزاديءَ بعد قومي جذبي جي اُڀار سان گڏ متحده سيلوني انقلابي تحريڪن ۾ قوت جو عمل شروع ٿيو ۽ ويجهڙائيءَ ۾ سري لنڪا جي اتر-اوڀر واري علائقي ۾ جتي تامل اڪثريت ۾ آهن تحريڪ هلي تہ ان علائقي کي خود مختياري ڏني وڃي. تاملن ۾ هڪ ڌڙو سري لنڪا اندر رهندي خودمختياريءَ جو قائل آهي ۽ ٻيو سري لنڪا کان ڌيڪ آزادي گهري رهيو آهي. ڪجهه وقت تائين هي ٻئي جماعتون گڏجي ڪم ڪنديون هيون، پر هندوستاني فوج جي سري لنڪا ۾ اچڻ بعد، هي ٻئي ڌريون هڪٻئي جون سخت مخالف ٿي ويون ۽ ايل ٽي ٽي اي (L.T.T.E) وارا حاوي ٿيندا ويا ۽ هن وقت هو تامل اڪثريت واري علائقي ۾ گوريلا سرگرمين ۾ رُڌل آهن. سري لنڪا جي موجوده سرڪار کين ناهہ تي آماده ڪيو هو، پر هنن ناهہ جو فائدو وٺي خاصي علائقي تي قبضو ڪيو ۽ باوجود ان حقيقت جي تہ سري لنڪا جي فوج وڏن شهرن ۽ قلعن تي قبضو ڪيو پر آهي ايل ٽي ٽي اي وارا اڄ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ ڀھراڙين، ڇانھ باغات ۾ پڙھيل ڳڙھيل طبقي ۾ وڏو اثر رکن ٿا ۽ سندن بغاوت اڄ بہ جاري آھي.

تاملن اندر اُھي عنصر جيڪي سنھالي قوم سان ٺاھپي ۾ صلح سان رھڻ چاھن، ٿا انھن جي پاڙ پٽجي وئي آھي ۽ ھن وقت انھن مان اڪثر ڀارت جي تامل ناڊو علائقي ۾ پناھگير ٿي ويا آھن.

تاملن جي پنھنجي الڳ سجاڳپ ۾ خود مختياريءَ لاءِ جدوجھد جي رھبري ڪندڙ مزاحمتي تحريڪ جڏھن شروع ٿي تہ سندن تعداد اٽڪل پنج ھزار گوريلا ھئا، پر ھن وقت سندن تعداد ۾ جنگ ڪرڻ جي قوت ۾ تمام گھڻو اضافو ٿيو آھي. ٻئي طرف سري لنڪا جي فوجي طاقت تقريباً بہ ڊويزنون آھي، يعني ٽيھہ ھزار فوجي ۽ نيم فوجي ماڻھو. سري لنڪا جي حڪومت خلاف سنھالي مزاحمتي تحريڪ وي جي پي بہ برسرپيڪار آھي. سري لنڪا جي حڪومت حقيقت ۾ ٻن ٻاھين جي وچ ۾ آھي. ھڪ طرف سنھالي انتھا پسند قومپرست- سوشلسٽ آھن تہ ٻئي طرف انتھا پسند تامل قومپرست-سوشلسٽ آھن ۽ سري لنڪا جي حڪومت لاءِ سواءِ ان جي ٻي ڪا بہ واھ نہ آھي تہ ڪڏھن ھڪ ڌر سان ۽ ڪڏھن ٻيءَ ڌر سان سرچاءُ ڪري پاڻ کي برقرار رکي ۽ سموريءَ سري لنڪا کي پنھنجي حڪمرانيءَ ھيٺ رکي.

مٿين حالتن مان اندازو لڳائي سگھجي ٿو تہ ھڪ تمام مختصر گوريلا فورس، حالتن جو فائدو وٺندي مذھب/قوم/ ٻوليءَ جي لاڳاپي جي بنياد تي،پنھنجي ماڻھن جون ھمدرديون حاصل ڪري پاڻ کي نہ صرف زندہ رکي سگھي ٿو. بلڪ ھڪ مضبوط گورنمينٽ لاءِ مٿي جو سور پيدا ڪري سگھجي ٿو.ڪو بہ چئي نٿو سگھي تہ سري لنڪا اندر ايل ٽي ٽي اي تحريڪ يا تامل قومي تحريڪ ختم ٿي وئي آھي يا ٿيندي. ممڪن آھي تہ وڏي عرصي تائين اھا تحريڪ برقرار رھي ۽ آخر ۾ وڃي ڪامياب ٿئي. سري لنڪا جي ماڻھن جي غالب اڪثريت ممڪن نہ آھي تہ ڪڏھن بہ پنھنجي آپيشاھي حڪومت تاملن جي اڪثريت واري علائقي مٿان مڙھي سگھي.

اھڙيون مزاحمتي تحريڪون ڀارت ۾ ھن وقت آسام، پنجاب ۾ ڪشمير ۾ بہ ھلي رھيون آھن ۽ ڀارت جي حڪومت لاءِ وڏا مسئلا کڙا ڪري رھيون آھن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت اها آهي تہ اُهي ملڪ جتي مذهب/قوم/ ٻوليءَ جي بنياد تي ماڻهن ۾ قوميت جو احساس آهي تہ انهن ملڪن لاءِ ضروري آهي تہ ناهہ ۽ سرچاءَ ذريعي مختلف قوميتن ۽ گروهن جي حقن جي حفاظت لاءِ واٽ پيدا ڪن، نہ تہ اڪثر گهڻ قومي ملڪ ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃڻ جي سانباهن ۾ آهن. يا تہ اُتان جا ماڻهو پاڻ ۾ گڏجي رهڻ جو جذبو پيدا ڪن يا وري پاڻ ۾ لڙي، جدا ٿي پنهنجي الڳ الڳ واٽ وٺن.

اينڊرُ ڪالمن ۾ڪجهہ احوال آئرلينڊ جي ماڻهن جي آزاديءَ لاءِ ان سؤ سالہ جدوجهد جو ڏيو ۽ بعد ۾ فلسطين جي عرب-يهودي جدوجهد جو احوال ڏيو.

(روزانہ عوامي آواز- ڪراچي- 2 آگسٽ 1990ع)

نظير عباسي شهيد

اڄ ڪي ڏينهن لاءِ سوچيل هئو تہ آئرليند جي آزاديءَ متعلق ڪجھ لکبو ۽ ان مان ڪجھ سکبو، پر جيئن تہ اڄوڪو ڏينهن منهنجي عظيم سائٿي نذير عباسيءَ جي شهادت جو ڏينهن آهي، ان ڪري بہ اکر سندس ياد ۾ پيش آهن ۽ رٿيل سلسلو ٻئي موقعي تي پڙهندڙن جي آڏو آندو ويندو.

ڪيترائي دوست ۽ گهڻ گهرا اُهو پڇندا آهن تہ، هڪ ڪميونسٽ ڇا جي لاءِ ٿو لڙي، ڇو ٿو لڙي؟ نہ روز محشر جو خوف، نہ بهشت جي تانگھ نہ معقول معاوضو هتي ٿو مليسونہ ٻئي جهان ۾ الاٽمينٽ جي اميد. ڪهڙيءَ شيءَ آ، ڪهڙو جذبو آ، ڪهڙو اصول آ، ڪهڙي لگن آ، جا هن ڪي ويهي قرار ڪرڻ نٿي ڏئي. هلندو ئي رهي ٿو. جدوجهد ڪندو ئي رهي ٿو. ڏسي بہ پيو تہ ڪي هُتي ڪريا، ڪي هتي ڪريا. ڪي هُتي ڪٽيا، ڪي هِتي ڦاهيءَ چڙهيا. ڪي شاہ ايَران جي فائرنگ اسڪواڊ جو ڪاڄ ٿيا. ڪن ڪي هَڏگُڏ ڀڄي، اُلٽو لٽڪائي سگريٽن جا ڏنبي ڏئي، سيراهيءَ سان ٿُنگ ڪري ماريو ويو، ڏمڪايو ويو، پيڙيو ويو، ڏهڪايو ويو، تہ بہ هلندا رهيا، وڌندا رهيا. ڪي منزل تي پهتا، ڪي دڳ ۾ ڪريا، ڪن ڪي سلھ کائي وئي، ڪن ڪي بک ماري ڇڏيو. ڪن ڪي دوستن نہ سمجهيو، ڪن ڪي ڪامريڊن نہ سمجهيو. ڪن ڪي دشمن طبقن پنهنجن ئي هٿان مارايو. ڪي اسپين جي خانہ جنگيءَ جي آڳ ۾ سڙي مئا. ڪي هٽلر جي چنگيزيت جو ٻَکُ ٿيا. ڪي فرانڪو جا شڪار ٿيا. ڪي پينو چيٽ(Pinochet)جي ظلم جو شڪار ٿيا.

انگريزن جي دور ۾ شمار ڪبو تہ لکين سال جيلن ۾ گذاريائون، ڇو تہ ٽوٽل ڪبو تہ هر هڪ جا سمورا سال ملي لکين سال ٿي ويندا. آزاديءَ جي مِلڻ بعد سوين قتل ٿيا ۽ هزارين جيلن ۾ پيا. اَڄُن مهاندن جي جاءِ تي ڪارا مهاندا حاڪم ٿيا، پر ڪميونسٽ لاءِ هر حاڪم ظالم ۽ جلاد ثابت ٿيو.

جناح ۽ لياقت واري دور ۾ سمورا ڪميونسٽ جيلن ۾ پيا. جيڪي ٻاهر رهيا سي روپوشيءَ جي عذاب ۾ رهيا، پر هٿڻ جو نالو نہ ورتائون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايوب واري دور ۾ حسن ناصر شهيد ٿيو ۽ سوين جوان بلوچستان ۾ عذاب ڏئي ماريا ويا، پر وک پوئتي نه وڌائون.

ٻي عظيم جنگ جي خاتمي بعد اٽليءَ ۾ هڪ ڪميونسٽ گوريلي جي گرفتاري ٿي . شايد ڪنهن ڪم ٿي هو. ماري ماري اڌ مُئو ڪري ڇڏيو هئائونس، پر سچي نه پيو ڪري. نيٺ سندس زال کي وٺي آيا، ان کي ننگو ڪري ڏنبي ڏيڻ شروع ڪيائون. پنهنجي محبوب کي ان عذاب ۾ ڏسي "ٻولڻ" جو خيال آيس پر ڪيس سندس ڪميونسٽ ضمير ائين ڪرڻ کان روڪيو ۽ هن پنهنجي ڄڀ ڏندن جي وچ ۾ جهلي پنهنجي ڪاڏيءَ جي هينيان زوردار مڪ هڻي پنهنجي ڄڀ ڪپي ڇڏي ته جيئن هو ڳالهائي نه سگهي!

نذير عباسي اهڙي پارٽيءَ جو باضمير ميمبر هو ۽ اهڙي اصول جو پابند هو، جنهن جي آدو هن دنيا کي بهشت يا سرڳ بنائڻ جو مقصد آهي. جنهن دنيا ۾ نه بکيو هوندو نه ڏکيو هوندو. جتي نه مظلوم هوندو نه ظالم هوندو. جتي هر انسان جي جنم جو حق هوندو ته جمڻ شرط ڪيس سماج پاران ٻاروتڻ جا ڪپڙا ۽ پينگهو ملي.کاڌ خوراڪ جو جمڻ کان مرڻ تائين انتظام جو ٻلو سرڪار جي ذميواري هجي ۽ هر انسان لاءِ دوا درمل ۽ صحت جي ذميواري سرڪار تي هجي ۽ تعليم ۽ روزگار جا سمورا بندوبست ڪرڻ جي ذميواري حڪومت جي مٿان هجي ۽ لولي لنگڙي ٿيڻ جي حالت ۾، شهريءَ جو سارو بار ۽ ٻڍاپي جي پينشن ۽ ٻيون سموريون سهوليتون اسٽيٽ جي ذمي هجن. جتي هر پيءُ ماءُ ان دلجاءِ سان مري ته سندن پويان سڀ ايرندو رهندو ۽ سندن ٻار ٻي سهارا ۽ يتيم ٿي نه رهندا. ڪن چيو هي يوٽوپيا آهي . محال آهي. پر اڄ اڌ دنيا اندر اُهي سموريون سهوليتون انسان جي پيدائشي حق طور تسليم ڪيون ويون آهن. يونائيٽيڊ نيشنس جي چارٽر جو حصو آهن ۽ ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ ملڪن ۾ ته ٺهيو، پر خود سيني مغرب يورپي ملڪن ۽ امريڪا جهڙن ملڪن ۾ ٻه سوشل ويلفيئر اسٽيٽ جو آدرش تسليم ڪيو ويو آهي.

نذير عباسي هن عظيم بين الاقوامي سپاه جو هڪ سپاهي هو، جنهن آدو اهو مقصد آهي ته هر ملڪ مان سرمائيداري ختم ڪري عوام جو سوشلسٽ

جمهوري نظام قائم ڪجي. جتي انسان جو درجو فرشتن کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ نہ هجي.

اسڪول ۽ ڪاليج ۾ نذير جو واسطو ڪميونسٽ پارٽيءَ سان لاڳاپيل شاگرد تحريڪ سان رهيو ۽ 1966ع ۾ 1967ع ڪانوني ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪُل وقتي ڪارڪن طور ڪم ڪندو رهيو. جيستائين ضيائي دور جي خونخوارن ڪيس گرفتار ڪري عذاب ڏئي ماري نہ ڇڏيو.

ناصر ۽ نذير! هڪ حيدرآباد دکن جي جاگيرداري سماج جي خمير مان پيدا ٿيو ۽ ان کان نفرت ڪندي پنهنجو رشتو پاڪستان جي مظلوم عوام سان جوڙيائين. ۽ نذير هڪ هيٺين وچولي درجي جي اڌ پڙهيل عريضي نويس جو فرزند هو ۽ چڱي تعليم ملڻ جي باوجود هن پنهنجو رشتو سنڌ، پاڪستان ۽ دنيا ڀر جي مظلوم عوام سان ڳنڍيو. نہ بهشت جي لالچ هيس نہ دوزخ جو خوف، نہ سرڪاري عهدن جي تمنا. صرف پنهنجي ضمير کي مطمئن رکڻ خاطر، پنهنجي وجود جي اندرئين قرار خاطر پنهنجي زندگيءَ جو سودو ڪري ويو.

ڪڏهن ڪڏهن ڏک مان ڪا ماءُ سُڏڪو ڏئي هنن عظيم پٽن کي ياد ڪندي هوندي. ڪڏهن رات جي سناٽي ۾ ڪنهن پريزاد جي دل ۾ ناصر ۽ نذير جي ياد ننڊ ڦٽائي ڇڏيندي هوندي، پر تاريخ جي تاريڪ راهن ۾ ماريل هنن همسفرن جي ياد ڪيترن زمانن تائين ساڳي سفر تي نڪتل واٽهڙن لاءِ روشنيءَ جي مُناري جو ڪم ڏيندي رهندي. انسان مري ويندا آهن پر شهيد امر رهندا آهن.

نذير ۽ ناصر سنڌ جي ڪميونسٽن ۽ انقلابين لاءِ مثال آهن تہ ڇا ڪجي؟ ڇا نہ ڪجي؟ ڇا جائز آهي؟ ڇا ناجائز آهي؟ نيڪي ڇا آهي؟ بدي ڇا آهي؟ هُو اخلاقي طرح مثالي زندگيءَ جا علمبردار رهيا آهن. سنڌن مٿان اهو الزام نہ لڳندو تہ هنن پبلڪ يا پارٽيءَ جي ذريعن جو غلط استعمال ڪيو يا عياشي ڪئي. هو هڪ برنڊز لاٽ جي مثل هئا، جن پاڻ سڙي ٻين کي راه ڏيکاري ۽ اسانجي نيڙي ملڪ ۾ قرباني ۽ لڳن جو مثال قائم ڪري ويا.

شل! اسانجن نون پراڻن ڪامريڊن کي نذير جي ياد مان وري ڪو اُڌمو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇي ۽ پرائي پچار ۾ گلا غيبت ڇڏي مقصد لاءِ پاڻ کي نئين سر آرپين: ڇو تہ نيٺ جيت اسان جي ٿيندي ساٿي،جيت اسان جي ٿيندي.......

(روزانہ عوامي آواز- 9- آگسٽ 1990ع)

دهشتگرديءَ واري سياست

تاريخ ۾ پهريون رڪارڊ ٿيل قتل: سيزر جو بروٽس هٿان ٿيو. وحشي ريبدار هابيل پنهنجي هاري ڀاءُ قابيل کي قتل ڪري ڀائرن جي وچ ۾ تشدد جي ابتدا ڪئي. آخر فتح هارين جي ٿي ۽ ريبدار ۽ ڌنار به نيٺ هارين جي ڪُڙم ۾ شامل ٿي ويا.

اٺ سؤ ورهين جي لاڳيتي جدوجهد کان پوءِ 1921ع ۾ انگريزن ڊي وليرا (De Valera) جي اڳواڻيءَ ۾ آئرلينڊ کي آزادي ڏني ۽ اُتر آيرلينڊ جيڪو اڪثر پروٽيسٽنٽ هو سو پنهنجي لاءِ جهليو ۽ ان جي حيثيت برطانيه جي هڪ صوبي جي آهي. ڪٽر آئرش قومپرست آئرش ريپبلڪن آرميءَ جي اڳواڻيءَ ۾ اڄ به انگريزن کي تشدد ذريعي اُتر آيرلينڊ مان لڏائڻ تي بضد آهن ۽ ان سلسلي ۾ هر سال سوين انگريز آفيسر ۽ اُتر آئلينڊ (Ulster) جا اهم ماڻهو قتل ڪندا رهن ٿا ۽ جواب ۾ السٽر آرمي ۽ ڪٽرپنٿي انگريز آئرش شخصيتن جو قتل ڪن ٿا، پر مسئلو اتي ئي آهي جتي هو. آءِ آر اي ٻيا به اٺ سؤ سال لڙي سگهي ٿي پر ڏکڻ ۽ اتر جي ورهاست جتي آهي اتي ئي رهندي. اُهو امڪان نه ٿو ڏسجي ته اهي سرحدون بدلجي وينديون.

ويجهڙي دور ۾ سنڌ جي سياست ۾ به ڪجھ آئري سياست جا اُهڃاڻ نظر اچن ٿا. 30- سيپٽمبر 1988ع تي شام جو حيدرآباد ۾ اوچتو ڪي نقاب پوشن حملو ڪيو ۽ ٻه سؤ ماڻهو مري ويا ۽ زخمي ٿيا، جن ۾ مهاجر، سنڌي ۽ پنجابي سڀ هئا. هن واقعي جي ذميواري جيئي سنڌ وارن جي کاتي ۾ لکي وئي. ٻئي ڏينهن يعني 1- آڪٽوبر 1988ع تي ڪراچيءَ ۾ سنڌين جو قتل عام ٿيو، جنهن جو سهرو ايم ڪيو ايم جي مٿي تي ٻڌو ويو. ٽيون دور پ پ جي جمهوري حڪومت جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِنقاب پوشن هٿان ماڻهن جي مارڻ جو آهي، جنهن ۾ به سنڌي مهاجر ٻئي بنا تفريق جي ماريا ويا آهن.

تازو واقعو حيدرآباد ۾ بمن جي ڦاٽڻ جو آهي، پر ان جي ذميواري ڪو به کڻڻ لاءِ تيار ڪونهي .هر ڪنهن جي آڱر سلامتيءَ وارين ايجنسين طرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجي ٿي.

تشدد ۽ نراجيت جا هي مظاهرا ڪهڙي به اوچي ۽ اعليٰ مقصد لاءِ ڪيا ويا هجن، حقيقت اها آهي ته انهن مان عوام جي مختلف حصن ۾ هڪ ٻئي کان نفرت خوف ۽ ڇڄڻ کان سواءِ ٻيو ڪو مقصد پورو نه ٿيو آهي ۽ شايد انهن سيني ڪار گذارين پنيان مقصد به اهو ٿي هو ته عوام جي مختلف طبقن، گروهن ۽ جدا جدا ٻوليون ڳالهائيندڙن کي هڪٻئي خلاف مشتعل ڪري ويڙهائجي ۽ اهڙيءَ طرح جمهوري تحريڪن ۽ عمل جي پاڙ پٽجي ۽ وري ڏنڊي جي راڄ لاءِ ميدان صاف ڪجي.

اڄ مان ستر سالن جي عمر کان مٿي ٽپي چڪو آهيان. اهڙو ڪو انارڪسٽ، ٽيررسٽ، انقلابي يا جمهوري فلاسفر ڪونهي، جنهنکي نه پڙهيو هجيم. با ڪونن (Bakunin) ڪرو پاٽڪن (Kropatkin) ۽ فرانس جي انقلابي انتها پسندن ۽ آئرلينڊ جي آزاديءَ لاءِ جان ڏيندڙن جي اصولن ۽ عملن ٻنهي کان واقف آهيان ۽ برصغير اندر جيڪي خوني لهرون اُٿيون آهن انهن جي ذاتي ڄاڻ اٿم.

تشدد پسنديءَ سان پهرين واقفيت پرچي وديارٿيءَ ذريعي ٿي، جيڪو 1935ع ۾ لاڙڪاڻي هاءِ اسڪول ۾ مون سان گڏ ساڳي بينچ تي ويهندڙ منهنجو هم ڪلاسي هيو. منهنجي ڪن ۾ ڀڳت سنگهه، راجگرو ۽ سُکديو بابت سرپاٺون ڪندو هو. سندس واسطو هندوستان سوشلسٽ ريپبلڪن آرميءَ سان هو. پرچي ۽ منهنجي عمر پندرهن ورهيه هئي. هڪڙي طرف مهاتما گانڌي ۽ جواهر لعل نهرو زنده آبادجا نعرا هئا ۽ ٻئي طرف شهيد ڀڳت سنگهه، راجگرو ۽ سُکئير زنده آباد جا نعرا هئا. انهن عظيم نالن ۾ منهنجي دلچسپي اينتري هئي ته هو آزاديءَ جي تحريڪ جا هيرو هئا ۽ انهن جي تعظيم لازمي هئي.

ساڳئي زماني ۾ چٽگانگ جي انقلابين جو به ذڪر ٿيندو هو، جن 1932ع ۾ چٽگانگ ۾ اسلح خاني تي حملو ڪري قبضو ڪيو هو. هڪ ننيڙو ڪتاب "بندي جيون" سچيندر ناٿ سانيال جو سنڌيءَ ۾ هو، جو شايد 1936ع ۾ پڙهيو هيم.(چٽگانگ جي انقلابين جي باري ۾ سنڌي ۾ ڪتاب "چٽگانگ جا عظيم انقلابي" پاڻ پڙهي سگهو ٿا.)

1938ع ڌاري جواهر لعل جي آتم ڪهاڻي Autobio graphy ۽ سُباش بوس جو Indian Struggle ۽ Andanans: The Indian Bastile پڙهيم ۽ اڌ صدي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانپوءِ ويجهڙائيءَ ۾ جوڳيش چٽر جي جو (Those Who Lived Dangerously) پڙهيم تہ اُن يقين تي پهتو آهيان تہ دهشتگردي ڪنهن بہ مسئلي جو حل ناهي. نہ قومي مسئلي جو نہ مذهبي مسئلي جو ۽ نہ ڪنهن نسل يا ٻوليءَ جي بنياد تي ڪنهن مسئلي جو حل آهي. شخصي تشدد (Individual Terror) تہ ڪڏهن بہ ڪنهن مسئلي جو حل ڪونهي، پر (Revolutionary Violence) يعني اجتماعي انقلابي تشدد بہ اڄ طاقتور هٿيارن آڏو ڪمزور ٿي ويو آهي. ڪاري منڊيلا ۽ سندس جماعت "آفريڪن نيشنل ڪانگريس" في الحال انقلابي تشدد جي پاليسي معطل ڪري ڇڏي آهي، جنهن تي هو ستاويهن سالن کان عمل ڪري رهيا هئا!

ٻي جنگ عظيم کانپوءِ امريڪي ڪارا جيڪي آبادي ۾ پنجويهہ سيڪڙو آهن ۽ فوج سياست ۽ سماج ۾ وڏي اهميت رکن ٿا، تشدد، دهشتگردي، مارا ماري فساد ۽ لُٽ مار جي سياست ڇڏي ڪورٽن ۾ پنهنجا آئيني حق ڇڪيا ۽ مرحوم مارٽن لوٿر ڪنگ پادريءَ جي اڳواڻيءَ ۾ گانڌيءَ جي اصولن جي پوئواري ڪندي پنهنجا حق آهستي آهستي پنجاه، سٺ ۽ ستر وران ڏهاڪن ۾ حاصل ڪيا ۽ اڄا بہ انهن حقن لاءِ آئيني طريقن سان لڙي رهيا آهن. نتيجي ۾ اڄ آمريڪا جا شيدي ۽ ڪارا - گورا (Coloured) نسل جا ماڻهو هڪ اهم رول اداڪري رهيا آهن. واشنگٽن ۽ نيويارڪ جا ميئر شيدي نسل جا آهن ۽ فوج ۾ بہ ڪيترا اهم عهدا شيدين وٽ آهن. ڪي ڪي ڪي (Ku Klux Klan) جهڙيون ڪارن جون دشمن جماعتون اڄ تاريخ جو حصو بڻجي ويون آهن ۽ آفريڪي نسل جا 1864ع ۾ آزاد ٿيل غلام اڄ رانديون، فلمن، موسيقي ۽ سياست جي ڪيترن اهم ميدانن ۾ چوٽيءَ تي پهچي چڪا آهن ۽ اهو وقت پري ڪونهي جڏهن آمريڪا ۾ ڪو ڪارو صدر چونڊجي اچي.

برصغير ۾ شخصي دهشتگرديءَ جو آخري واقعو 1940ع ۾ لنڊن ۾ (Michael o'Dwyer) قتل هو، جنهن 1921ع ۾ امرتسر ۾ جليانوالا باغ اندر هڪ جلسي تي فائرنگ ڪرائي ست سو ماڻهو قتل ڪرايا هئا.

1870ع کان وٺي شهيد خوديرام بوس، چندر شيکر آزاد، اشفاق الله، ڀڳت سنگهہ ۽ ٻين سوين نامڪنين انقلابين پنهنجي خون سان برصغيرجي آزاديءَ جي تاريخ لکي آهي. پر 1921ع کانوٺي انڊين نيشنل ڪانگريس ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خلافت ڪاميٽيءَ جي ڳنڀيل رهبريءَ ۾ هلندڙ عوامي هلچلن انگريزسلطنت جون پاڙون پٽي ڇڏيون. نتيجي ۾ سوين ڪلهوڪا دهشتگرد ڪانگريس، خلافت ڪاميٽيءَ ڪميونسٽ-سوشلسٽ پارٽين ۾ شريڪ ٿيا.

هڪ طرف لينن جي نظرين ۾ روسي انقلاب خونريز عوامي انقلاب جي واٽ ڏيکاري تہ ٻئي طرف گانڌيءَ جي بي تشدد ۾ اسهڪار جي نظرين عوامي آندولن يا هلچن جون بي پناه قوتون ماڻهن کي بخشيون ۾ عوامي هلچلن سلطنتن جا بند ٽوڙي ڇڏيا.

ياد ٿو پئي تہ ان زماني ۾ جڳ مشهور نوبل پرائيز کٽندڙ فرانس جي (Romain Rolland) هڪ ڪتاب لکيو هو. جنهن جو نالو هو: "Lenin and Gandhi" ويهين صديءَ جي انقلابتن تي هنن ٻن شخصن جي خيالن ۾ عملن جي نشاندهي ۾ اڳ ڪٿي ان ڪتاب ۾ ٿي ٿي.

سال 1990ع ۾ اهو چوڻ مشڪل آهي تہ اڄڪلہ هلي عوامي تحريڪن جو جنبو اپاڙيندڙ ۾ سرواڻ شخصيت گانڌي هوندو يا مارڪس؟

اسانجي ملڪ ۾ ڏاڍن خلاف جيڪي تحريڪون هلن پيون سي گانڌيءَ جي نظرين جو پراڏو آهن. بڪ هڙتال، جلسا، جلوس، زنده‌آباد مرده آباد، هٽ تاڙ، مظاهرا ۾ هڙتال اهي سڀ تہ گانڌيءَ جي ڪتاب جا ورق آهن. جيتوڻيڪ جناح جي قائم ڪيل ملڪ ۾ گانڌيءَ کان متاثر ٿيڻ گناه آهي، پر حقيقت اها آهي تہ جناح ۾ سندس پوئلڳ اڄا تائين گانڌيءَ جي الف بي تي عمل ڪري رهيا آهن.

مارڪس، اينگلس،لينن ۾ اسٽالن ترقي يافتہ يورپين سوشلسٽ ملڪن ۾ شايد روس ۾ بہ، مدي خارج سمجهيا وڃن ٿا، پر چين ڪانوني ڪيوبا تائين ۾ خود برصغير ۾ ٽين دنيا جي اُسرندڙ ملڪن ۾ مارڪس، لينن، اسٽالن، مائو ۾ ڪاسٽرو جا نسخا گهڻو وقت ڪارآمدرهندا.

اڄوڪي دور جي گڏجي رهڻ (Co- Existence) واري ماحول ۾ پنهنجي خول ۾ قيد ٿي رهڻ ڪنهن بہ قوم ۾ گروه لاءِ نہ صرف ناممڪن آهي پر نقصانڪار بہ. وقت جي چئلينج اها آهي تہ (Live and let Live) جيئو ۾ جيئڻ ڏيو" جي قول تي عمل ڪندي جيئون،جدوجهد ڪريون يا هڪ ٻئي کي فنا ڪري پوري ملڪ کي فنا ڪريون. بندوق جي ناليءَ مان انقلاب تہ اچي سگهي ٿو، پر هڪ خوشحال گهر نہ ٿو سگهي. اسانجي غريب وطن کي ضرورت آهي تہ هڪٻئي کي سمجهون، دشمنيون وساريون، ڀائپيون وڌايون ۾ جيئڻ جو هنر سکون.

(روزانہ عوامي آواز- 16- آگسٽ 1990ع)

عوامي تحريڪون ۽ انهن جا قسم

پوئين ڪالم ۾ مون پرچي وديارٿيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. پرچو وديارٿي ۽ هيمون ڪالاڻي ٻئي نج ديسي قسم جا دهشت پسند هئا. هيمون ڪالاڻي1942ع جي آخر يا 1943ع جي شروعات ۾ سکر جيل ۾ ڦاهيءَ چاڙهيو ويو: ڪيس سکر جي ويجهو ريلري لائين جا فش پليٽ (Fish Plate) ڪيڍڻ جي ڪوشش ۾ پڪڙيو ويو ۽ جيئن ته سکر سان مارشلا لا لڳل هو، انڪري هڪ فوجي ٽريبونل ڪيس موت جي سزا ڏني ۽ هو باوجودعوامي اپيلن جي ڦاسيءَ چاڙهيو ويو ۽ سندن قرباني هڪ داستان جي صورت اختيار ڪري وئي. هن جو شمار سنڌ جي شهيدن ۾ ڪيو وڃي ٿو.

پرچو وديارٿي، جيڪو هيمونءَ جو ليڊر ۽ استاد هو، سوگهٽين لاهين چاڙهين ڏسڻ بعد حال حيات آهي ۽ ڪلياڻ ڪئمپ بمبئيءَ ۾ رهي ٿو ۽ ٻه دفعا بمبئي جي اسٽيٽ اسيمبليءَ ۾ چونڊيل ميمبر رهي چڪو آهي.

انقلابي گروهن ۾ هڪڙا گُرو ٿيندا آهن ته ٻيا چيلا ۽ ڪي وچڙا. هيمون اتساهي ۽ اڳ پوءِ نه سوچيندڙ جوان هو ۽ پنهنجي جذباتي آدرش جي قيمت هن پنهنجي جان جي قربانيءَ سان ڏني. پرچو سوچيندڙ سمجهندڙ اڳواڻ هو. جيتري قدر مون کي معلوم آهي ته هو گهٽ ۾ گهٽ ۾ ڏهن زبردست وارداتن جو رٿيندڙ ۽ ليڊر هو. ٻه ڀي دفعا پڪڙيو ويو. جنم ٽيپ جي سزا مليس. هڪ دفعو ڪراچي جيل مان ڀڄي نڪتو ۽ تنهن کان پوءِ "لانڊي شوٽنگ ڪيس"، "بينڪ آف انڊيا ڦر ڪيس"، "شڪارپور اناج منڊي شوٽنگ ڪيس". پاڪستان ٺهڻ بعد هندستان ۾ ٻه ڪي وارداتون ڪيائين، جن ۾ پڪڙيو ويو، پر ڪيس آزادي نصيب ٿي. سندس ساٿي ڦيروءَ کي (جيڪو جيڪب آباد جو رهندڙ هو) بمبئيءَ ۾ ڦاسي آئي. شڪارپور اناج منڊيءَ واري واقعي ۾ سندس هڪ ساٿي سندس هٿان مارجي ويو هو!

دهشت گرد پارٽيءَ کي هلائڻ لاءِ ظاهر آهي ته هٿيار کپن ۽ هٿيار حاصل ڪرڻ لاءِ پئسا کپن. پئسا اٽسچاتل غير معروف ٽولي کي چندي ۾ ملڻ مشڪل آهن؛ ڇو ته دهشت گرد ٽولي جو عوامي بنياد وسيع نه ٿو ٿئي ۽

مخفي هٿڻ جي نتيجي ۾ دهشت گرد اڪثر عوامي همدردي کان وانجهيل هوندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ عوام مان ئي ڪي همراهہ ڪين پڪڙي سرڪاري ايجنسين جي حوالي ڪندا آهن.

ٻئي طرف عوامي انقلابي تحريڪون ٿينديون آهن. عوامي تحريڪون بہ ٽن قسمن جون ٿين ٿيون. هڪڙيون بنا تشدد تحريڪون آهن،جيڪي گانڌيءَ جي ڏسيل طرز تي هلنديون آهن. جنهن جو مثال 1920ع کان 1947ع تائين ڪانگريس جي رهنمائيءَ ۾ برصغير جي آزاديءَ لاءِ هلندڙ تحريڪ آهي، جنهن شروعات کان وٺي پنهنجي پاليسيءَ ۾ آهنسڪ (يا بنا تشدد جي) تحريڪ هلائڻ جو اصول اختيار ڪيو هو.

ٻئي پاسي روس، چين، ويٽنام، برما ۽ انڊونيشيا وارن جون آزاديءَ ۽ سماجي خوشحالي لاءِ انقلابي تحريڪون هيون، جن ۾ هٿيار بند عوامي انقلاب جي پاليسيءَ تي عمل ٿيو ۽ انهن جي اڳواڻي نيم- فوجي نيم- انقلابي پارٽين ڪئي: جن کي مزدور، هاري ۽ ٻين مظلوم طبقن جي تائيد حاصل هئي.

انقلابي تحريڪن جو ٽيون قسم اهو آهي. جنتي انقلابي تشدد کي هڪ ذريعو سمجهيو ويندو آهي ۽ نہ آخري مقصد. هڙتال، عوامي مظاهرا، بنا تشدد جي مظاهرا اڪثر آخري انقلابي حملي جا پيشرو سمجهيا ويندا آهن. اهڙين تحريڪن جو طريقہ ڪار گهٽي وقت تائين عوامي جٿي بندي، مظاهرن، قانوني ۽ آئيني طريقن ذريعي عوام کي منظم ڪرڻ هوندو آهي ۽ آخر ۾ وجي آئيني ۽ انقلابي طريقن جي ميل ميلاپ سان عوام جي فتح ٿيندي آهي.

برصغير ۾ آزاديءَ جي تحريڪ کي فيبروري 1946ع ۾ بحريہ جي بغاوت (Indian Naval Strike) وڏي تقويت بخشي ۽ انگريز حڪومت اهو طئہ ڪيو تہ برصغير جي سياسي پارٽين سان ناهہ ڪري ۽ اُن حڪمت عمليءَ تي عمل ڪندي هندستان جون سياسي پارٽيون هڪ بنا تشدد واري انقلاب ذريعي آزاد ٿيون.

آزاديءَ بعد هندستان ۾ جيڪي بہ انقلابي تحريڪون هليون آهن،تن کي آخر ۾ ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پيو آهي: ڇو تہ عوام انهن جو ساٿ نہ ڏنو آهي. اڪثر ماڻهو محسوس ڪن ٿا تہ قوميءَ ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي آئيني پليٽ فارم هوندي،تشدد آميز تحريڪ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ جتي ووٽن ذريعي حڪومت بدلجي سگهي ٿي،اُتي گولي رستي حڪومت بدلڻ جي نظرئي جي

کهڙي ضرورت آهي؟

پاڪستان ۾ايوب خان جي ڏهن سالن واري اقتدار خلاف جيڪا عوامي تحريڪ اڀري ۽ اولهه پاڪستان ۾ هلي،ان کي به محدود ڪاميابي ٿي، پر جنهن وقت ان ۾ تشدد جو عنصر پيدا ٿيو ته فوج لاءِ ان کي ڪُچلڻ ۽ دٻائڻ آسان ٿي پيو.

1983ع جي ايم-آر-ڊي تحريڪ جو مثال پڻ اسانجي آڏو آهي ته هڪ منظم فوجي حڪومت خلاف ڪنهن حد تائين بنا تشدد واري تحريڪ اثرائتي ٿي سگهي ٿي، پر حڪومت جي تشدد جو جواب عوام وٽ ڪونهي. انڪري بجاءِ پنهنجي سر ٽڪرائڻ جي بهتراهو آهي ته منظم مزدور، هاري پورهيت ۽ مظلوم طبقن ۽ قومن جي جدوجهد ذريعي عوامي مقصد حاصل ڪجن.

پاڪستان جي موجوده حالتن ۾ آئيني ۽ عوامي تحريڪ هلائڻ لاءِ وڏيڪ ذهني ۽ اجتماعي ڪوشش جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اسانجون سياسي جماعتون هڪٻئي خلاف لڙڻ بدران پاڻ ۾ ٻڌي، ناهه ۽ سهپ ذريعي جدوجهد ڪن ته گهڻو امڪان آهي ته نيٺ عوام جي سوڀ ٿيندي.

(روزانه عوامي آواز- 30 - اگسٽ 1990ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪراچي وارو قتل عام

ڇهين جنوري 1948ع- ڏيڍ بجي تڪڙي تڪڙي مانيءَ پئي ڪاڌم، جو (M.E.S) جي انگريز انجنيئر سان ٽين وڳي مزدورن جي مطالبن جي متعلق ملاقات ٿيڻي هئي-تہ ايتري ۾ "مارو" "ڪاٽو": "لوٽو "جا آواز هيٺيان ٻڌڻ ۾ آيا. درن پڇڻ ۾ شيشن جي ٽٽڻ جا آواز چوٽين ماڙ تي بہ ٻڌڻ ۾ پئي آيا. ننڍڙي ڌيءُ بالڪنيءَ مان ڀڄندي آئي. "بابا! هيٺ گهٽيءَ ۾ ماڻهو وڙهن ٿا!" مان ڊوڙندو بالڪنيءَ ۾ ويس. پري ڪان دونهون ۽ شعلا اُٿندا نظر پئي آيا. ننڍا وڏا ڇوڪرا ڳوهيل اٿو، ڪوئلا ۽ سنها ٿلها گهر جا برتن کنيو پاسي وارن گهرن مان ٻڳا ٿي ويا. جو ان، ٽيبلون، ڪرسيون، پيتيون ۽ ننڍڙا وڏا ڪپٽ پنيءَ تي کنيو پاسي وارن گهرن ۾ لنگهياپئي ويا. هڪڙي بس اچي هيٺ بيني، جنهن مان هڪ سک ڇوڪري کي کهلي لاٿائون ۽ سير وجهي چڙياٿونس. هڪ ڪراڙي پڙيَ ۾ هٿ وجهي ڀڄندي پئي وئي. هَڪ اڌڙعمر جي شخص هن کي سمجهايو: "مائي پنهنجي گهر وڃ" هن جهٽڪو ڏئي پاڻ ڇڏايو ۽ چياٿينس "مُنا!پنهنجي گهر پئي وڃان".

آرٽلري ميدان نمبر هڪ ۽ فريئر روڊ سان ملندڙ گهٽيءَ ۾ هڪ سلڪ شيرواني ۽ سلڪ جي گانڌي ٽوپي پاتل شخص فوٽ پيريءَ تي اچ وڃ ڪري رهيو هو ۽ ماڻهن کي روڪڻ جي ڪمزور ڪوشش ڪري رهيو هو.

هي سڄو منظر مون سيڪنڊن ۾ ڏٺو. پنيان مون کي ڪنهن ڪالر کان وٺي ڇڪيو. منهن ورائي ڏٺم تہ هيٺين ٽين منزل تي رهندڙ وزير خان هو، جو پاڪستان جي ريلوي منسٽريءَ ۾ ملازم هو ۽ جنهن کي مون هيٺيون فليٽ وٺي ڏنو هو.چياٿين، "دوست! اسان دهليءَ ۾ اهي نظارا ڏسي آيا آهيون. خدا نہ ڪري جو توکي پناه ڏيندي منهنجو گهر اجاڙيو وڃي. لهي ٻارن ٻچن سميت هلي منهنجي گهر رهہ."

اسان سان گڏ هڪ سرڪاري هندو آفيسر جو ڪٽنب بہ رهندڙ هو، جنهن مون هڪ بہ نياٽيون وڏيون هيون. پنهنجي گهر کي تالو هڻي، لهي اچي ٽين منزل واري فليٽ ۾ هڪ خالي ڪمري اندر وزير خان جي گهر ۾ پناه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورتيسون. هن جي ماءُ مونکان ورائـي ورائـي پڇي رهي هئي، "پٽ! ماني کاڌي اٿئي يا نه؟"

هيٺ اچا تائين درن جي پٽڻ ۽ شيشن جا ٺڙڪاٽ هئا. ايتري ۾ ڪامريڊ شرف علي (جنهنجو سڄو خاندان ڪميونسٽ هو ۽ آهي)مٿـي چڙهي آيـو ۽ چيائين ته، پاڻ ڏاڪڻ جهلي بيٺا هئا ۽ اسان واري چوٿين فليٽن واري ڇڪو ماڻ جاءِ بچائي ورتي هئائون !"

انهن چوٿين فليٽن مان ٻه چار مهاجرن جون هيون. باقي سيني ۾ هندو خاندان رهندڙ هئا. ڇهين بجي ٻـاهـران ڪرفيو لڳڻ جـو آواز آيـو. جنهـن سـان گڏ اسسٽنٽ انجنيئر شوڪت علي(جيڪو هندوستان جي مشهور ڪميونسٽ ليڊر ۽ تاريخدان ڊاڪٽر ڪي- ايم- اشرف جو ننڍو ڀاءُ هو) پنهنجي زال ۽ هڪ ڌيءُ سميت مٿي چڙهي آيو ۽ اچي ڇڪي مونکي پنهنجي فليٽ تي وٺـي آيو. چيائين،" جيستائين هيءَ حالت آهي، مان توسان رهندس ۽ اُن ڪان اڳ جو توکي ڪجهه ٿئي، مان ماريو ويندس. دروازو کولڻ تون نه ويندين. ڪو ٻه ڳُڙڪو ٿيو ته مان ويندس."

راتُ ڏُکي سُکي هڪ ڪمري اندر تڏي تي گذاريسين. مان، منهنجي ڇهن سالن جي ڌيءَ ۽ زال هڪ تڏي تي ۽ ڪامريڊ شوڪت علي پنهنجي زال ۽ ننڍڙي ڌيءَ سميت ٻئي تڏي تي. ننڊ ڪرڻ مشڪل هئي. ڪن سرلا ڪيو ٻاهريان آواز پئي ٻڌاسي- اهو ڪرفيو ٻاهتر ڪلاڪ سانده هليو!

البت، منهنجي جند ٻئي ڏينهن انهن وڳي اُن گهر جي بنديخاني مان آزاد ٿي: جو قاضي مجتبيٰ (جيڪو سنڌ گورنمنٽ جو پارليامنٽري سيڪريٽري هو ۽ سنڌ اسيمبلي ۾ مزدورن طرفان چونڊيل نمائيندو به هو-) لائوڊ اسپيڪر سان فِٽ ڪيل پوليس گاڏي وٺي آيو ۽ چيائين: هَلُ، سڄي شهر ۾ امن جو پڙهو ڏينداسين."

سو ستين جنوري تي اڌ شهر ۾ پوليس جي حفاظت هيٺ مختلف محلن ۾ امن ۽ ڀائيچاري لاءِ تقريرون ڪيون سين. مونکي اڃا به ياد آهي، چيو هوسي: "ڀائرو! جناح صاحب جو فرمان آهي ته اقليتن سان نه رڳو انصاف سان، پر فياضيءَ سان رهڻو آهي. قانون هٿ ۾ نه کڻو ۽ جلد ئي تلاشيون شروع ٿينديون. اهڙي جيڪي کنيو هجيو، اُهو پاڙيسرين کي موٽائي ڏيو."

ء سير ء ريخ ڏنو سي ته آرٽلري ميدان ، برنس روڊ، بندر روڊ ۽ عيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گاهہ ميدان سميت سيني رستن مٿان اڇلايل پيتين مان ڪريل سامان ۾ ڪپڙا پيا هئا. جن کي گاٻون چري رهيون هيون. ڪاٿي ڪاٿي ڪنڊ پاسي ۾ لاش بہ ڏسڻ ۾ آيا. جيڪي ڇهين ۽ ستين جي رات پيٽ ۾ شايد پوليس کڻي نہ سگهي هئي!

ٻي ڏينهن کان شروع ٿيل ۽ ڇهين ڏينهن ڪرفيو لڳڻ جي وچ وارن چئن ڪلاڪن ۾ سرڪاري اندازي مطابق تقريباً ٽي سؤ ماڻهو ۽ اسان جي اندازي مطابق تقريباً ٻارهن سؤ ماڻهو سڄي ڪراچيءَ ۾ قتل ٿي چڪا هئا. زخمي ڪرڻ جو رواج اجا نہ نڪتو هو. صفائيءَ سان مينهن يا ٻڪري کي ڪُهڻ واري ڪاتيءَ سان ماڻهو ڪُٺل هئا. جيڪڏهن اڄ بہ ڪنهن کي ڏسڻو هجي تہ فسادن متعلق انگريزي (R.K) فلم ڪمپنيءَ جا فلم ڏسي يا ويجهڙائيءَ ۾ نڪتل "تپش" جا فلم ڏسي.

ٽيون هيئن هو تہ لباٽا سک (پنجابي ۾ هنن کي مونا سک بہ چوندا آهن.) سکر کان پوليس جي حفاظت ۾ ريل گاڏي ۾ ڪراچي اسٽيشن تي اچي لٿا. هنن کي پوليس جي گاڏين تي کڻي "اڪال پونگا" واري سک مندر تائين پهچايٺو هو. تقريباً ٽي سؤ لباٽا سک آل وعيال سميت سٽي اسٽيشن تي لٿا تہ ماڻهو مڙڻ شروع ٿيا. ڏک ٻُجي تائين نوبت پهچڻ لڳي. ڪانگريسي ايم پي اي ڪرشنانند جيڪو لڏ پلاڻ جو انچارج هو، تنهن پوليس جون گاڏيون نہ ڏسي ٽانگا گهرايا ۽ تڙتڪڙ ۾ مسافرن کي ٽانگن ۾ چاڙهي ميڪلوڊ روڊ ڏئي "اڪال پونگي" ڏانهن روانو ڪيو. ڪن مسافرن کي واٽ تي ٽانگن مان گهلي لاٿو ويو. چيخ وپڪار "مارو!" "ڪاٽو!" جي نعرن وچ ۾ تقريباً سؤ ڏيڍ سؤ لباٽا سک مندر اندر داخل ٿيا. پر سامهون ڪليل پٽ تي ڪلاڪ ڀن اندر تقريباً سوا لک ماڻهو ڪٺا ٿي ويا. (ان پلاٽ تي هاڻي پريڊي پوليس ڪوارٽر ٺهيل آهن) ڪلاڪ ڀن اندر ماڻهو پوليس جو گهيرو ٽوڙي اندر ڪاهي پيا ۽ مشڪل سان کي ٻار ۽ زالون بچي نڪتا يا بچايا ويا. مندر جو اڱڻ ۽ هسواري واري ڪوني، رت جي دبن سان تر هيون. قتل عام ٿي چڪو هو. اهو احوال مون کي شوڪت عليءَ رات جي وقت پنهنجي جاءِ تي ٻڌايو ۽ اهو بہ ٻڌايو تہ هو بہ زخمي ٻار کڻي سول سپتال پهچائي آيو هو. هڪ سپاهي ڪيس روڪڻ جي ڪوشش ڪندي سٿر تي سنگين هٽي ڪيدي هئس، جنهنجو نشان هن جي سٿر تي ظاهر هو. معلوم ناهي پوليس واري هن کي قاتل پٺي سمجهيو يا

بچائيندڙ! ؟

پاهتر ڪلاڪن جي ڪرفيو لهڻ ڪان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي ساهي ڏني وئي، جنهن ۾ مان پيادل پارٽي ۽ ٽريڊ يونين هيڊ ڪوارٽرس تي پهتس. ڏٺم تہ برنس روڊ ۽ پاڪستان چوڪ ڏانهن اينڊڙ رستي ۽ ڪچهري روڊ لائيٽ هائوس سنيما تائين دوڪان ڪليل- ڦٽيل ۽ سڙيل هئا ۽ ماڻهو وقفي جو فائدو وٺندي وري ٻيهر ڦُرڻ لاءِ دوڪانن آڏو ڪَٺا ٿيل هئا.

ٻيو ڪرفيو تقريباً پنجيتاليهہ ڪلاڪ هليو. ان وچ ۾ اسان پوليس جي لاريءَ ۾ سڄي ڪراچيءَ جو دورو ڪيوسي. انسان جا انسان سان وحشي ڪاروائين جا داستان ٻڌاسي. وحشت ۽ بربريت جون ڳالهيون ٻڌيون سي ۽ انهن فرشتہ سيرت بهادرن جون ڳالهيون بہ ٻڌيونسي جن پنهنجي سر مٿي خطرو کڻي پاڙيسرين کي پناهہ ڏني هئي.

سڀ اسڪول ۽ ڪاليج هندو پناهگيرن سان پريا پيا هئا ۽ پوليس اسٽيشنون ڀرڻيل ڪرسين، ميزن ۽ ڪپڙن جي انبارن سان سٿيون پيون هيون. پوليس جي پهري هيٺ بمبئيءَ ويندڙ ساموندي جهازن تي سنڌي هندن کي ڪيبيو پئي ويو. ڊاڪ وارن مزدورن جي چاندي هئي. ڏهوٽيون ويهوٽيون ۽ سوٽيون مزدوريون پئي ڪمايائون. ديوان پنهنجا بنگلا، گهر گهاٽ ۽ سامان ڦٽائي ۽ ڦٽيل گهر پڳڙن جي اڳهہ ڪپائي شرنارٿي بڻجي وڃي رهيا هئا. ان لاءِ تہ هندوستان مان آيل ۽ تنبن ۾ ويهاريل پناهگيرن جي رهڻ لاءِ جاءِ ٿئي. پنهنجي خوشيءَ سان نہ هو وڃي رهيا هئا ۽ نہ هو آيا هئا. هي هندوستان ۽ پاڪستان جي ڌرتيءَ جا پنهنجي ٻچڙن سان آزاديءَ بعد وڙ ٿي رهيا هئا-!

اسان ٽريڊ يونين ۾ ڪم ڪندڙن کي پنجين تاريخ جنوريءَ تي رات جو ڏهين وڳي هڪ درزي ڪامريڊ ٻڌايو هو تہ، "موليڏنا مسافر خاني ۾ ڏڪاٽيل مولوين جي ميٽنگ ٿي هئي، جنهن ۾ اهو فيصلو ٿيو هو تہ هڪڙي ششڪر ڏجي تہ جيئن واٽيا لڌين ۽ جايون بہ خالي ٿين." چو تہ هنن جي خيال ۾ "بيغيرت سنڌي مسلمان"هندن کي جهاٽڪو ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا-!

هڪ لطيفو شاعر نظر ظهور (جيڪو اياز جي ويجهو پئي رهيو) ٻڌايو تہ ڇهين جنوريءَ جي فساد ۾ ڇٽين وڳي سوٽيل بوٽيل فيلٽ هٽ (I elt Hat) پاتل منچلي شخص کي پنيءَ پاڏو سوٽ ڪيس کڻي ويندي هن ڏٺو. جو ڳائيندو پئي ويو تہ" اگر خدا توفيق نہ دي تو بنده کيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري."

هڪ حقيقت بہ بيان ڪيان تہ منهنجي ڪراچيءَ واري فليٽ ۾ ميرا سيرا، ڪارا ڪوجها مزدور ڪارخانن مان نڪري ايندا هئا ۽ اچي مون سان رهاڻيون ڪندا هئا. مان جڏهن صبح جو روانو ٿي ويندو هئس تہ اُن ماڙيءَ جي مالڪياڻي منهنجي زال کي اچي گُلَ پڌائيندي هئي، جيڪي منهنجي زال مون کي منجهند جو پڌائيندي هئي تہ، مونکي ڪهڙي دوزخ ۾ آڻي هنيو اٿئي؛ جو جاءِ جي مالڪياڻي چوي ٿي تہ تنهنجي گهر ۾ جت ۽ پوش ٿا اچن، چڪلو ڪوليو ٿئي." مان کلي زال کي چوندو هئس تہ، "اهي ويڻ تہ پڌڻا آهن!"

فساد ختم ٿيڻ کان ست ڏينهن پوءِ جاءِ جي مالڪياڻي پوتي ڳچيءَ ۾ وجهي منهنجي زال وٽ آئي ۽ اچي چيائينس، "پيڻ! معاف ڪر، مان توهان کي غلط سمجهيو هو، تنهنجي مڙس جي ڪري منهنجو سجو پاڙو سلامت رهيو، انهن بهوشن اسانجو اچي سر بچايو. عزتون بچايون ۽ مال بچايو. "جت ۽ بهوش زنده آباد!"

انين جنوري جي ڏينهن رستي سان پارٽي آفيس پئي ويس تہ پنيان ڪلهي تي ڪنهن هٿ رکيو. اُهو گيهي هو، جنهن موٽر سائيڪل تي آهستگيءَ سان اچي ڪن ۾ چيو:"خيال رکجان توکي قتل ڪرڻ جو منصوبو منهنجي يارن (R.S S) (راشٽر سيوا سنگهہ- ڪٽر هندوجماعت) وارن ٺاهيو آهي." گيهي ڪنهن زماني ۾ ڪانگريس شيوا دل ۾ رهي چڪو هو ۽ هن کي منهنجي جان اجا ٿائين بہ عزيز هئي.

نائين يا ڏهين جنوريءَ تي سعيد هارون رستي ۾ گڏيو، جيڪو انوقت مسلم ليگ نيشنل گارڊ جو چڱو مڙس ۽ منهنجو پراڻو دوست هو . هن مونکي ڏسي خوشي جو اظهار ڪيو-!

مان ان قتل عام جو چشم ديد يا اکين ڏٺو شاهد آهيان. ان ۾ مون ڦورو-لوٽو -ڏاڙيل ۽ قاتل ڏٺا ۽ ساڳئي وقت فرشتہ صفت انسان بہ ڏٺا، جن سر جي سٽي ڏئي نہ صرف مونکي، هڪ ڪامريڊ کي، پر عام هندن کي بہ بچايو ۽ لکن کي سلامتيءَ سان هندوستان وڃڻ ڏنو.

ڇا تاريخ پاڻ کي ورجائي رهي آهي؟ ڪلهہ هڪڙا سنڌي هئا ۽ اڄ ٽيٽاليهہ. چوئيتاليهہ سال گذرڻ بعد ڇا وري ٻين سنڌين جو وارو آيو آهي؟؟

(روزانہ عوامي آواز- 30- آگسٽ 1990ع)

ڏاڙيل ۽ عام معافي

ڦورو ۽ ڏاڙيل سنڌي سماج جو صدين کان حصو رهيا آهن. چچ نامي ۾ ذڪر ملي ٿو تہ ڏاهر سنڌي ڏاڙيلن کي ڳوڻ جا ڪپڙا پارائي ۽ ڪانجي ڪارائي اڄوڪي مڪي ڍنڍ واري علائقي ۾ نظر بند رکندو هو ۽ سنڌين تي هر ڪاھ ڏاڙيلن جي هڪ نئين پوش کي جنم ڏيندي رهي آهي. سنڌ جي امير ۽ جاگيردار طبقي جي ڪنهن بہ خاندان جي شجري جي ڇنڊ ڇاڻ ڪيو تہ اُن جو پهريون سرواڻ ڪو ڏاڙيل نڪرندو! وقت ۽ تاريخ جي ڌارا هلندي ان ڏاڙيل جي ٻي يا ٽين پشت کي هڪ سماجي ۽ قانوني صورت (Legitimacy) ملندي آهي، جنهن ڪانپوءِ ڏاڙيل جا پويان پاڻ کي وڏيرا، سردار، ڄام ڄاموٽ ۽ پير جي لقب سان نوازيندا آهن. پوءِ عوام جي يادگيري ضعيف هجڻ سبب هنن جي وڏن جو اڳوڻو ڪردار افسانوي ۽ داستانوي صورت اختيار ڪري وڃندو آهي. هنن جا ڏاڍ، جبر ۽ ظلم ماڻهن کان وسري ويندا آهن ۽ هنن جي پوئين جون نيڪيون ماڻهن کي ياد رهنديون آهن!

گذريل ڇهن سالن ۾ جيڪو نئين قسم جو ڏاڙو ۽ ڏاڙيل سنڌ ۾ وجود ۾ آيو آهي جنهن ماڻهو کڻڻ شروع ڪيا ويا آهن ۽ انهن جي قيمت چڪائي يا پونگو وٺي انهن کي موٽائڻ شروع ڪيو ويو آهي، اهو سنڌي سماج ۾ هڪ نئين باب جو اضافو آهي. انگريزن واري دور ۾ ٻڌو هوم تہ قبائلي علائقن جا ماڻهو غير قبائلي ماڻهن، سياسي آفيسرن ۽ پوليٽيڪل ايجنٽن کي کڻي ويندا هئا ۽ ان جي عيوض انگريزن کان ڪي رعايتون حاصل ڪندا هئا.پر سنڌ ۾ چور ۽ ڏاڙيل صرف ڦُرلٽ لاءِ ايندا هئا.ماڻهو کڻي پونگو وٺڻ جو اڄوڪو مسئلو منهنجي ڄاڻ موجب بلڪل نئون آهي. اڄ هر ٻڪري چور، ماڻهو چور بڻجي ڪچي يا جبل ۾ پناهه وٺيو ويٺو آهي. هاڻي تہ حالت وڃي اها ٿي آهي تہ پوتارن ۽ پاٿاريدارن کي ڪلاشنڪوف برادر ڏاڙيل "ڪرُ" بہ ٿا ڪن ۽ پنهنجو واسطو سڌو سنئون پوليس ۽ سرڪاري عملدارن سان رکن ٿا ۽ پنهنجي وصولي ڪنهن اهڙيءَ ماڻهو جي ذريعي ڪن ٿا جيڪو سندن مرجن يا هٿيارن جو زبردست آهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1983ع واري ايم آر ڊي تحريڪ جي خاتمي بعد ڌاڙيلن منهن ڪڍيو. پهرياڻين اڪثر ڌنڌو ويو تہ جيڪي ماڻهو ڪنيا پئي ويا سي هندو، شيخ ۽ ميمڻ هئا. يعني "ڪچيءَ پنديءَ" واريون ذاتيون ۽ ڪٽنڊڙ اڪثر چانڊيا ۽ ٻروچ- گهٽن سياسي ماڻهن جي اها ٿي راءِ آهي تہ ايم آر ڊي تحريڪ کي پٽڙيءَ تان لاهڻ لاءِ يا صحيح رُخ ۾ ويندڙ ان تحريڪ کي پوئتي موٽائڻ لاءِ سماٽ ۽ بلوچن جو تفرتو خود قانون نافذ ڪندڙ ايجنسين طرفان نازل ٿيو. دادوءَ جو هڪ ايس پي ماڻهن کي چوندو هو تہ، پلي دادوءَ جي حد کان ٻاهر واٽين ۽ شيخن کي ڪٽو، پر سيدن کي هٿ بہ نہ لڳايو ! ۽ لاڙڪاڻي جي ايس پي جو رويو اهو هو تہ ڪجهہ ڪرڻو اٿو تہ لاڙڪاڻي جي حد کان ٻاهر ڪيو. جنهن جي معني اها ٿي تہ خوشحال طبقي سان واسطو رکندڙ خلق يا وچولي طبقي جا ماڻهو، جيڪي بسن ۽ ويگنن ۾ سفر ڪندا هئا، سي مختلف ضلعن جي پوليس ايجنسين ۽ ايس پين جي وچ ۾ فوٽ بال بڻجي ويا.

ويجهڙائيءَ ۾ هڪ ٻن اغوا ٿيل ٻارڙن ۽ جوانن جي بي رحم قتل بعد ڌاڙيل اجاب وڏيڪ عوام جي همدرديءَ کان ڪٽجي ويا آهن ۽ گهر ٿيندي رهي آهي تہ ڌاڙيلن کي نگهوسار ڪيو وڃي ۽ ان ۾ جيڪڏهن آپريشن ڪلين اپ مان پوري علائقي جي ماڻهن کي ڪا تڪليف پهچي تہ ان لاءِ ماڻهن کي اها برداشت ڪرڻ کپي.

اٽڪل بہ سال اڳ پاڪستان "هيرالڊ" هڪ سمورو پرچو ڌاڙيلن جي مسئلي تي ڇاپيو هو، جنهن جو نالوئي رکيو ويو هو "The Day of The Dacoits" جنهن ۾ موهن جي دڙي آڏو گڏ ٿيل ڪجهہ ڌاڙيلن جا انٽرويو بہ هئا، جنهن ۾ هنن پنهنجي لاءِ عام معافيءَ جي اعلان جي گهر ڪئي هئي. ظاهر آهي تہ هڪ فوجي حڪومت لاءِ ڌاڙيلن جو مسئلو پيدا ڪرڻ تہ سولي ڳالهہ هئي، پر ڌاڙيلن کي معافي ڏيڻ غور طلب مسئلو هو. پر ارڙهن مهينن تائين اسان جي جمهوري حڪومت بہ ان مسئلي کي هيڏي يا هوڏي ڪرڻ ۾ ناڪام رهي. نوان ڌاڙيل پيدا ٿيندا رهيا ۽ نئين قسم جا دهشتگرد ۽ تشدد جا حامي ٽولا خود پڙهيل طبقي اندر پيدا ٿيندا ويا.

نگران حڪومت جي هڪ مهيني جي ڪارڪردگي ڏيکاري ٿي تہ دهشتگرد، تشدد پسند يا ڌاڙيلن کي ختم ڪرڻ جو يا تہ هنن وٽ مسئلو ئي ڪونهي يا هنن کي ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪا تدبير ڪانهي.

ڌاڙيلن جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ اسانجي پاڙيسري ملڪ ڀارت جي تجربي مان فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو.

جهونا ڳڙهه جي ڪاهه بعد، اُتان جي حاڪم پاڙيسري راجائن ڀاڻ مان هڪ ڌاڙيل "پوپٽ" پيدا ڪيو، جنهن ڪيٽي خون ڪري پاڪستان ۾ پناه ورتي ۽ هت ٿي مسلمان ٿي رهيو ۽ مئو. سينٽرل انڊيا يعني مڌيا ڀارت جي ختم ٿيل رياستن جي حاڪمن سوين ڌاڙيل تيار ڪيا، جن اتان جي ڪانگريسي نيتائن کي مارڻ لٽڻ ۽ تباه ڪرڻ جو پيشو اختيار ڪيو. حڪومت جي مشينري انهن ڌاڙيلن کي ختم ڪري نه سگهي؛ ڇو ته حڪومت جي تشدد ڌاڙيلن لاءِ وڏي پيماني تي عوام ۾ همدرديءَ جو احساس پيدا ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ ڌاڙيل سينٽرل انڊيا جو روايتي هيرو ٿي اڀريو . آخر ۾ آچاريه ونو ڀاوي (گانڌيءَ جو هڪ چيلو) حڪومت جي اجازت سان ڌاڙيلن وٽ سفيد جهنڊو کڻي پهتو ۽ هنن کي سمجهائي بجهائي هٿيارن سميت پيش پوڻ لاءِ آماده ڪيائين. جنهن جي عيوض ۾ حڪومت ڌاڙيلن کي معافي ڏئي کين روزگار پيدا ڪري ڏيڻ لاءِ زمين ڏني ۽ ٻيا طريقا آزمايا. ۽ اهو مسئلو، جيڪو اڻين پڻي لڳو ته ڪڏهن حل نه ٿيندو. سو خير خوبيءَ سان حل ٿي ويو. هن وقت ڪاٿي ڪاٿي ڪو ڌاڙيل هندوستان ۾ ٻڌجي ٿو نه ته اهو مسئلو في الحال هندوستاني معاشري ۾ حل ٿيل سمجهيو وڃي ٿو. اهو ياد رکڻ گهرجي ته ساڍا ٽي سو ڌاڙيل پنهنجي نالي واري ليڊر "مان سنگهه" جي اڳواڻيءَ ۾ هٿيارن سميت حڪومت آڏو پيش پيا هئا!

پاڪستان جي حڪومت جي پاليسي ان معاملي ۾ نياري رهي آهي. اسانوڻ قران شريف جا واسطا ڏئي نو روز خان کي بغاوت ڇڏي پيش پوڻ لاءِ آماده ڪري، ڦاهي چاڙهيو ويو. انڪري پاڪستان جي ڪنهن به حڪومت تي باغي يا ڌاڙيل کي ڀروسو ناهي، جيڪڏهن اسان جي حڪومت چاهي ته به ڌاڙيلن کي پيش پوڻ تي آماده ڪرڻ، اسانجي موجوده حڪومت لاءِ نه صرف ڏکيو مسئلو آهي، پر ڌاڙيل شايد ان تي ڀروسو به نه ڪن. ڇو ته مختلف وقتن تي ڌاڙيلن طرفان اخبارن ۾ اعلان ٿيندا رهيا آهن ته هو هڪ سول حڪومت آڏو پيش پوڻ لاءِ تيار ٿي ويندا، پر فوجي يانيم فوجي حڪومت آڏو پيش نه پوندا. ڇو ته هنن کي زندگيءَ جي ضمانت نه ملندي.

ڌاڙيلن جي مسئلي پوري پوليس جي نظام کي (Corrupt) ڪري ڇڏيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. اٿين پيو پاٿنجي تہ ڇڻ اسان جا پوليس جا عملدار يا ٺاٺيدار سنڌ سرڪار يا پاڪستان جا ملازم يا عملدار نہ، پر ڌاڙيلن جا پگهاردار آهن، ڇو تہ ٺاٺن جو حصو ڌاڙيلن جي پونگي ۾ ڳنڍيو پيو آهي ۽ پوليس جا عملدار پنهنجي ڪارڪردگيءَ ڪي ڌاڙيلن جي رحم ڪرم تي منحصر (Dependent) ڪري چڪا آهن. ڪيترائي دفعا اٿين بہ ٿيو آهي تہ ڌاڙيلن پنهنجو پونگو پوليس جي معرفت ورتو آهي ۽ ماڻهو بہ پوليس جي ذريعي موٽايو آهي. اهڙا پوليس عملدار جيڪي ڌاڙيلن ۽ عوام جي وچ ۾ دلالن يا پل جو ڪم ڏين ٿا، تن جا نالا هرضلعي ۾ هرڪو ڄاڻي ٿو.

وقت آيو آهي تہ اسانجا حاڪم فوجي، غير فوجي، پوليس، اعليٰ عملدار ۽ امن امان جا ذميوار، ان ڳالهہ تي سنجيدگيءَ سان غور ڪن تہ ڪهڙيءَ طرح عوام کي هن عذاب مان ڇوٽڪارو ملي سگهي ٿو. مون کي لڳي ٿو تہ حالتون شايد هڪ عام معافيءَ ذريعي بہ نہ سُڌري سگهن، ڇو تہ ڪي رحيم هنگورا ڌاڙيلن مان نڪري ايندا، جيڪي پنهنجي روحاني پيشوا پيرپاڳاري جي حڪم مڃڻ کان بہ انڪار ڪندا.(هتي رحيم هنگوري جو مثال انڪري ڏنو ويو آهي تہ رحيم هنگورو پير پاڳاري طرفان عام معافي جي آڇ کي 54-1953ع ۾ قبول نہ ڪيو ۽ بعد ۾ گرفتار ڪري ڦاهيءَ چاڙهيو ويو.)

ياد ٿو اچي تہ عام معافيءَ جو طريقو ڪيترائي ڀيرا (Criminals and Scheduled Tribes) کي پيش پوائڻ لاءِ انگريز حاڪم بہ ڪتب آڻيندا هئا- آخري آڇ جيڪا انگريزن ڀيءَ جنگ عظيم دوران، هڪ افغان ڌاڙيل ۽ آزاديءَ جي علمبردار، "فقير آف اِپيءَ" کي ڪئي، پر "فقير آف اپي" ڪڏهن بہ پيش نہ پيو هو .

اسان جي نيم جاگيردارانہ ۽ نيم سرمائيدارانہ سماج اندر جيڪا اڻ برابري آهي، جتي طبقاتي ظلم ۽ تشدد آهي، جتي پاڪستان اندر رهندڙ قومن مٿان مستقل دٻاءُ ۽ تشدد آهي، اُتي ڌاڙيل آهن. پيدا ٿيندا رهندا ۽ اهو سلسلو اَڻ کُٽ آهي. جيستائين اهي لعنتون اسانجي ملڪ اندر موجود آهن.ڪُڙميءَ جو ٻار اسڪول ۾ وڏيري جي پٽ کي نٽ نانگر سان ڏسي ٿو تہ هن کي پنهنجي ڪمتريءَ جو احساس ٿئي ٿو. سڄي عمر پورهيو ڪرڻ بعد بہ جڏهن ڪير نيم پڙهيل سنڌي ڪُڙمي ڏسي ٿو تہ گهر ۾ کائڻ لاءِ پورو ناهي، بيماريءَ لاءِ علاج ناهي تہ هو پهريائين ميل اڏ جي مشهور ڌاڙيل جي خدمت چاڪريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ لڳي ٿو ۽ رات جو فصل جون تيار پاريون سٽڻ بدران ڪنهن موٽر سائيڪل سوار کان موٽر سائيڪل يا ڪار ڦري ٿو يا ڪنهن سٺيي آساميءَ کي اغوا ڪري ٿو. ڪجهه وقت بعد ڪنهن ڌاڙيل اڳواڻ جي سرواڻيءَ ۾ هوٽلن تي ويهندڙ / گشاپنا هٽندڙ، نوجوان ٽولي اندر بندوق، رائيفل يا ڪلاشنڪوف کڻي ڌاڙي جا پهريان سبق سکي ٿو. وري جي ڪڏهن ڪو سيڪڙاڻ پوليس جي ور چڙهي وڃي ٿو ته ان جي پوٺتان ايترا ته ڪوڙا ڪيس هنيا وڃن ٿا، جو هو "ياڳيلو" ٿيڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿو.

هڪ ٻن سالن جي جيل ڪانپوءِ ڌاڙيل ڪراچي، سکر ۽ حيدرآباد واريءَ Crime يونيورسٽيءَ مان ڊگري وٺي جڏهن ضامن تي آزاد ٿئي ٿو ته پوءِ هن کي ڪنهن پرو چانڊئي، علي گوهر ڏيپراڻي، مشتاق ڪلهوڙي، علي ڏني تنيي (طاهر نقاش) يا جانو آرائين کي استاد مڃڻ جي ضرورت پيش نه ٿي پوي ۽ هو خود تربيت يافته ڌاڙيل ٿي وڃي ٿو ۽ پنهنجو ٽولو ناهي ٿو.

اسان جي اڻ برابريءَ واري سماج ۾ ڌاڙيلن جو پيدا ٿيڻ سياويڪ ڳالھ آهي، پر هڪ ڳالھ جا وڏيڪ غور طلب آهي، سا اها ته اڄ جيڪي ماڻهو کڄن ٿا، تن ۾ اڪثريت هندن جي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي هندن ۾ لڏڻ جو رجحان وڌي ويو آهي ۽ هو اٿين پيا سمجهن ته سندن مستقبل هتي اونداهو آهي. اهو رجحان هوئڻ ته اپر سنڌ ۾ گهٽو آهي، پر هاڻي ته لاڙ ڏي به مينگهواڙن ۽ ڀيلن جا پٽيل کڄڻ شروع ٿيا آهن، جيڪي لاڙ جي معاشيات لاءِ پنيءَ جي ڪنڊي جي حيثيت رکن ٿا.

ضرورت آهي ته مختلف سياسي لاڙا رکندڙ جماعتون ۽ عملدار پاڻ ۾ گڏجي سوچين ته ان لعنت کان سنڌ کي نجات ڪيئن ڏيارجي.

منهنجو پنهنجو خيال آهي ته مشروط عام معافي ذريعي (ان واعدي سان ته وري ڌوھ نه ڪندا) پيش پوندڙ ڌاڙيلن کي سندن لياقتن آهر روزگار ڏنو وڃي ۽ جيڪڏهن ممڪن ٿي سگهي ته "لوڙها" (Penal Settlements) جن جو رواج اڳي به هو، قائم ڪيا وڃن ۽ اتي ڌاڙيلن کي پنهنجن ڪٽنبن سميت رهايو وڃي ۽ کين روزگار لاءِ زمين جا ٽڪرا ڪيتيءَ لاءِ ڏنا وڃن ۽ جيستائين هو پنهنجي پيرين سيرين ٿين، مٿن نگرانيءَ جو انتظام ڪيو وڃي.

(روزانه 'عوامي آواز' – 6– سيپٽمبر 1990ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱۹۹۰ع وارين چونڊن بابت يقيني

ملڪ جي موجوده امن امان جي صورتحال جي باري ۾ ڪجهه قطعي طور چوڻ مشڪل آهي. ڇو تہ هڪ طرف شهري دهشتگرد عام سنڌين ۽ عام شهرين جو ڪنڌو ڪٽائڻ تي بضد آهن تہ ٻئي طرف ڳوٺن ۾ ڌاڙيلن ۽ سندن سرپرست پاڙاريدارن ۽ پوليس عملدارن جو راڄ آهي.

اليڪشن جي موجوده صورتحال پڻ زندگي جي غير يقيني حالتن ۾ اضافو آندو آهي. خبر ڪانہ ٿي پوي تہ راڄ ڪنهن جو آهي.صدر جو؟ وزيراعظم جو؟ وزير اعليٰ جو؟ يا فوج جو؟

روزانو اخبارن جون بدليون قسطوار اچا بہ غير يقينيءَ ڪي وڌائي رهيون آهن. پتو ڪونہ ٿو پوي تہ اليڪشن ٿيندي يا نہ ٿيندي؟ جي ٿيندي تہ ايمانداريءَ سان ٿيندي يا"جوَڏيري ڳنڍ ڳنڍ رکپال" وارو قصو ٿيندو؟

پيپلز پارٽيءَ جي ليڊرن کي ريفرنس ذريعي اليڪشن ۾ بيهڻ کان روڪيو ويندو يا ريفرنس هلندي اليڪشن لڙڻ ڏني ويندي؟ ملڪ جون اعليٰ عدالتون اسيمبلين کي بحال ڪنديون يا صورتحال کي تسليم ڪندي اليڪشن ڪرائڻ تي زورڏينديون؟ جيئن ضياءُالحق جي موت بعد اسيمبلين جي موقوفي غير آئيني ڄاڻائيندي اليڪشن تي زور ڏنو ويو هو؟

گذريل سومر ڏهين سيپٽمبر تي ڪراچيءَ مان لاڙڪاڻي موٽندي مون محسوس ڪيو تہ رستي ۾ ڪٿي بہ قانون لاڳو ڪندڙ ايجنسيون، فوجين ۽ غير فوجين جو ڪو وجود نظر ڪو نہ آيو. ڇهين بجي کان پوءِ رستا اُجاڙ هئا ۽ دل تي خوف هيو تہ خير سان لاڙڪاڻي پهچنداسين يا نہ؟

گذريل اليڪشن ۾ مون تقريباً ارڙهن ڪلاڪ روز ڪراچيءَ کان مٺي، ميرپور ماٿيلو، ڪوئيٽا، قلات خضدار ۽ وري ڪراچيءَ جو سفر ڪيو، پر اهو انديشو نہ هو ڪٿي بہ مان ڌاڙيلن جو شڪار ٿي سگهان ٿو يا ڪٿي بہ منهنجي گاڏي روڪي ويندي.

موجوده غير يقيني حالتن هڪ طرف ڪويت- عراق واري صورتحال جي ڪري بين الاقوامي صورتحال کي جنم ڏنو آهي تہ ٻئي طرف هندوستان ۽

پاڪستان جي سرحدن تي ماناٺي جي باوجود ماڻهن جي دلين ۾ ٻيو شڪ جائز طرح اُٿي ٿو ته ڪو نه ڪو واقعو ڪرائي صورتحال کي نارمل ٿيڻ کان روڪيو ويندو.

حيدرآباد شهر ۾ ايم ڪيو ايم اندر انتشار سبب ڪيترين جانين روزانو نقصان ٿي رهيون آهن ۽ ائين ٿو لڳي ته قاعدي قانون لا ڳو ڪرڻ وارا چڻ آهن ئي ڪو نه!

اليڪشن جي آسري سبب مختلف پارٽين جي ماڻهن ۽ عوام ۾ هڪ بي اعتباريءَ جو ماحول آهي ۽ هٿي طرف هو اهو به سوچي رهيا آهن ته شايد حڪمران پنهنجي اليڪشن جي واعدن تي قائم رهن، ڇو ته اهڙيون يقين دهانيون هو پنهنجي ڪعبن ۽ قبلن (امريڪا)کي به ڏياري چڪا آهن.

انهن سمورين حالتن تي نظر رکندي صرف ايترو چئي سگهجي ٿو ته حالتون غير يقيني آهن. ڇا ٿيندو ۽ ڇا نه ٿيندو تنهنجي باري ۾ پيشن گوئي ڪرڻ مشڪل آهي.

(روزانه 'عوامي آواز'-13 - سيپٽمبر- 1990ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١٩٥٩ع وارين اٺ - ٿيل
چوندن جي اهميت

1954 جو سن، ڪيترين ڳالهين جي ڪري پاڪستان جي تاريخ ۾ اهم آهي. ان سال اوڀر پاڪستان جي اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون ۽ سواءِ هڪ ميمبر نورالامين جي باقي سمورا مسلم ليگ جي برخلاف پارٽين وارا چونڊجي آيا هئا. هي پارٽيون هيون"عوامي ليگ"، "ڪرشڪ سرامڪ پارٽي" يعني ڪسان مزدور پارٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽي. انهن پارٽين اندر پڻ خاصو تعداد ڪميونسٽ پارٽيءَ وارن جو هو.

اوڀر پاڪستان ۾ مسلم ليگ جي شڪست بعد وفاقي وزارت اندر، اوڀر پاڪستان جي مسلم ليگي وزيرن جو ڪو بنياد نه رهيو ۽ هو اولهه پاڪستان جي رحم ڪرم تي ٿي ويا.

ساڳئي سال امريڪا سان پاڪستان جو نام نهاد باهمي بچاءُ جو معاهدو طئه ٿيو ۽ لکي پڙهي پاڪستان کي امريڪا جي غلاميءَ ۾ ڏنو ويو.

ان ئي سال ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان تي بندش وڌي وئي ۽ ڪميونسٽ پارٽي سان لاڳاپيل ٽريڊ يونين ڪانگريس، 'هاري ڪاميٽي'، سنڌي ادبي سنگت ۽ پروگريسو رائٽرس آرگنائيزيشن ۽ ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن تي پڻ پابندي وڌي وئي. ائين چئجي ته امريڪا جي سرپرستي حاصل ڪرڻ لاءِ اهو پهريون نذرانو پيش ڪيو ويو. تنهن بعد جنرل ايوب خان ڪمانڊر ان چيف جي مدد سان گورنر جنرل قومي اسيمبليءَ کي ختم ڪيو ۽ خواجه ناظم الدين وزير اعظم کي برطرف ڪري محمد علي آف بوگره کي وزير اعظم بڻايو. محمد علي بوگره جو پڪو ان ڪري پيو ته هو بنگالي هو ۽ سنئون سنئون امريڪا ۾ ايلچيءَ جي عهدي تان هٽي وزيراعظم جي عهدي تي آندو ويو.انهن سمورين ڳالهين ۾ هڪ قسم جو ربط آهي. اها پنجاب جي (Sword Arm) فوجي قوت جي پاڪستان ۾ اڪثريت مٿان پنهنجي بالادستي قائم ڪرڻ لاءِ شروعات هئي، جنهن جي پڄاڻي بنگلاديش جي قائم ٿيڻ سان 1971ع ۾ ٿي؛ جڏهن سابق مشرقي پاڪستان کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان مان لوڏي ڪڍيو ويو.

1953ع ۾ غلام فاروق ۽ ڊاڪٽر خانصاحب جي ذريعي هڪ ميٽنگ ڪراچيءَ ۾ سڏائي وئي هئي، جنتي عبدالغفار خان کي غلام محمد ۽ سندس صلاحڪارن سان ملايو ويو. مونکي ياد آهي تہ جڏهن خان عبالغفار خان ان ملاقات بعد موٽي سائين جي ايم سيد جي بنگلي تي آيو هو تہ مختصر لفظن ۾ ان ملاقات جو حال احوال ڏنو هئائين، "شاه جي! ٽورڙيون هنن جون گھرون آهن. اسانجي بجلي، سنڌ جي زمين ۽ بلوچستان جي گئس".

اهو ياد رکڻ جڳائي تہ ان وقت پاڪستان اندر سرحد مان ورثاق جي پن بجلي پيدا ٿيندڙ هئي. سنڌ جي زمينن ۾ اسانجا رٽايرڊ فوجي پاٿر تہ هميشہ شريڪ رهيا آهن، پر هاڻي هڪ گڏيل خاندان ذريعي اسانجي وسيلن کي پنجاب جي وسيلن سان ملايو پئي ويو ۽ گيس جو تہ وڏو مقدر انهن فيصلن جي نتيجن ۾ اڄ بہ پنجاب اندر خرچ ٿي رهيو آهي

قومي اسيمبلي کي (جنهنجي حيثيت آئين ساز اسيمبليءَ جي پڻ هئي) برطرف ڪرڻ کان پوءِ غلام محمد جو ارادو هڪ ڪنوينشن ڪوٺائڻ جو هو، جنهن جا اختيارات قومي اسيمبليءَ کان بلڪل گهٽ هجن ها. پر محمد منير (سپريم ڪوٽ جي چيف جسٽس) جنهن پاڪستان جي پهرين قومي اسيمبليءَ کي برطرف ڪرڻ جي فيصلي جي تائيد ڪئي هئي، ان هڪ ڪيس ۾ فيصلو ڏنو تہ گورنر جنرل کي اهڙي ئي قومي اسيمبليءَ ڪوٺائڻي پوندي، جهڙي موقوف ڪئي هئائين. اها اسيمبليءَ سمورن صوبائي اسيمبلين جي ميمبرن جي ووٽن سان چونڊجي 1955ع ۾ وجود ۾ آئي ۽ 1956ع جو آئين پاس ٿيو. پر ان آئين تي بہ ان وقت جي گورنر جنرل اسڪندر مرزا صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، جيستائين کيس بحيثيت صدر جي وڏيڪ اختيارات نہ ڏنا ويا. پوءِ هڪ وڏو تماشو ٿيو، جو اسيمبليءَ جا اسي ميمبر اسڪندر مرزا جي حضور ۾ حاضر ٿي کيس وڌيڪ اختيار ڏيڻ تي راضي ٿيا، جنهن کان پوءِ هن ان آئين تي صحيح ڪئي.

1956ع جو آئين اوير ۽ اولهہ پاڪستان جي برابر نمائندن جي بنياد تي ٺهيل هو. اوير جاسؤ ۽ اولهہ پاڪستان (ون يونٽ) جا سؤ ميمبر گڏجي قومي اسيمبلي ناهڻ وارا هئا. بدقسمتيءَ سان اهو آئين بہ عمل ۾ نہ آيو، ڇو تہ ستين ۽ اٺين آڪٽوبر 1958ع تي جنرل ايوب خان ۽ اسڪندر مرزا اسيمبلي

برطرف ڪري ڇڏي ۽ ٽئي اسيمبليون (مرڪزي اوپر ۽ اولهہ پاڪستان واريون) ختم ڪري ڇڏيون ۽ مرڪز اوپر پاڪستان ۽ اولهہ پاڪستان جون وزارتون بہ موقوف ڪري ڇڏيون ۽ ان سان گڏ مارشلا لڳايو. جنهن ڪي پهريون مارشلا چيو وڃي ٿو. (ٻيو مارشلا جنرل يحيٰ خان جو ۽ ٽيون مارشلا جنرل ضياءُ الحق جو)

حقيقت اها آهي تہ اسانجي سياسي ڍانچي ۾ فوج جو عمل دخل 1947ع کانوني قائم ٿيو. آزادي ملڻ وقت متحده هندوستان جي فوج ۾ سٺ سيڪڙو ڪارا ديسي سپاهي پنجاب مان هئا۽ آزادي بعد جيڪي وڏي پيماني تي لڏپلاڻون ٿيون ان جي نتيجي ۾ اسي سيڪڙو پاڪستان فوج پنجاب مان ۽ اٽڪل ويهہ سيڪڙو سرحد صوبي جي ماڻهن مان هئي. ٽڙيل پکڙيل ڪي بنگالي، هندستاني ۽ مهاجر بہ ان فوج ۾ شامل هئا. پر وڏي اڪثريت پنجاب صوبي مان هئي. البت ليفٽيننٽ ڪرنل گهٽي پاڳي سرحد جا پناڻ هئا، تن ڪي ترقيون ڏئي ميجر جنرل ۽ ليفٽيننٽ جنرل بڻايو ويو.

آڪٽوبر 1958ع ۾ جيڪو ڪليل مارشلا لڳو، تنهن جي پويان جو راز هو سو ڪليل راز هو. فيبروري 1959ع ۾ عام چونڊون 1956ع جي آئين مطابق ٿيڻون هيون، جن ۾ امڪان هو تہ اوپر پاڪستان جي سؤ سيٽن مان نوانوي سيٽون سهروردي ۽ مجيب واري عوامي ليگ ۽ ڀاشانيءَ واري نيشنل عوامي پارٽي کٽندي ۽ عوامي ليگ ذريعي اٽڪل پندرهن ڪميونسٽ ۽ نيپ (NAP) ذريعي پندرهن وڌيڪ ڪميونسٽ اوپر پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ جي ڪوٽا مان چونڊ جي اچڻا هئا.

اها ڳالهہ پاڪستان جي ظاهري ۽ لڪل حڪمرانن کي ناقابل قبول هئي. ظاهري حڪمران اهي ئي اسانجي موجوده حڪمرانن جا پيشرو ۽ لڪل حڪمران آمريڪا جا حاڪم هئا.

جيڪڏهن فيبروري 1959ع جون چونڊون پروگرام مطابق ٿين ها تہ شايد اسانجي ملڪ کي اهڙا ڏينهن نہ ڏسڻا پون ها. نہ اوپر پاڪستان بنگلاديش بڻجي ها نہ جنرلن جي حڪومت ٽٽي ها ۽ نہ هر قدم تي اسان کي آمريڪا جي تائيد جي ضرورت پوي ها. اسان وڪاٺل گهوڙا آهيون، جنهن پاسي سوار ڇهڪ هڻندو ان پاسي اسانجو ملڪ ويندو!

(روزانہ "عوامي آواز"- 20 - سيپٽمبر 1990ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان ۾ اقتدار جو خوني ڊرامو

ايوب خان جي حڪومت وارو دور 1958ع کان 1969ع تائين هليو ۽ ويندي ويندي به هن اقتدار بري فوج جي ڪمانڊر ان چيف يحيٰ خان جي حوالي ڪيو، جو ته طاقت جو سرچشمو باوجود هڪ قومي اسيمبليءَ جي (جيڪا ايوب خان پنهنجي آئين مطابق 1962ع ۾ وجود ۾ آندي هئي) فوج ئي هئي ۽ اڄ به آهي. جڏهن 1968ع ۾ (Round- Table All- Parties Political Conference) ڪانفرنس هلي رهي هئي ته يحيٰ خان پيڪنگ ويل هو ۽ اقتدار جي منتقليءَ کان پنج مهينا اڳ هن دعوي ڪئي هئي ته جيڪڏهن ايوب ويندو ته ملڪ جو سربراهه هو پاڻ يعني يحيٰ ٿيندو.

1962ع جي آئين هيٺ جيڪا اسيمبلي وجود ۾ آئي هئي، ان ۾ صدر ايوب ڪي چاليهه هزار يونين ڪائونسل ميمبرن (Basic Democrats) چونڊيو هيو، جن مان ويهه هزار اوڀر پاڪستان جي يونين ڪائونسلن جا ميمبر هئا ۽ ويهه هزار اولهه پاڪستان جا ۽ اهڙيءَ طرح مرڪزي اسيمبليءَ جا ميمبر اڻ سڌي طرح يونين ڪائونسلن جي ميمبرن چونڊيا هئا ۽ اقتدار ۽ انتظامي اختيارات صدر وٽ هئا. هن اسيمبليءَ ۾ 78 ميمبر هر هڪ صوبي اوڀر ۽ اولهه پاڪستان مان هئا. ڪل 156 ميمبر هئا ۽ صدر ڪي ڪنهن به وقت قومي اسيمبليءَ ڪي منسوخ ڪرڻ جو حق هو. اهو آئين اهڙو ڪوٽ هو جو صرف ايوب خان ڪي فٽ پئي آيو، جو ته ان آئين ذريعي حقيقت ۾ اولهه ۽ اوڀر پاڪستان ڪي سلهاڙي ون يونٽ قائم ڪيو ويو هو. جنهن ۾ سمورا پاور صدر جي هٿ ۾ مرڪوز هئا، جن مان هو پنهي صوبن جي گورنرن ڪي (جيڪي سندس ٿاڦيل هئا) ڪي به انتظامي اختيارات پنهنجي مرضيءَ مطابق ڏئي سگهيو پئي. اهم سبجيڪٽ معاملا مرڪزي ۽ صوباڻي اسيمبلين جي دسترس کان ٻاهر رکيا ويا هئا، يعني انهن تي ووٽ نه پئي ٿي سگهيو. ان وقت جي اسيمبلين جي حيثيت اسڪول ۽ ڪاليجن جي (Debating Society) جهڙي هئي.

يحيٰ خان اچڻ سان هڪ (P.C.O) عارضي آئيني فرمان جاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيو جنهن هيٺ هن "هڪ ماڻهو- هڪ ووٽ" جي بنياد تي اليڪشن ڪرائڻ جو اعلان ڪيو؛ ۽ اوڀر ۽ اولهہ پاڪستان جي برابري کي ختم ڪري ون يونٽ بہ ختم ڪيو ۽ اولهہ پاڪستان جو ون يونٽ جو نظام ختم ڪري اولهہ پاڪستان جا چار صوبا قائم ڪيا ويا. پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان.

اهي ڳالهيون ظاهر آهي تہ پوري ملڪ ۾ مقبول هيون ۽ اها اميد رکي وئي تہ اليڪشن جي نتيجن ۾ جيڪا پارٽي يا پارٽيون چونڊجي ايندييون، ان جو ليڊر وزير اعظم ٿيندو.

انهن چونڊن جي نتيجي ۾ اوڀر پاڪستان مان "عوامي ليگ" وڏي اڪثريت سان چونڊجي آئي ۽ اُن جو ليڊر مجيب الرحمان چونڊيو ۽ اولهہ ۾ گهڻائي پيپلز پارٽيءَ کي نصيب ٿي، جنهنجو ليڊر ذوالفقار علي ڀٽو هو. سرحد ۾ ڪجهہ سيٽون ولي خان (نعپ) بہ حاصل ڪيون.

مرڪزي پارليامينٽ جي پهرين ميٽنگ ڍاڪا ۾ رکي وئي، جتي پيپلز پارٽي وارن وڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ مجيب ڀٽي ۽ يحيٰ جي وچ ۾ هلندڙ ڳالهيون ناڪام ٿيون. جنهن جي نتيجي ۾ اوڀر پاڪستان مٿان ملٽري ايڪشن ٿيو ۽ انهيءَ ڪري اوڀر پاڪستان ويس مٽائي "بنگلاديش" جي صورت ۾ داخل ٿيو.

اوڀر پاڪستان کي ڌِڪي جدا ڪرڻ جي ذميواري اڪثر سياسي مبصر ڀٽي جي ڪاتي ۾ لکندا آهن. پر وڌيڪ صحيح اهو آهي تہ اسانجي اصل حڪمرانن اولهہ پاڪستان جي "اقتدار جي سرچشمي"، اوڀر پاڪستان جي گهڻائيءَ مان جند ڇڏائڻ پئي چاهي. هنن کي ننڍڙو پاڪستان منظور هو، جنهنجي واڳ ڏور سندن هٿن ۾ هجي ۽ گڏيل پاڪستان يعني وڏي پاڪستان جي اندر هنن جي اقتدار مٿان اوڀر پاڪستان جي عددي اڪثريت جي بريڪ هنن کي نامنظور هئي.

هن سڄي آئيني جدوجهد واري دور جي ذڪر ڪرڻ جو هن وقت ضرور ڪهڙو آهي؟ مقصد پنهنجي علم ڇاڻ جو ڏيکاءُ ڪرڻ نہ آهي، بلڪ ان لاءِ آهي تہ هي ڊرامو اسان 1960ع واري دور ڪانوني 1977ع ۽ 1988ع تائين ڏسي چڪا آهيون. هي ڊرامو ٻيهر ورجايو ويو آهي ۽ ممڪن آهي تہ اليڪشن کان پوءِ (جيڪڏهن اهي انجام موجب 24 آڪٽوبر تي ٿيون) بہ اهو ڊرامو ٽيهر يا چوٿون دفعو بہ دهرايو وڃي. ڇو تہ اقتدار جو سرچشمو ساڳيو ئي آهي ۽

اسان عوام باوجود ان نعري جي تہ "اقتدار جو سرچشمو عوام آهي" اهي ٿي ويچارا ۽ بيوس آهيون. جي اسانجي حاڪمن بين الاقوامي دٻاءُ هيٺ چونڊون ڪرايون، آزاد چونڊون ڪرايون تہ ممڪن آهي هو ڪجھ وقت لاءِ قومي اسيمبلي اندر مختلف پارٽين جي ڏاڙهي پٽ ۽ گار گند جو وقفي وارو نظارو ڏيکاري، تنهن کان پوءِ اصل ڊرامي کي ٽيهر يا چوٿون دفعو وري ورجائن. "گرانڊ ماسٽر" ڪيو جي انتظار ۾ بيٺا آهن ۽ اسان ويچارا عوام پتلين جو ناچ نچڻ لاءِ ڪُڏي ميدان ۾ لهڻ وارا آهيون.

(روزانہ "عوامي آواز"- 26 - سيپٽمبر 1990ع)

سائين جي ايم سيد

جي ايم سيد سان منهنجي پهرين ملاقات،جيستائين ياد اچيم ٿو 1945ع ۾ ٿي. ڪامريڊ جمال الدين بخاري، جيڪو انوقت سنڌ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري هيو اهو مون کي شاه صاحب جي جاءِ-ساڳي حيدر منزل تي وٺي هليو ۽ منهنجي واقفيت شاه صاحب سان ڪرايائين-اهامون کي خبر هئي ته شاه صاحب ڪجھ دفعا بمبئيءَ ۾ ڪميونسٽ هيڊ ڪوارٽرس جا چڪر هڻي آيو هو ۽ پاڪستان کي جنهن طريقي سان انڊين ڪميونسٽ پارٽيءَ پيش پئي ڪيو. ان لحاظ کان سيد صاحب کي اها ڳالھ خاصو متاثر پئي ڪري. اها ڳالھ شايد اڄڪلھ جي پيڙهيءَ کي عجيب لڳي، ته ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا CPI پاڪستان کي مسلم گهڻائيءَ وارن علائقن جي حق-خود اختياري سان تشبيھ ڏني هئي ۽ گانڌيءَ ۽ جناح جي ملڻ ۽ ناه ڪرڻ لاءِ سخت ڪوششون ڪيون هيون، جنهنڪري گانڌي ۽ جناح ٽي چار دور ملاقاتن جا ڪري چڪا هئا ۽ آخر تائين انهن ٻنهي ۾ ناه ٿي نه سگهيو هو.

شاه صاحب اٿندي ئي مون کي چيو هو ته،"توهان ڪميونسٽ عوام جي دماغ کي اپيل ڪيو ٿا ۽ مان عوام جي جذبات کي اپيل ڪيان ٿو-منزل اسان جي ساڳي آهي"

مون کي ياد آهي ته مون ڪيس اهو ئي چيو هو ته، "اسان ڪميونسٽ نه صرف ماڻهن جي دماغ کي اپيل ڪيون ٿا، پر انهن جي پيٽ کي بہ اپيل ڪريون ٿا. ڇو ته اڪثر انسان پنهنجي پيٽ جي مسئلن جي حوالن سان سوچن ٿا"

ان ڪانپوءِ منهنجو رابطو شاھصاحب سان 1952ع ۾ مارچ جي ٽين تاريخ ٿيو- جڏهن مان جيل مان ڇُٽي پنهنجي سنگت سان مليس ۽ جيئن ته اهو امڪان هو ته مان ٻئي ڏينهن يعني چوٿين مارچ تي وري گرفتار ٿي وڃان- تنهنڪري ڪامريڊ پوهوءَ جو چوڻ هو ته پنهنجي وڏ ۾ وڏ دوستن سان مون کي رات جي پيٽ ۾ ملڻ گهرجي-سو رات جو يارهين وڳي وڃي شاه صاحب جو دروازو کڙڪايوسون. شاھصاحب پاڻ اٿي آجيان ڪئي-ان ملاقات ۾ مون

ڪي پهريون دفعو معلوم ٿيو ته شاهه صاحب مون کي چئن سالن جي نظر بنديءَ مان ڇڏائڻ لاءِ ڪيڏي ڪوشش ڪئي هئي.

تنهن کان پوءِ مارچ 1957ع تائين عوامي محاذ، هاري ڪاميٽي، نيشنل پارٽي ۽ بعد ۾ نيپ (NAP) جي پليٽ فارمن تي سائين جي ايم سيد سان لاڳاپيل رهيس. ان دور ۾ اردو اخبارن کي سيد خلاف زهر ڦهلائڻو هوندو هو ته لکنديون هيون، "جي ايم سيد جي دماغ تي ٻه هندو ڪميونسٽ ڇانيل آهن. سوڀو ۽ پوهو."

حقيقت اها آهي ته شاهه صاحب سان اسان جو ساٿ ذهني ۽ سياسي بنيادن تي رهيو ۽ آهي. شاهه صاحب سنڌ جي پراڻن سياستدانن مان اڪيلو ماڻهو هو، جنهن اسان کي پنهنجو سمجهيو ۽ پنهنجي "ڇپريءَ جي ڇانو" هيٺ جاءِ ڏني- جنهن وقت اسان ڪامريڊن لاءِ سنڌ جي ڌرتي گرم ٿي چڪي هئي يا تائڙي ٿي چڪي هئي.

جولاءِ 1954ع ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ تي پابندي پئي ته سيد صاحب پيرزادي عبدالستار تي زور رکي باقي سمورن ڪميونسٽن کي جيل ۾ پوڻ کان بچائي ورتو. البت پيرزادي عبدالستار کي اها همت نه ٿي جو مون کي گرفتار ڪرڻ کان انڪار ڪري. ڇو ته انوقت مان سنڌ ۾ سيني کان وڌيڪ نالي چڙهيو ڪميونسٽ هوس- ۽ جي ايم سيد ۽ اسانجي ڪابي ڌر جي تنظيمن وچ ۾ رابطي جو ذريعو سمجهيو پئي ويس- ان ۾ شڪ نه آهي ته جي ايم سيد ۽ مان ساڳي (Wave Length) تي سوچيندا رهيا آهيون ۽ اڪثر مسئلن تي پنهنجي پنهنجي نقطه-نگاهه کان سوچيندي ساڳي حل تي پهتا آهيون.

سائين جي ايم سيد منهنجي نظرن ۾ هڪ عظيم قوت، سنڌ جي سجاڳي، آزاديءَ ۽ ڏاهپ جو علمبردار ۽ روشنيءَ جو منارو رهيو آهي. 1955ع ۾ ون يونٽ ٺهيو ته سيد کي گرفتار ڪري حيدرآباد جيل ۾ وٺي آيا- هو ڪجهه وقت مون سان گڏ هيو. منهنجي وهم گمان ۾ به ڪو نه هو ته ٽن سالن جي جوڙ توڙ جي جدوجهد بعد جي ايم سيد اسان جي پنجابي ڀائرن کي ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ قائل ڪري وجهندو. ون يونٽ جو هيڊ ڪوارٽر لاهور ۾ ان لاءِ قائم ڪيو ويو هو ته سنڌ جي ڦرٽي گهرٽي سياست کي پنجاب جي (Stable) مستحڪم گهٽائي ۾ ٺهراءُ ۽ مضبوطي پيدا ٿيندي. پر سيد صاحب جڏهن ون

يونٽ جي اسيمبليءَ ۾ لاهور پهتو تہ سندس پارٽيءَ جي انهن ميمبرن ون يونٽ جي سڄو ميمبرن کي چڪر ۾ آڻي ڇڏيو. هر ڪو سندس سلامي ٿيو. هن ريپبلڪن پارٽيءَ جي سردار رشيد خلاف اَوشواس جو ووٽ پيش ڪيو. جنهنجي نتيجي ۾ دولتانہ جي مسلم ليگ مخالف پارٽيءَ ون يونٽ کي ڊاهڻ لاءِ اسيمبليءَ ۾ ٺهراءُ پيش ڪيو ۽ ان جي تائيد سردار رشيد جي ريپبلڪن پارٽيءَ بہ ڪئي. پوءِ ون يونٽ کي ڊاهڻ جو ٺهراءُ يڪراءِ سان اولهہ پاڪستان يعني ون يونٽ جي اسيمبلي ۾ پاس ٿيو ۽ ان جي تائيد اوير پاڪستان جي اسيمبليءَ پڻ ڪئي.

اهو سيد صاحب جو ڪارنامو هو، جو قانوني ۽ آئيني جدوجهد ذريعي ٽن سالن جي مختصر عرصي اندر ون يونٽ جي بنياد وجهندڙن کان اهڙو ٺهراءُ پاس ڪرايائين، جو هو پنهنجي ٿڪ چٽڻ تي آماده ٿيا!

ان دور ۾ منهنجا شاه صاحب سان ڪجهہ اختلاف مسلم ليگ سان ناه ڪرڻ جي حوالي سان ٿيا هئا. پر مان سيد کي شاباس ڏيندس، جو هن ۽ منهنجي وچ ۾ ڪڏهن بہ اختلافن شدت اختيار نہ ڪئي آهي ۽ ڪميونسٽن جي سخت لاهڻي لاهيندي بہ سيد صاحب هميشہ مون کي پنهنجي محبت ۽ عزت سان نوازيو آهي؛ نہ رڳو ايترو پر پنهنجي مريدن کي بہ روڪيندو آهي ۽ مون کي "صالحين" ۾ شمار ڪندو آهي.

سيد صاحب سنڌ جي تاريخ ۾ وڏو اضافو ڪيو آهي- نہ صرف هن عملي جدوجهد ذريعي "نئين سنڌ" پر پنهنجي قربانين سان سنڌ اندر جدوجهد جي لاٽ روشن رکي آهي- پنهنجي ڪتابن ذريعي جيڪا هن عملي جدوجهد ڪئي آهي تنهنجي نتيجي ۾ سنڌ ۽ اسيءَ وارن ڏهاڪن ۾ جيڪي سياسي ورڪرن جا پنج ڇهہ فصل تيار ڪيا آهن، انهن ذريعي سنڌ جي وجود ۽ پاڪستان اندر جمهوريت جي جدوجهد قائم ۽ دائم رکي آهي. ان ۾ شڪ نہ آهي تہ جيڪڏهن سيد نہ هجي ها تہ شايد سنڌ جي وجود لاءِ جيڪو تاجي پيٽو تيار ٿيو آهي تہ تنهن ۾ ممڪن آهي تہ اجا بہ وڌيڪ سال لڳي وڃن ها.

سيد جي تعريف يا ساراهہ ڪندي اهو نہ وسارڻو آهي تہ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي، هاري ڪاميٽي ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي سنڌ جي وجود ۽ پاڪستان اندر رهندڙ ٻين قومن جي وجود ۽ آزاديءَ لاءِ جدوجهد بہ جس لائق آهي. سيد ۽ اسانجون عوامي جماعتون ٻنهي ملي ڪري پاڪستان اندر

عوامي جدوجهد جي لاٽ ٻرندي رکي آهي.

سيد جي ذريعي اسان خان عبدالغفار خان ۽ سرحد جي عوامي تحريڪن، بلوچستان جي عوامي تحريڪن ۽ اوپر پاڪستان جي عوامي تحريڪن سان مسلسل لاڳاپو قائم ڪيو . ان مان نه صرف قومي تحريڪن کي فائدو پهتو، پر ساڳئي وقت ٽرپل پڪرپل ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ پليٽ فارمن کي گڏي قومي ليول تي هڪ فعال رول ادا ڪرڻ ۾ مدد ملي.

سيد صاحب پنهنجي مسلسل نظر بنديءَ ۽ وڏي عمر جي باوجود پنهنجو "قبلو" درست رکيو آهي. اڄ هو سنڌ، جمهوريت ۽ عوام جي ڀلي لاءِ جدوجهد ڪندڙ هزارين نوجوانن جو عظيم رهنما ۽ محبوب ليڊر آهي. سائٽس جزوي طرح ڪن پاليسن تي اختلاف ڪري سگهجي ٿو، پر اهو ميڃڻ ۾ مون کي ذرو به شڪ نه آهي ته سيد صاحب ڪانسواءِ سنڌ ايترو جلدي سياسي طرح اڀَري نه وڏي هاڃ نه مظلوم قومن جي رهنمائيءَ جو رول ادا ڪري ها؛ جهڙو تمام مشڪل حالتن ۾ سنڌ جي نوجوانن ادا ڪيو آهي.

بلوچستان جي عوامي ليڊرن بزنجي، مريءَ، بگٽيءَ ۽ مينگل جيڪو انقلابي ۽ هٿيار بند مزاحمتي تحريڪن جو رستو ڏيکاريو آهي ۽ سنڌ پنهنجي مخصوص حالتن ۾ سيدجي اڳواڻيءَ هيٺ آئيني ۽ قانوني طريقن سان جدوجهد جو رستو ڏيکاريو آهي. اهڙا به ڪي آهن جيڪي سيد جي غلطين کي معاف ڪري نه سگهيا آهن، جن جو ذڪر هو پنهنجي خلاصين محفلن ۾ وڏي فراخدليءَ سان ڪندو آهي. پر مان ان راءِ جو آهيان ته سيد جو ڏاڻ (Contriburion) هن جي غلطين کان تمام گهٽو وڏيڪ آهي. شال اجا به وڏيڪ جيئي ۽ اجا به وڏيڪ فصل تيار ڪرڻ ۾ اسانجي اڳواڻي ڪري.

(روزانه "عوامي آواز"-11-- آڪٽوبر 1990ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي - مهاجر جهيڙو
۽ سنڌ جي ورهاڱي وارو سوال!

1953ع جون سنڌ اسيمبليءَ جون چونڊون ان لحاظ کان اهميت واريون هيون تہ پاڪستان ٺهڻ بعد اهي سنڌ اسيمبلي لاءِ پهريون جمهوري ۽ نسبتاً آزاد چونڊون هيون . جنهن مان مطلب اهو آهي تہ سرڪاري مشينريءَ جو استعمال ڪنهن بہ ڌر يا شخص کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ يا هارائڻ لاءِ بلڪل گهٽ ٿيو. انهن چونڊن جي نتيجي ۾ ست ميمبر "سنڌ عوامي محاذ" جي پليٽ فارم تان چونڊجي آيا. عوامي محاذ، جي ايم سيد ۽ هاري ڪاميٽيءَ گڏجي اليڪشن لڙڻ لاءِ ناهيو هو، جنهنجو پروگرام سنڌ هاري ڪاميٽي جي پروگرام ۽ محترم جي ايم سيد جي ويچارن تي ٻڌل هو، ۽ اڪثرسوال سنڌ جي بهتري لاءِ هئا. انهن چونڊن ۾ ايڪيتاليهہ اميدوارن مان سيد صاحب سان واسطو رکندڙ ستن اميدوارن کٽيو هو ۽ باقي اميدوارن هارايو هو ۽ انهن مان اڪثريت سنڌ هاري ڪاميٽي جي اميدوارن جي هئي، جن پنهنجا محدود ذريعا ڦهلائي ڪنهن بہ ڪاميابيءَ جي امڪان کي روڪي ڇڏيو.

مسلم ليگ طرفان اڪثر فيوڊل اميد وار چونڊجي آيا جن جي سربراهي پيرزادي عبدالستار پٽي ڪئي. هو سنڌ جو وزير اعليٰ بڻيو ۽ پير علي محمد راشدي، مير غلام علي ٽالپر، قاضي اڪبر ۽ ٻيا وزير بڻيا. ان وزارت جي اخلاقي تائيد عوامي محاذ بہ ڪئي ۽ سنڌ اسيمبليءَ جي پهرئين اجلاس ۾ اهڙا ٺهراءُ پاس ٿيا، جن سنڌ جي ويرين کي ڇرڪائي ڇڏيو.

سنڌ کي اولهہ پاڪستان ۾ شامل ڪرڻ يا ورهائڻ لاءِ اسڪيمون تيار ٿيون، جن مان هڪ اها بہ هئي تہ ڪراچي مهاجرن کي ڏئي ڇڏجي، جيئن پڙهيل ڳڙهيل ۽ منظم مهاجر ميمبر سنڌ جي وڏيرن کي ويڙهائي سموري سنڌ مٿان حڪومت نہ ڪن. ان سنڌ جي ورهاڱي جي باري ۾ سنڌي سياستدانن ۽ ترقي پسند مهاجرن (جن جو واسطو اسان سان هو) ۾ ڪجهہ وقت لاءِ تذبذب هو. اهو تذبذب ون يونٽ جي قائم ٿيڻ سان ختم ٿيو. ڇو تہ ٻين صوبن سان گڏ پورو سنڌ صوبو بہ ون يونٽ ۾ ضم ڪيو ويو ۽ في الحال ڪراچي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪمراني مرڪز وٽ رهندي آئي.

وري 1960ع واري ڏهاڪي ۾ ڪراچيءَ ۾ "ڪراچي صوبا محاذ" جي نالي سان تحريڪ هلي، جنهنجو اڳواڻ نيپ جو ليڊر محمود الحق عثماني هو. ڪامريڊن جي اڪثريت ان محاذ سان نہ هئي.

ويجهڙائيءَ ۾ ڪيترائي محاذ ۽ تحريڪون سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ ۽ مهاجريت جي بنياد تي سنڌ جي وجود مان ڪوري هڪ مهاجر صوبو ناهڻ لاءِ آواز اٿياآهن ۽ ائين پيو ڀانئجي تہ اهڙن پروگرامن کي ڪن سرڪاري حلقن طرفان بہ همٿايو پيو وڃي.

سياڻا سيبتا ماڻهو تہ بلڪل اهو يقين ڪري ويٺا آهن تہ سنڌي ۽ مهاجر جي جهيڙي جو حل اهو ئي آهي تہ مهاجرن کي هڪ الڳ علائقو ملي تہ امن امان قائم ٿي ويندو. ان لاءِ مثال اهو ڏنو ويندو آهي تہ برصغير جي تقسيم،هندو ۽ مسلمانن جي جهيڳڙي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪئي وئي هئي. اهڙي طرح مهاجر ۽ سنڌين جي جهڳڙي جو حل بہ سنڌ جي تقسيم ۾ مضمرسمجهيو وڃي ٿو.

سنڌ جي ورهاست ڇا جي لاءِ گهري وڃي ٿي؟ ان لاءِ تہ مهاجر پنهنجي گهڻائيءَ واري علائقي ۾ پنهنجي سمجهہ ۽ مفاد مطابق حڪومت ڪري سگهندا. اها ڳالهہ ظاهر ڪونهي تہ اهو "مهاجرستان" بہ سنڌو ديش جي نعري وانگر هڪ ڪل مختيار رياست جي قائم ڪرڻ جو نعرو آهي يا پاڪستان اندر هڪ وڏيڪ صوبي جو نعرو آهي.

سوال آهي تہ ان "مهاجرستان" جي جاءِ وقوع ڪهڙي هوندي ۽ ڪهڙا تاريخي اسباب ۽ محرڪات ۽ وسيلا ان نئين صوبي کي ناهڻ لاءِ آهن؟ ظاهر آهي تہ "مهاجرستان" سنڌ اندر ائين قائم ٿيندو، جيئن فلسطين جي ڌرتيءَ تي اسرائيل جو قيام!

يهودين کي گهڻ ۾ گهڻ اهو چوڻ جو تاريخي حق هو تہ مسلمان- عربن، سندن وڏن کي يهودين جي اصلي وطن اسرائيل مان لوڏي ڪڍيو ۽ انهن کي موٽي اچڻ جو حق آهي. اُهاگهر سمورن عرب ملڪن ڪڏهن تسليم نہ ڪئي آهي ۽ فلسطيني عرب اڄ بہ اسرائيل جي وجود خلاف اندران ۽ ٻاهران جدوجهد جاري رکندا پيا اچن. سنڌ جي ورهاڱي لاءِ مهاجر علحدگي- پسند ڪهڙو تاريخي حوالو ڏين ٿا؟ هنن جي ڏاڏن پڙ ڏاڏن جو سنڌ سان ڪو تاريخي ناتو نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ۽ اهو ابن جو ورثو واپس ونڻ جو هو حق چڪي ٿا سگهن. مهاجر هندوستان جي مختلف صوبن مان ستائجي هتي پهتا ۽ ڪي شوقيہ "مملڪت خدا داد پاڪستان" اندر جيڪو مالِ غنيمت ورهائجي رهيو هو، ان ورهاست ۾ اچي شريڪ ٿيا. اُهي ٻئي ڳالهيون هنن کي اسانجي سرزمين مان حصو ڳنيڊڻ جو حق نہ ٿيون ڏين. هنن کي صرف هڪڙوئي حق آهي تہ اٺڪل چاليهن کان پنجهتاليهہ سالن تائين هو هن سرزمين تي رهيا آهن ۽ سندن حق مهمان غير ملڪين (Visiting Aliens) جهڙا آهن. سنڌ ۾ رهندي اهو حق چڪي سگهن ٿا تہ هنن کي وڌڻ ويجهڻ جا برابر موقعا ڏنا وڃن، پر اسان کان ورهائي پنهنجو حصو ڇڪڻ جو هنن کي ڪو بہ تاريخي قانوني ۽ اخلاقي جواز ڪونهي.مهاجر- سنڌي مسئلي جو حل هڪ سنڌ ۾ آهي ۽ ان گڏيل سنڌ جي مفاد لاءِ مهاجرن ۽ سنڌين ۾ ٻين هتي وينل قومن کي گڏجي جدوجهد ڪرڻي آهي.

ضرورت آهي تہ ٻيي علمي دور ڪرڻ لاءِ وڏيڪ اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون کوليون وڃن ۽ بيروزگاري دور ڪرڻ لاءِ وڌيڪ روزگار جا ذريعا ڪارخانا، اسپتالون، روڊ ۽ جڳهون تعمير ڪيون وڃن تہ ڊاڪٽرن، انجنيئرن ۽ ماسترن کي روزگار ملي ۽ بيروزگاري، بک،ڏک، نفرتون ۽ اهنج دور ٿين. مسئلي جو حل ڪنهن بہ صورت ۾ اهو نہ آهي تہ موجوده مانيءَ ٽڪر کي ڀڳا ڀڳا ڪري ٻڪين ۾ ورهايو وڃي.

جن بہ مهاجرستان جو نعرو اٿاريو آهي، انهن اُهو سمجهائڻ جي تڪليف نہ ورتي آهي تہ پاڻي ڪٿان پيئندا؟ کائيندا ڪٿان؟ ۽ روزگار ڪٿي ڪندا؟ اترين علائقن ڏانهن ايندا ويندا ڪٿان؟ ظاهر آهي تہ جي سنڌ ورهائجي اٿن تہ هو سنڌوءَ جي پاڻي لاءِ سنڌين سان گڏجي آواز اٿاريندا يا ڪالا باغ ڊيم ۽ ٻين ڊيمن لاءِ پنجاب وارن جو ساٿ ڏيندا ۽ مهاجرستان جي حدن ۾ رهندڙ سنڌي، بلوچ ، پناڻ ۽ پنجابي جي لاءِ ڪهڙا تحفظات ڏيندا. ڇو تہ جيڪڏهن "مهاجرستان" ۾ اڪثريت مهاجرن جي هوندي تہ هنن کي قومي ۽ بين الاقوامي قانونن مطابق اقليتن کي تحفظ ڏيڻو پوندو. جيڪڏهن پاڪستان ۽ هندستان جا ابا ڏاڏا ٿوراڻيءَ وارن جي تحفظ جون ذميواريون نہ کڻن ها تہ برصغير جي تقسيم ناممڪن هجي ها!

اُهي جيڪي سنڌ جي وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪٿون ڪوٺي رهيا آهن جيڪي ظاهر بہ آهن

۾ ڪي انهن جي پويان بہ آهن: انهن کي اهو جواب سنڌ ۾ پاڪستان جي عوام جي آڏو ضرور پيش ڪرڻو پوندو تہ هو چاهن ڇا ٿا؟ ۾ پنهنجي جذباتي نعرن سان هو ملڪ ۾ سنڌ کي ڪهڙي دوزخ ۾ تبديل ڪرڻ ٿا چاهين. سنڌين مان اها اميد رکڻ تہ هو خود ڪشي ڪرڻ قبول ڪندا، يا سنڌ جي ڪنهن ورهاڱي واري اسڪيم تي سنڌين کان صحيح ڪرائيندا: پاڳلپڻي جي نشاني آهي ۾ جيڪي سمجهن ٿا تہ ڪين سنڌ مٿان راڄ ڪرڻ جو حق سنڌن "فتح" جي نتيجي ۾ مليو آهي تہ هنن کي تاريخ ورائي پڙهڻ گهرجي تہ فاتح کي اُهو حق مفتوح قوم ڪڏهن بہ نہ ڏنو آهي. سنڌ وارا اها ڳالهہ ڪڏهن بہ قبول نہ ڪندا تہ اسان هميشہ لاءِ غلام ٿي چڪا آهيون، جنهن ڪري سنڌ جي ڪنهن بہ حصي مٿان راڄ ڪرڻ جو حق غير سنڌين کي پهچي چڪو آهي. جهڙي طرح فلسطين وارا پنهنجي ڌرتي کان ٻاهر ڌڪجي بہ واپس ورڻ جو حق ورجائن ٿا، اهڙي طرح سنڌ جا اصل ڌڻي بہ پنهنجو حق سنڌ جي چپي چپي تي ورجائيندا رهندا ۾ ان ڳالهہ کي ڪڏهن تسليم نہ ڪندا. ڇاڪاڻ تہ ڪنهن بہ ڳوٺ يا شهر ۾ غير سنڌين جي اڪثريت ٿي وئي آهي انڪري اُهو شهر يا علائقو ان غير سنڌي اڪثريت کي سونپي ڇڏجي.

سنڌ فاتحن جي غلامي ڪڏهن بہ هميشہ لاءِ قبول نہ ڪئي آهي ۾ هي تہ فاتح بہ ناهن، هنن کي تہ اسان دعوت ڏئي سڏ ڏنو هو. هنن جا حق صرف دعوتين جا آهن!!

(روزانہ "عوامي آواز"- 18-- آڪٽوبر- 1990ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو سياسي گُرو

پهرين سيپٽمبر 1939ع: نازي جرمنيءَ پولينڊ تي حملو ڪيو.
3-سيپٽمبر 1939ع تي برطانيا پنهنجي پوري سلطنت پاران جرمنيءَ خلاف جنگ جو اعلان ڪيو. اخبارون سمورو وقت جرمنيءَ جي پيش قدميءَ سان پريل هيون. مان ان وقت ٽئگور جي شانتي نڪيتن ۾ بي اي-پارٽ ون جو شاگرد هئس ۽ سياسي ڄاڻ صرف ايتري هئي ته گانڌيءَ، جواهر لعل نهروءَ، سڀاش چندر بوس، يوسف مهر علي، جئه پرڪاش نارائڻ ۽ منو مساڻيءَ جي نالن کان واقف هئس. انهن کي چڱو سمجهندو هئس. کاڌي پائيندو هئس. هر سال 26 -جنوريءَ تي جڏهن ڪانگريس جا والنٽيئر آزاديءَ جو قسم نامو صحيح ڪرائڻ لاءِ ڪٺي ايندا هئا، ته چار آنا ڏئي صحيح ڪندو هئس. مٿين آڳواڻن جون آتم ڪهاڻيون ۽ جيونيون پڙهڻ ڪري دل ڏاڍا اُڌما ڏيندي هئي. منهنجا جيڪي هم ڪلاس هئا، تن ۾ شايد مان ئي وڌ ۾ وڌ سياسي ڄاڻ وارو هئس.

26- جنوري 1940ع تي اسان ڪاليج هاسٽل جي شاگردن پاڻ ۾ سوچيو ته آزاديءَ جو ڏينهن شان مان سان ملهائجي. منهنجي هاسٽل ۾ حيدرآبد دکن، سيلون، (سري لنڪا) انڊونيشيا ۽ بنگال جا شاگرد هئا. صلاح ڪئيسون ته گرو ديو (ٽئگور) کان اجازت وٺي اهو سياسي ميڙ ڪجي، ڇو ته معلوم ٿيو ته سياسي ميڙن تي گروديو طرفان بندش هئي. ڇوڪرن جي هاسٽل جو وارڊن مان هئس. انڪري مان وڃي گرو- ديو جي سيڪريٽري ۽ اسانجي پرنسپال انيل چندا سان مليس.عرض ڪيم ته اسانکي آزاديءَ جو ڏينهن ملهائڻ جي اجازت ڏني وڃي، هن مونکي سمجهايو ته اها بندش 33-1932ع کان وٺي آهي. انڪري ته ٽئگور کي پنهنجي ڪئمپس تي سياسي هلچل ۽ ان جي نتيجي ۾ سي آءِ ڊي جي هلچل کان چڙ هئي. پر اسانجي ضد سبب هن گرو ديو کان اجازت وٺي ڏني.اسان گهر گهر وڃي پريات ڦيري ۽ شام جي ميٽنگ جو نياپو پهچايو . ٻئي ڏينهن تي سڄي اداري جا سمورا شاگرد ۽ استاد ٻارين ٻچين شامل ٿيا. ڄڻ ڪو بند ٻجي پيو. ڄڻ ته ماٺهو ان موقعي

ملهائڻ لاءِ آتا هئا.

ان صبح واري جلوس ۾ مون ٽئگور جو مشهور انقلابي گانو ٻڌو، جنهن جون پهريون ٻه سٽون هي هيون ته:

ڪيئو تمار ڊاڪ سُني، ناسنُي
ايڪلا چلو، ايڪلا چلو ، ايڪلا چلوري.

معني:

ڪو تنهنجو سڏ سڻي نه سڻي
هيڪلو هل،هيڪلو هل، هيڪلو هل ڙي.

هي ترانو هو جنهن کي انقلابين جون ٽي چار پيڙهيون ڳائيندي ڦاسيءَ تي چڙهي ويون هيون ۽ جنم ٽيپون ڪاٽي انڊمانس (ڪاري پاڻي) ۾ واڙيون ويون هيون. انڊمانس مان واپس آندل انقلابين جي هڪ ڪيمپ (لوڙهو) شانتي نڪيتن ويجهو "وليپ پور" ۾ هئي. 26 جنوريءَ جي شام واري جلسي ۾ ڪيترائي انهن انقلابين مان موجود هئا، جيڪي ڏينهن جو آزاد هوندا هئا ۽ رات جو کين ڪئمپ ۾ رپورٽ ڪرڻو پوندو هو. مان ان جلسي ۾ انگريزيءَ ۾ تقرير ڪئي، جا منهنجي ڪنهن ٻه ٻوليءَ ۾ پهرين تقرير هئي، جنهنجي خاصي تعريف ٿي. ٻئي يا ٽئين ڏينهن تي هڪ بنگالي شاگرد نياپو ڏنو ته ڪي انقلابي مون سان ملڻ چاهن ٿا . انقلابين سان ملڻ ۾ هڪ رومانس هو. مون انڪار نه ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح منهنجي واقفيت برصغير جي هڪ عظيم ساٿي- پنالال داس گپتا سان ٿي، جنهن مونکي ڪميونزم جي دڳ لاتو.

اجوڪي ڪالم ۾ مان اُن مهان ديش ڀڳت پنالال داس گپتا جي واقفيت ان لاءِ ڪرائڻ ٿو چاهيان ته ويجهڙائيءَ ۾ معلوم ٿيو ته هو هن دنيا مان هليو ويو! ڪنهن ڪتاب ۾ توهان کي هن شخص جو ذڪر نه ملندو. هو پڇاڙيءَ تائين آزاديءَ جي اڏجندڙ ديوار ۾ پيڙهه هينان هڪ پٿر يا سروٽي ڪان وڌيڪ اهميت نه ٿو رکي. ڇو ته هن کي پنهنجي مشهوريءَ يا نالي ڳڻائڻ جو شوق نه هو. هو تحريڪن جي پويان رهيو. اڪثر انڊر گرائونڊ رهيو ۽ گمنام سپاهيءَ جي حيثيت ۾ انقلابي تحريڪن جي ڪتب اچي ويو!

هن مون کي پهرين ملاقات ۾ چيو تہ هو آرسي پي آءِ R.C.P.I جو ڪارڪن هو ۽ رابندر ناٿ ٽئگور جي ڀاڻٽي سومينڊر ناٿ ٽئگور جو پوئلڳ هو، جن کي ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا سان ڪجھ اختلاف هئا. اهي اختلاف ٻڌڻ جي مون ڪوشش نہ ڪئي ۽ ٻڌائڻ لاءِ هن کي وقت نہ هو. هن مون کي صرف ٻن يا ٽن ڪتابن جو ڏس ڏنو . جيڪي اسان واري لائبريريءَ ۾ موجود هئا. اهي مون پڙهيا ۽ انقلاب جي راهہ وٺي هليس. ان وقت تائين آزادي ۽ سوشلزم منهنجي لاءِ جوانيءَ جا خواب هئا، پر انهن ڪتابن پڙهڻ بعد مونکي معلوم ٿيو تہ هن ڌرتيءَ تي هڪ اهڙو بهشت قائم ٿي چڪو آهي، جتي لينن جي چواڻي "ڪو بہ مراعات يافتہ طبقو ڪونهي، سواءِ اسانجي ٻارڙن جي."

انهن مان هڪ ڪتاب جو نالو هو "Soviet Democracy" جيڪو هڪ انگريز ماستر (Patsloan).جو لکيل هو ۽ ٻيو جيڪو مون هڪ ساهيءَ ۾ تقريباً ٻارهن سو صفحن ۾ پڙهيو، تنهن جو نالو هو، "روسي انقلاب جي تاريخ" جنهن جو ليکڪ ٽراٽسڪي هو. هن ڪتاب جي خوبي اها آهي تہ ان کي پڙهڻ سان توهان کي لڳندو تہ جڻ روسي انقلاب کي اکين ڏسي رهيا آهيو.

ان بعد هڪ دفعي پنا لال داس گپتا مونکي پنهنجي ڪئمپ تي اچڻ جو سڏ ڏنو. مان، هڪ بنگالي ۽ هڪ نيپالي ڇوڪرو ٽيئي اُتي وياسون ۽ انهن سان منجهند ويل دال ۽ ڀت گڏجي کاڌوسي. هن مونکي مختلف سياسي پارٽين جي ماڻهن سان ملايو. انهن ۾ ڪي سڀاش بوس جا پوئلڳ هئا، ڪي ڪميونسٽ پارٽي جا، ڪي لاهريءَ جا، ڪي سوشلسٽ جئہ پرڪاش نارائڻ جا. منهنجي دلچسپي سندن اختلافن ۾ نہ هئي ۽ نہ وري پنا لال انهن اختلافن تي زور ڏنو. هن مونکي صرف اها واٽ ورائي تہ ملڪ جي آزادي ۽ سوشلزم لاءِ سوچڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ جهڙي ٻي شيءِ ڪانهي.

1941ع ۾ جڏهن منهنجو فائنل جو امتحان ٿي چڪو ۽ مان واپس وارڻ وارو هئس تہ هن ٻڌايو ڪيو تہ اسان ساٿس ملون. ان وقت تائين هو شايد سڀ انڊر گرائونڊ ٿي ويا هئا. جنهن ڪري رات جي پهر ۾ هڪ جهنگل ۾ ملياسون. جتي اتفاق سان رستي سان وينڊز هڪ ڪار جي روشني پوڻ سان مان هن کي پريشان ڏٺو. چو تہ هن هڪدم بنگاليءَ ۾ چيو تہ،"ڪنهن اسانجي ملڻ جو ڏس حڪومت وارن کي ڏنو آهي..."

خير، اهو موقعو گذري ويو ۽ مان ڪلڪتي ۾ سندن ليبر سومينـدر نـاٿ ٽئگور سان ٻـ ڏينهـن سنـدس گهر تـي گذاري موٽـي واپس وطـن آيـس. ڪراچي ۾ اچي وڪالت پڙهڻ شروع ڪيم ۽ شاگردن جي تحريڪن ۾ حصو وٺڻ لڳس.

ورهين تائين پنا لال داس گپتا جو ڪو پتو ڪو نه هو. جيتوڻيڪ سندس باري ۾ 1946ع ۾ مان سندس اڳواڻ سومين ناڪر کان پڇا ڳاڇا ڪئي. پر شايد پنا لال ڪيس چڙي ويو هو، جنهن ڪري هو هن جي باري ۾ مون کي ڪجهه نه ٻڌائي سگهيو. 1951ع ۾ مان ڪراچي جيل ۾ اوچتو ئي (Times of India) اخبار جي پهرين صفحي تي پنا لال داس گپتا جو ذڪر پڙهيو. جنهن مان پتو پيو تـه ڪلڪتي جي ڪوسيپور ۾ بندوقن ٺاهڻ واري فيڪٽري؛ جي مزدورن بغاوت ڪئي هئي، ۽ پنهنجي فورمين کي بنيءَ ۾ اچلائي، بندوقون ڪٽي اوير پاڪستان ٽپي ويا هئا ۽ اهو سڀ ڪجهه پنا لال داس گپتا جي اڳواڻي ۾ ڪيو هئائون. 1948ع کان 1954ع تائين هندستان ۽ پاڪستان جي ڪميونسٽ تحريڪن ۾ اڀار (Upsurge) جو دؤر ڪري لڪيو ويندو آهي. مگر مون کي حيرت اها ٿي تـه پنا لال جي عمر انوقت ايڪونجاهه سال هئي ۽ منهنجي عمر ايڪٽيهه سال. انهي عمر ۾ پنا لال داس گپتا جو اهڙي سرگرم ۽ هٿيار بند جدوجهد جو قائل هجڻ مون کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪيو تـه شايد هو مون کي دڳ لائي، پاڻ پنهنجو دڳ پلجي ويو هو. پر هن جي لاءِ شرڌا ۽ محبت ساڳي ئي قائم رهي. چو تـشروعات کان وني هن جي سوچ سان اختلاف هوندي بـ، مونکي سياست جي گهاٽي جهنگل مان پيچرو ڏسيندڙ سندس ذات ئي رهي آهي.

1986ع ۾ هڪ ڪسان ورڪر "سڪ پريت" جماعت جي ڪوٽ تـي لاڙڪاڻي ۾ آيو هو. هڪ دوست وٽ مون کي هن سان مانيءَ تي گڏجڻ جو اتفاق ٿيو هو. ٻـن ٽـن سوالن بعد مونکي محسوس ٿيو هو تـه هو اسان مان آهي. ڳالهيون ڪندي مون کيترن ئي پراڻن ساٿين ۽ ليڊرن جو حال احوال هن کان ورتو ۽ پنا لال داس گپتا جو هن کان پڇيو، هن ٻڌايو تـه، پنا لال داس گپتا ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا (مارڪسسٽ) ۾ زندگيءَ جا پويان ويهارو سال ڏاڍو سرگرم ٿي رهيو ۽ ويجهڙائي ۾ فوت ٿي ويو آهي..."

هن جي اهو ٻڌائڻ تي مونکي ائين لڳو هو، ڄڻ برصغير جي انقلابي

روايتن جو علمبردار، آزادي ۽ سوشلزم جي جدوجهد جو پروانو پنهنجي آخري آرام گاهه تي پهچي ويو هو. پر پنهنجي پنيان هڪ جوشيلي ۽ گرمائيندڙ جدوجهد ڇڏي ويو هو. جڏهن بہ هو ياد ايندو آهي تہ منهنجو اکيون ڳوڙهن سان پرجي اينديون آهن. ڇو تہ هو صرف منهنجو استاد نہ هو پر هڪ سٽني ۽ ساڳي ئي واٽ جو پانڌيئڙو هو. ڪٽني اسان جا ڏک جدا بہ ٿيا ٿي، پر وري ڦري گهري ساڳي ئي واٽ تي هلياسي. اهڙن انسانن جي ياد اڄ بہ دل کي گرمائيندي رهي ٿي.

(روزانہ "عوامي آواز" -25- آڪٽوبر 1990ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوشلزم ۽ ڪميونزم جو آئيندو

تازو ئي سوويت يونين ۽ مشرقي يورپ جي ڪميونسٽ جمهوريتن ۾ جيڪي تبديليون آيون آهن، تنهنجي نتيجي ۾ اهو سوال اٿي ٿو ته ڪميونزم، سوشلزم رهندو يا نه رهندو. ڪيترائي آدرش وادي، جيڪي ورهين کان سوشلسٽ يوٽوپيا جي پويان ڊوڙندا رهيا آهن ۽ اهي جيڪي "ارض جنت" لاءِ جدوجهد ڪندي عمريون گاري چڪا آهن. جيل، مصيبتون ۽ پنهنجا عزيز ۽ پيارا مارائي چڪا آهن. هنن جو ڇڙ ته لاهه پڇجي ويو آهي. ڪيترائي ذهين دانشور ۽ پاڻ کي قربان ڪندڙ شخص اهو سوچي رهيا آهن ته اسان پنهنجي زندگي هڪ بيڪار ۽ ناممڪن مقصد لاءِ خرچ ڪئي آهي. ڇا اسان هڪ پاڳل قسم جي نظريي لاءِ هزارين بلڪ لکين ماڻهن پاڻ کي ڪميونسٽ انقلاب جي آدرش لاءِ ماريو ۽ مارايو آهي.

گورباچوف اٽڪل پنج سال اڳ برسراقتدار آيو. هن وقت به سندس درجو سوويت يونين جي صدر ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري جنرل جو آهي. سوويت يونين جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ميمبرن جو تعداد اڄ به ڪروڙن ۾ آهي ۽ زندگي جي هر شعبي ۾ سندن قيادت اڄ به تسليم شده آهي. خود سول بيورو ڪريسي (شهري نوڪر شاهي) ۽ فوجي ليڊر شپ ۾ به اڪثريت ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ميمبرن جي آهي. جيتوڻيڪ ڪيترن جمهوريتن طرفان خودمختياري جا نهراءُ پاس ڪيا ويا آهن پر سوويت وفاق مان ڪي به "واڪ آئوٽ" ڪري نه نڪري ويا آهن. بلڪ نئين سر مختلف جمهوريتن جي وچ ۾ لاڳاپا قائم ٿي رهيا آهن. معاشي ميدان ۾ مرڪزيت ختم ڪرڻ ۽ آزاد واپار جا پروگرام پيش ڪيا ويا آهن.

پهرين اها ڳالهه سمجهڻي پوندي ته گورباچوف جي نين پاليسين جي پويان ڪهڙا محرڪات آهن؟ انهن محرڪات مان مُکيہ اهو آهي ته سوويت يونين لاءِ آمريڪا ۽ ٻي سرمائيدار دنيا جي هٿياربنديءَ جي مقابلي ۾ ڇٽا پيٽي ناقابل برداشت حد تائين وڌي چڪي هئي. اهو محسوس ڪيو ويو هو ته "ايٽمڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انرجي" جي بنياد تي نهيل هٿيار سوويت يونين جي عوام لاءِ مضر ثابت ٿي رهيا آهن. انڪري ضرورت محسوس ڪئي ويئي تہ ايٽمي هٿيارن کي ختم ڪري ڇڏجي، جنهن لاءِ آمريڪا کي آماده ڪرڻ بنهہ ضروري هو.

1982ع ۾ سوويت ۽ آمريڪي سائنسدانن گڏجي بحث مباحثا ڪري هڪ رپورٽ شايع ڪئي، جنهنجو نالو (The Cold and Black) آهي. ان رپورٽ مان معلوم ٿئي ٿو تہ جنهن ڏينهن ايٽمي هٿيار استعمال ڪيا ويندا، ان ڏينهن بعد هزارن سالن تائين سج جي روشني ڌرتيءَ تائين نہ پهچندي. چو تہ دز، دونهون ۽ ڪثافت سموري ڌرتيءَ کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيندي ۽ ڪنهن انسان جو وجود تہ ڇا پر ڪنهن ٻوٽي ۽ جانور جو زنده رهڻ بہ ناممڪن ٿي پوندو.

ٻي جنگ عظيم ڪان پوءِ سوويت يونين نہ صرف پنهنجي جنگ ۾ ٿيل نقصان جي پورت ڪئي پر اوير يورپ جي سمورن ڪميونسٽ ملڪن کي بہ پنهنجي پيرن تي بيهارڻ ۽ سندن معيشت ۽ سماجي ڍانچي کي تقويت بخشي. تنهن ڪان سواءِ سوويت يونين نون آزاد ٿيندڙ ملڪن لاءِ ترقي ۽ آسانيءَ جو سامان پيدا ڪرڻ ۾ نمايان حصو ورتو. انڊونيشيا کي يڪمشت رياست قائم ڪرڻ ۾ سوويت يونين وڏو ڪردار ادا ڪيو. سوئيڪارنو کي سوويت يونين ٻيڙيون لانچون جهاز ۽ جنگي جهاز ڏنا تہ جيئن پنهنجي اقتدار اعليٰ جو بچاءُ ڪري سگهي. هندستان کي اسٽيل جا ڪارخانا لڳائي ڏنا ۽ اهڙا ئي ڪارخانہ ترڪي، ايران، مصر ۽ پاڪستان کي بہ لڳائي ڏنا تہ جيئن هو پنهنجي پيرين سيرين بيهي سگهن ۽ سندن محتاجي سرمائيدار ملڪن جي پيٽ ۾ گهتجي.

آفريڪا جي نون آزاد ٿيل ملڪن لاءِ سوويت يونين پاڻ پتوڙيو. هيڏو سارو بار، جيڪو سوويت يونين جي پورهيتن کي لاڳيتو پنجيتاليهن سالن ڪان برداشت ڪرڻو پيو، تنهن شايد روسي عوام کي ان لاءِ آماده ڪيو تہ هو ڪميونزم جي ڀاري بوجھ مان جان ڇڏائڻ ۽ پنهنجي قبضي اتر هيٺ آيل سمورن ملڪن کي ڍر ڏين تہ هو پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن. ٿيو ائين جو ٿوري ڍر ڏيڻ سان ڄڻ بند ٽٽي پيو ۽ سوويت يونين جي وفاق اندر شامل ٿيل سمورن قومن پنهنجا حق ڇڪڻ شروع ڪيا. عام ماڻهن ۾ بحث مباحثو ۽

نڪتا چيني شروع ٿي ويئي. ائين پئي لڳو ته شايد سوويت يونين پنهنجي موجوده سياسي ۽ آئيني صورت ۾ پنهنجو وجود وڃائي ويهندي. سوويت انسان موٽي سرمائيداراڻي نظام جي جهنگل ۾ ڦاسندو: جتي مارڪيٽي معيشت جا قانون "سپلاءِ ۽ ڊمانڊ" جا اصول رائج ٿيندا. جنهن جي نتيجي ۾ بيروزگاري، مهانگائي ۽ سرمائيداراڻا سماج جون سموريون لعنتون رائج ٿي وينديون. لکين، ڪروڙين انسان "سپلاءِ ۽ ڊمانڊ" جي لوهي قانون هيٺ ڪم ڪندا ۽ پنهنجي روزگار تي قادر نه رهندا بلڪ "سپلاءِ ۽ ڊمانڊ" جي غير انساني قاعدن هيٺ سندن زندگي ترتيب ونندي.

ان ۾ شڪ نه آهي ته سوشلسٽ معيشت ۾ نوڪر شاهيءَ مزدور جي پيش قدميءَ ۽ تخليقي صلاحيتن کي دٻائي رکيو هو. گڏيل ملڪيت سبب ترغيب جو عنصر ذري گهٽ ختم ٿي ويو هو. مٿيان خرچ (Over Heads Expense) وڌي ويا هئا ۽ پيداوار جي گڏيل فنڊن مان هر شخص کي جيڪو حصو پلئه پئي پيو اهو ڪيترن حالتن ۾ سرمائيدار ملڪن جي مزدورن کان به گهٽ هو..... ان سموري صورتحال جي باوجود سوشلسٽ معيشت جي باري ۾ مبصر ان ڳالهه تي متفق آهن ته سڀ ماڻهو بک ۽ بيروزگاري جي بلائن کان بچيل هئا ۽ آهن. دوا درمل مفت ، تعليم مفت، ۽ رهائش لاءِ جاءِ تمام سستي ۽ آئيندي جي باري ۾ بلڪل ڪو اونو ڪونه. هي سڀ نعمتون ڪميونسٽ نظام جي دين آهن.

روس جي خونريزانقلاب کان پوءِ ٻين سرمائيدارن ملڪن به پنهنجي ملڪن اندر مزدورن جي تنظيمن کي تسليم ڪيو ۽ انهن سان اجتماعي سوديبازيءَ جي اصول کي قبول ڪري پنهنجي ملڪن ۾ بيچيني ۽ طبقاتي ڪشمڪش کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻي جنگ عظيم کان پوءِ اولهه جرمني، جاپان، فرانس، برطانيه ۽ آمريڪا جون معيشتون پورهيتن ۽ (Technocrats) کي اهو ڪجهه ڏيئي سگهيون آهن جيڪو سوشلسٽ نظام نه ڏيئي سگهيو هو. ان ڪري سوشلسٽ معاشرن ۾ بيچيني ۽ نيٺ بغاوت ڦهلجي ويئي. ان بغاوت کي دٻائڻ وڏيڪ ممڪن نه هو. گوربا چوف جي سوچ انهن نه حل ٿيندڙ مسئلن جو جواب آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو چوڻ مشڪل آهي تہ گوربا چوف جيڪو ڪجھہ چئي رهيو آهي. سو سويت يونين يا ٻين ڪميونسٽ ملڪن جي مسئلن جو حل آهي يا نہ. ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ سوويت يونين جا ليڊر سرمائيدار ملڪن کان سکڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن تہ مارڪيٽي معيشت ڪيئن هلائجي؟ ڇو تہ مارڪيٽي معيشت جو تجربو سوويت يونين جي ليڊر شپ ڪي آهي ٿي ڪو نہ.

1929ع کانوني سوويت يونين جا سمورا وڏا ڪارخانہ ۽ زراعت، ڪميونسٽ نظريي هيٺ گڏيل ملڪيت جي اصول تي هلندا رهيا آهن. ان اصول هيٺ پنج سال رٿابندي جي اسڪيمن تحت سوويت يونين هڪ پوئتي پيل تباهہ حال ملڪ مان بدلجي دنيا جي ٻي عظيم ترين طاقت ٿي ويو آهي. جنهن دنيا کي سيکاريو آهي تہ پنهنجي ملڪ کي ڪهڙي نموني اونداهي يگ(دور) مان ڪڍي هڪ سون ورنو معاشرو قائم ڪجي. جتي انسان هميشہ اميد پرڀرو ۽ صحتمند سوچ جو حامي هجي. سوويت يونين جو هر انسان ان ڳڻتيءَ کان ناواقف آهي تہ سندس کان پوءِ سندس پوين جو ڇا ٿيندو؟ هر شهري ان قرار سان جيئي ٿو ۽ مري ٿو تہ سندس کان پوءِ بہ سج اڀرندو، مندون مٽجنديون سرءُ ۽ بهار ايندا رهندا ۽ سندس پويان، سندس کان بہ وڌيڪ سکيا، ستابا ۽ خوشحال هوندا.

سرمائيداراڻي نظام ۾ هڪ ڪينسر هر انسان کي کائيندو رهي ٿو تہ سندس کان پوءِ سندس پوين جو ڇا ٿيندو؟ انڪري هر انسان نفسانفسي، لٽ مار، چوري، غبن ۽ سوين ڏوهن ۾ مبتلا رهي ٿو. دوست دوست جو دشمن، ٽبيلو ٽبيلي سان جنگ ۾ مبتلا، قومون قومن سان برسربيڪار آهن. ڌرتي تي کائڻ لاءِ کاڌي آهي، پر ڪروڙين انسان هڪ گره لاءِ بڏائين ٿا . دوائون ۽ ڊاڪٽر اڪيچار آهن. تہ بہ لکين انسان ڇڙي ڇڙي مرن ٿا! ڇو تہ هنن وٽ دوا لاءِ پئسو ڪونهي. ڪمزور قومون پنهنجي خوشحالي وڌائڻ لاءِ ٿورو قومن جون محتاج آهن ۽ طاقتور قومون هڪ ٻئي جي خلاف هٿيارن جا انبار ڪٺا ڪري ننڊ آرام ڪري ٿيون سگهن.

روس ۽ آمريڪا هڪٻئي سان ناهہ ڪري هٿيارن جا انبار تہ گهٽائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهن ٿا. پر انسان اڄ بہ پريشان آهي تہ ٻيو ويلو ڪاٿڻ لاءِ هن کي ڪٿان ملندو ، پنهنجي ٻچڙن جو پيٽ ڪٿان ڀريندو ۽ ٻئي ڏينهن ڪيس روزگار هوندو يا نہ.

سوشلزم ۽ ڪميونيزم انسانن جي دلين ۾ سرجندڙ هڪ خواب جي تعبير آهي. جيستائين اسان جا پوئتي پيل ملڪ پنهنجا مسئلا گڏيل نموني يعني سوشلسٽ طريقہ ڪار رستي حل نہ ٿا ڪن، تيستائين سوشلزم ۽ ڪميونزم جا آدرش لکين انسانن کي اپاريندا ۽ اتساهہ ڏيندا رهندا. انسان گڏجي گڏيل مقصدن لاءِ جدوجهد ڪندا ۽ انقلاب آڻيندا رهندا، جيستائين هر انسان قدرت ۽ سماج جي مجبورين ۽ محتاجن کان آزاد ٿئي هڪ خوشحال ۽ روشن خيال معاشرو قائم ڪري. جنهن ۾ هر انسان جي بهتري جو دارومدار سموري معاشري جي بهتري، هر انسان جي خوشيءَ ۽ خوشحالي ۾ لاڳاپيل هوندي.

انڪري گورباچوف رهي يا نہ رهي، سرمائيدار فلاسافرن جون اڳڪٿيون سچيون هجن يا ڪوڙيون ٿين ۽ اسان جا مايوس ۽ پاڇوڪڙ سوشلسٽ پاڻ کي ڀل تہ خوش ڪندا رهن تہ سوشلزم ۽ ڪميونزم جو انت اچي چڪو آهي، پر مونکي پورو يقين آهي تہ انسانن جي، پنهنجي بهتر مستقبل لاءِ گڏيل جدوجهد ختم ڪونہ ٿيندي.سوشلزم ۽ ڪميونزم جو آدرش يقيناً ڪامياب ٿيندو ۽ حقيقي صورت وٺندو تہ، "هر انسان کان ايترو ڪم وٺجي، جيترو هو ڪري سگهي ۽ موٽ ۾ هنکي اُهو ڪجهہ ڏجي جو هن جي هر ضرورت پوري ٿئي."

اهو خواب مارڪس يا لينن ڪو نہ لڌو هو، پر صدين کان محنت ڪش، مجبور ۽ مظلوم انسان اهو خواب سرڳ ۽ بهشت جي تصوير ۾ ڏٺو هو. جنهنجي تعبير اٿوبيهين ۽ ويهين صدين ۾ مارڪس، اينگلس، لينن، اسٽالن ۽ مائو ناممڪن مان ممڪن ڪري ڏيکاري هئي.

سوويت يونين ۽ ٻين ڪميونسٽ ملڪن اندر جيڪا ذاتي پيشرفت ۽ امنگ جي قلت (Lack of incen ives) جي شڪايت آهي تنهنجو علاج سوشلزم کي اڇلي ڇڏڻ ۾ نہ آهي پر سوشلسٽ معيشت اندر ذاتي پيشرفت کي وڌ ۾ وڌ آزادي ڏيڻ ۾ لڪل آهي. اهو ممڪن نہ آهي تہ سوويت شهرواسي جيڪي خانگي ڪارخانن جي شخصي ملڪيت جي ويچار کان ئي ناواقف آهي، سي

سوويت يونين جا ڪارخانا خريد ڪري پرائيوٽ سيڪٽر ۾ هلائين. اهو يقين ڏيارڻ سرمائيدار ملڪن جي ڪارخانيدارن ۽ سيٽرپ ڪنڊڙ ڪمپنين ڪي ممڪن نه آهي ته پنهنجو سرمايو سوشلسٽ ملڪن ۾ لڳائين . ڇو ته 1922ع کان وٺي 1931ع تائين آمريڪي ڪمپنين جيڪو سرمايو سوويت يونين ۾ گڏيل ڪارخانن ۾ لڳايو هو، سو به سوويت يونين 1931ع ۾ سندن حصا خريد ڪري پنهنجي ٻلي ڪيو هو. ڪهڙي پڪ آهي ته گوربا چوف کان پوءِ ڪا حڪومت ڏارين ملڪن جي سرمائيدارن جا حصا خريد ڪري ڪين چلتو نه ڪندي؟

(روزانه 'عوامي آواز' -1-- نومبر 1990ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مندر - مسجد مامرو

مندر ۽ مسجد جو مسئلو اڄ بہ اسان واريءَ پيڙهي جو پيچو ئُنو ڇڏي. جوانيءَ واريءَ دؤر ۾ مسجد منزل گاهہ لاءِ هلندڙ هلچل جي زخمن جي اڄا بہ ياد باقي آهي. جن منزل گاهہ کي مسجد بڻائڻ لاءِ هلچل هلائي انهن مان سواءِ جي ايم سيد جي سڀ خدا جي حضور ۾ حاضر ٿي چڪا آهن ۽ انهن جو ليکو چوکو خدا وٽ موجود هوندو. باقي جي ايم سيد سو اڄ بہ توبہ تائب آهي ۽ چوندو آهي تہ مان اڄ بہ انهن فسادن جو ڪيترو لوڙي رهيو آهيان ۽ مون جيڪي ڏک ڏنا آهن، تن جو ڪفارو ڪندي عمر گذاري اٿم."

بابري مسجد جو مسئلو بہ هندستان جي آزاديءَ کان ٽيتاليهہ سال پوءِ ڪجهہ اهڙو ئي آهي، جهڙو ساڳ ٻيلي جي سامهون مسجد منزل گاهہ نئين سر جيارڻ جو مسئلو. هزارن سالن بعد هندن کي ياد آيو آهي تہ ايوڌيا ۾ اوتار رام جو جنم راجا دسرٿ جي گهر ۾ ٿيو هو ۽ اهو جنم بلڪل انهيءَ جاءِ تي ٿيو هو جتي پنج سؤ سال اڳ بابري مسجد قائم ڪئي وئي هئي! انڪري هندو ڌرم کي نئين سر جيارڻ لاءِ ضروري سمجهيو ويو آهي تہ بابر جي زماني جي ناهيل مسجد کي ڊاهي ان تي هڪ نئون مندر تعمير ڪيو وڃي جنهن مان هندو ڌرم جي اسلام مٿان برتريءَ جو جهنبو اوچو ٿئي.

"ڀارتي جنتا پارٽي جيڪا پراڻي هندو مهاسڀا راشٽريہ سيوڪ سنگهہ جو نئون جنم (پنر جنم) آهي تنهنکي بہ ٿي سال اڳ ياد آيو تہ رام جي جنم استان تي هڪ زبون حال مسجد ۾ ڪا بہ وسئن ڪانهي ۽ ڪو بہ نمازي نماز پڙهڻ ڪو نہ ويندو آهي. مسئلو نمازين ۽ رام جي پوڄا ڪندڙن وچ ۾ نہ آهي، بلڪ ڀارت جي موجوده سيڪيولر حڪومت، غير مذهبي حڪومت کي ڪيرائڻ جو آهي. ۽ ڀارت جي مسلمانن کي مشتعمل ڪري انهن جي خلاف هندن جي غيرت ۽ بدلي جي جذبي کي اڀارڻ جو آهي. جڏهن کان مسلمانن جي مستحڪم حڪومت برصغير۾قائم ٿي، تڏهن کان وني هندن جي حڪمران طبقي هندن کي مسلمانن سان وڙهڻ لاءِ للڪاريو آهي. ٻئي طرف برصغبہ د آيل

مسلمانن حملا آورن ۽ حاڪمن اسلام جي ناليءَ ۾ سلطنت کي وڌايو آهي. مسئلو حڪمرانيءَ جو آهي ۽ نه دين ڌرم جو.

ٻه ٽي سال اڳ وِشوَ هندو پريشد (ورلڊ هندو آرگنائيزيشن) جي "چڱن مڙسن" کي اهو شوق ٿيو ته هزارن قتل ۽ تباهه حال مندرن کي سُڌارڻ بجاءِ هڪ تباهه حال بابري مسجد کي ڊاهي ان جي مٿان رام جو مندر ڪڙو ڪجي. ياد هجي ته رام اوتار کي اتر پرديش ۽ بهار جي پرڳڻن ۾ وڏي عزت سان ڏٺو ويندو آهي ۽ اڪثر هندو رام جي مريادا (ياسنت) تي هلڻ کي هندو ڌرم سمجهندا آهن. پر پارت ۾ ڪيترائي حصا آهن جن ۾ ڪرشن کي وڏيڪ ماڻهو سڃاڻندا آهن ۽ رام جي نالي کان واقف ئي ڪونهن. برصغير جا ڪروڙها اڇوت هندو پنهنجن ديوين ۽ ديوتائن کي پوڄيندا آهن. ان ڪري رام جنم پومي- ايوڌيا- ۾ هڪ مندر ته ڇا پر ٻيا ٻه مندر تعمير ڪرڻ تي ڪنهن کي اعتراض ٿيڻ جو سبب نه آهي. اعتراض ان ڳالهه جو آهي ته هي بيٺل مسجد کي ڊاهي ان جي مٿان، يا ان جي پر سان، مندر تعمير ڪرڻ جي پويان ڪهڙو منطق يا سازش آهي؟

اُهي جن برصغير جي آزاديءَ لاءِ قربانيون ڏنيون هيون ۽ پارت ۾ هڪ جمهوري نظام قائم رکڻ چاهين ٿا اهي اندرا ڪانگريس ۽ پارٽي جنتا دل ۾ ورهائجي ويا آهن ڪانگريس کان ڇڄل وي پي سنگهه جي "پارتيه جنتا دل" جي ڪيرائڻ ۾ مصروف آهن. رام جي عظمت کي مڃرائڻ لاءِ نه ڪنهن مسجد کي ڪيرائڻ جي ضرورت آهي، نه وري ڪنهن نئين مندر کي تعمير ڪرڻ جي ضرورت آهي. هي مسئلو مسلمانن کي چيڙائڻ، مشتعل ڪرڻ، هندو جنوني حلقن کي اپارڻ لاءِ اٿاريو ويو آهي.

گذريل اليڪشن ۾ کٽڻ لاءِ "پارتيه جنتا پارٽي" (بي جي پي) ايوڌيا طرف مارچ ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو ۽ هزارين ساڌو سنت ڪنا ڪري سِرون ڍوئي پوئي ۽ بابري مسجد واري جاءِ جي ويجهو مندر ناهڻ جو سامان گڏ ڪيو ويو هو. پر ان وقت جي حڪومت امن امان سان اليڪشن ڪرائڻ لاءِ مهلت وٺي جهيڙي کي ٽاري ڇڏيو هو.

اها ڳالهه ياد رکڻ جهڙي آهي ته اليڪشن ۾ پارٽي پارليامينٽ اندر فيض

آباد- ايوڌيا واري علائقي مان هندن- مسلمانن جي گڏيل ووٽن سان، هڪ ڪميونسٽ چونڊجي آيو آهي. پارٽي ڪميونسٽ تحريڪ جي ٻنهي ڌڙن گڏجي، بابري مسجد جي چوڌاري سترهن هزار پارٽي ورڪرن جو ڪڙو چاڙهيو هو. تہ جيئن ڪٽر هندو زوريءَ مسجد ۾ ڪاهي نہ پون ۽ عام ووٽ، هندن مسلمانن جي گڏيل عام ووٽ ذريعي، فيض آباد جي حلقي اهو ثابت ڪيو تہ عوام ۾ هڪ ٻئي کان نفرت نہ آهي ۽ هيءَ مداخلت ٻاهران آيل مذهبي جنوني پيدا ڪري رهيا آهن.

بابري مسجد جي سلسلي ۾ لک هندو گرفتار ڪيا ويا آهن ۽ تقريباً اڍائي لک فوج ۽ پوليس جو ڪڙو چڙهيل هوندي بہ ڪي فسادي مسجد جي پٽر اندر داخل ٿيا ۽ مسجد جي مٿان گيڙو رنگ جو جهنڊو چاڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيا. فائرنگ ٿي. ماڻهو مُئا. مسجد کي خالي ڪرايو ويو. ۽ ان جي چوڌاري اجا بہ سخت پهرو آهي، پر فساد سموري اتر هندستان ۾ ڦهلجي چڪا آهن ۽ سوين جانين جو زيان ٿي چڪو آهي. خبر نہ آهي تہ صورتحال ڪٿي وڃي بيهندي. چو تہ "ڀارتيہ جنتا پارٽي" وارن وي پي سنگهہ جي حڪومت سان تعاون قائم رکڻ کان انڪار ڪيو آهي. پارليامينٽ جو اجلاس ڪوٺائڻ لاءِ چيو آهي. ۽ پارليامينٽ جو اجلاس جلدئي ٿيڻ وارو آهي.

وي پي سنگهہ جي "ڀارتيہ جنتا دل" جي حڪومت رهي يا نہ رهي، مسئلو ڪجھ وقت تائين هندوستان جي سياست ۾ هڪ ٽائيم بم وانگر ڌُکندو رهندو. ممڪن آهي تہ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ نيون چونڊون ڪرايون وڃن يا وي پي سنگهہ جي ڪِرندڙ حڪومت کي راجيو گانڌي جي ڪانگريس پارٽي سهارو ڏئي بچائي وڃي. پر هي جيڪو زهريلو طوفان ڪڙو ڪيو ويو آهي، سو اجان سوين هزارين زندگين کي ختم ڪري سگهي ٿو. ان جا دور رس اثر اوپر بنگال ۽ پاڪستان ۾ پئجي رهيا آهن. بلڪ ممڪن آهي تہ جنوني هتي بہ مندرن يا مڙهين کي تباهہ ڪري، باقي رهيل هندن جي مختصر اقليت جي دل آزاري يا پاڙ پٽائڻ جو رستو اختيار ڪن. ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ برصغير جي سمورن ملڪن اندر رواداري ۽ انصاف جي بنياد تي مذهب اسلام ۽ هندو ڌرم امن قائم رکڻ لاءِ پاڻ پتوڙين ۽ خاص طور پاڪستان ۾

ڪنهن به فسادي رد عمل ٿيڻ کان پرهيز ڪن ۽ ڪرائين.

پاڪستان ۾ هندوستان جو ورهاڱو ان لاءِ ٿيو هو ته هندو ۽ مسلمانن جي وچ ۾ تڪرار جو خاتمو ٿيندو. ورهاڱو ان لاءِ نه ٿيو هو ته هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ عمل ۽ رد عمل جي سياست ڪي ٻن جدا ملڪن جي بنياد تي هميشه لاءِ قائم رکيو ويندو. ضرورت آهي ته خاص طور سنڌ، جتي هندو اقليت ڳچ آهي انکي فساد ۽ آگ جي ٻڪ ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ عوام جا گهڻگهرا سرگرم ٿين ۽ ان نيڪ ڪم لاءِ اسان جا عالم ۽ سياسي حلقا پاڻ پتوڙين.

(روزانه 'عوامي آواز' -8- نومبر 1990ع)

ٻہ مهاڀاري جنگيون
۽ اڄ جي متحد ٿيل جرمني

ويهين صديءَ ۾ ٻن عظيم جنگين شروع ڪرڻ جي ذميوار جرمني چئي وڃي ٿي. پهرين عظيم جنگ 1914ع کان 1918ع تائين هلي. ان جنگ ختم ٿيڻ بعد جيڪي ناهہ (Treaties) فاتح ۽ مفتوح قومن ۾ ٿيا انهن هيٺ جرمنيءَ تي وڏا ڏنڊ ڏوهہ وڌا ويا ۽ اُها اميد ڪئي وئي تہ جرمني هڪ صدي تائين اٿي نہ سگهندي.

پهرين عظيم جنگ هلندي 1917ع ۾ روس ۾ انقلاب آيو. جنهن سڄي دنيا جي نہ صرف پوئتي پيل قومن، بلڪ فاتح قومن جي عوام ۾ بہ انقلابي لهر ڦوڪي ڇڏي. ٿيو ائين تہ شڪست خورده جرمنيءَ فاتح قومن (انگلنڊ فرانس ۽ آمريڪا) جي ڏنڊ ڏوهہ کان بچڻ لاءِ لڪ ڇپ ۾ پنهنجا ڪيترا ڪارخانا روس (Shift) منتقل ڪري ڇڏيا.

جرمنيءَ اندر بہ بالشيوڪ انقلاب جي پيروي ڪندي هڪ انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، پر اهو انقلاب ناڪام ٿيو ۽ وري بہ جرمن سوشل ڊيمو ڪريٽ پارٽيءَ جي حڪومت قائم ٿي. جرمنيءَ جو بادشاهہ ڀڄي ويو. ۽ جومن سلطنت جا جيڪي علائقا هيا، سي "ليگ آف نيشنس" پنهنجي سنڀال ۾ ورتا. پر عملن اهي علائقا فرانس ۽ انگلنڊ جي سنڀال هيٺ اچي ويا. 1924ع ۾ اَيبوالف هٽلر پنهنجي هڪڙي ننيڍڙي بغاوت (Putch) ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ ان کي هڪ سال جي سزا ملي، هٽلر جي چوڌاري جيڪي نوجوان ڪُٺا ٿيڻ شروع ٿيا، سي اڪثر بيروزگار، گهٽ پڙهيل ۽ لُفنگي قسم جا ماڻهو هئا. جن جرمنيءَ جي عزت ۽ عظمت جو نعرو بلند ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجو جهيڙو اڪثر سوشل ڊيموڪريٽ پارٽيءَ وارن خلاف وڌائڻ شروع ڪيائون. جرمنيءَ ۾ ان وقت ٽي اهم قوتون ابري آيون. هڪ تہ سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي، جنهن جي اڪثريت هئي ۽ جنهن اڪثريت جي زور تي (Wiemar Republic) جو نظام پئي هلايو. ٻي طرف ڪميونسٽ ۽ آزاد سوشل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊيموڪريٽڪ جنهن جو زور بہ سوشلسٽن خلاف هو تہ اهي سچا سوشلسٽ ناهن، بلڪ سرمائيدارن جا ايجنٽ آهن. ٽين ڌر ۾ اهي شامل هيا جيڪي پراڻي شاهپرست ۽ جنگ پرست قوتن جا ٽڙيل پکڙيل ماڻهو ۽ گروه هئا انهن جو اثر شڪست خورده فوج ۾ خاصو هو. نازي پارٽي جيڪا شروعات ۾ اڪثر سوشلسٽ نعرن سان گڏ قومي جذبات اڀارڻ تي زور رکندي هئي، تنهنجو هلندي هلندي اينترو زور وڌيو جو آخر فوج جي بااثر حلقن ۾ ان لاءِ طرفداري وڌندي وئي. جرمن قوم جي اندر ڊپاءُ وڌيو تہ اڻ برابريءَ تي ٻڌل ناهہ نئين سر جوڙيا وڃن. جرمنيءَ تي جيڪي شرط مسلط ڪيا ويا هئا انهن کي نرم ڪيو وڃي ۽ جرمنيءَ کي پنهنجي فوجي قوت ۾ اضافو ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي.

فرانس، برطانيہ ۽ ليگ آف نيشنس جي ٻين قومن کي اها ڳالهہ منظور نہ هئي تہ جرمنيءَ کي وري اڀرڻ جو موقعو ڏنو وڃي. انڪري انهن مخالفت ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ اجا بہ قومپرستن جو زور جرمنيءَ ۾ وڌندو رهيو، جنهن مان فائدو نازي پارٽي ورتو. لڪ چڇپ ۾، فوجي حلقا بہ نازي پارٽيءَ جي تائيد ۾ رهيا.

1933ع ۾ اليڪشن ٿي، تنهن ۾ نازي پارٽي سڀ کان وڏي پارٽي ٿي چونڊجي آئي. ڪميونسٽن ۽ سوشلسٽن جي نا اتفاقيءَ سبب حڪومت ناهڻ لاءِ هٽلر کي دعوت ملي. هٽلر بحيثيت چانسلر جي اقتدار ۾ آيو. اچڻ سان هن ڪميونسٽن ۽ يهودين خلاف زبردست پروپيگنڊه جي مهم شروع ڪئي ۽ پارليامينٽ (Reichtag) بلڊنگ کي باهہ ڏياري ان جو الزام ڪميونسٽ پارٽيءَ تي مڙهيو ويو. اهڙي طرح ڪميونسٽن جي وڏي پيماني تي گرفتاريءَ لاءِ راهہ صاف ڪئي وئي. لکين ڪميونسٽن کي گرفتار ڪيو ويو. ڪميونسٽ پارٽيءَ سان گڏ ٽريڊ يونين ۽ مزدور يونين تي ڪات ڪهاڙا ڪنيا ويا. يهودين کي ڦريو، ڦُريو ۽ خوار ڪيو ويو، تاڪ هو لڏي وڃن ۽ آخر ۾ سوشل ڊيموڪريٽ ۽ جمهوريت نواز ڌرين تي بہ حملو ڪيو ويو ۽ هڪ-پارٽي حڪومت قائم ڪئي وئي.

هي جيڪي ڪجهہ ٿيو، سو اسان جي آڏو، ڪيترن ملڪن ۾ ٿيندو رهيو آهي. ڪميونسٽ دشمنيءَ جي نالي ۾ خود اسان وٽ 1954ع کان وٺي ڪُلي فوجي آمريت قائم ڪئي وئي. جنهن جي باقيات مان اجا تائين اسان جي جند نہ

چُنّي سگهي آهي. جرمنيءَ ۾ نازي آمريت قائم ڪرڻ لاءِ نوان خدا (Wootan) خلقيا ويا ۽ يهودين، ڪميونسٽن ۽ روسي بالشويڪن کي جرمنيءَ جي هر ڪمزوريءَ لاءِ تلاهي ٺهرايو ويو هو ۽ بولشيوزم جي مقابلي لاءِ جرمنيءَ فرانس ۽ انگلنڊ جي "مهذب" اتحاد لاءِ سڏ ڏنو ويو هو. بالشويڪ "وحشانيت" کي ختم ڪرڻ لاءِ فرانس ۽ برطانيه کي دعوت ڏني وئي ته جرمني جي امداد ڪن ۽ روس تي حملي ڪرڻ لاءِ جرمنيءَ کي آزاد ڇڏين. هٽلر پروپيگنڊا جو اُهو طوفان ڪڙو ڪيو، جو سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ فرق ڪرڻ مشڪل ٿي پيو. هن جو قول هو ته، "ساڳيو ڪوڙ جي سؤ دفعا ورجائجي ته سچ ٿي پوندو." (Repeat a lie hundred times and it becomes truth) ان قول تي عمل ڪندي سوين ڪوڙ گهڙيا ويا. جنهنڪري فرانس، ۽ انگلنڊ جي جمهوري حلقن ۾ به هٽلر جرمنيءِ لاءِ همدردي جو جذبو پيدا ٿيو، جنهنجي نتيجي ۾ پهرياڻين جرمنيءَ (Non Militarised Zone) غير فوجي علائقن ۾، فوجون موڪلي ڏنيون. فرانس ان ڳالهه تي هڪ ڪمزور اعتراض پيش ڪيو.

هٽلر پنهنجي سامونڊي قوت وڌائڻ شروع ڪئي، جا ناهه جي ڀڃڪڙي هئي. پر مغربي طاقتون ڪجهه نه ڪري سگهيون. هٽلر آسٽريا ۾ پنهنجون فوجون موڪلي، آسٽريا کي جرمنيءَ ۾ ضم ڪري ڇڏيو. پر مغربي قوتون اجا به هٽلر جي خوشامد ڪنديون رهيون، نيٺ جرمنيءَ چيڪو سلواڪيا اندر رهندڙ جرمنن (Sudetan Landers) کي بغاوت لاءِ اُڪسايو ۽ چيڪو سلواڪيا جي جمهوري حڪومت جي صدر (Benes) جي سربراهيءَ هيٺ ميونچ جي ناهه مطابق سوڊيٽن لينڊ (Sudetanland) جو علائقو جرمنيءَ کي ڏيڻ جو ناهه ڪيو. جنهن ڪري چيڪو سلواڪيا جا حفاظتي بندوبست سڀ ٽٽي پڪڙي ويا. نيٺ جرمنيءَ پولينڊ تي پهرين سيپٽمبر 1939ع تي حملو ڪيو ۽ ٿن ڏينهن اندر پولينڊ جي حڪومت جو وجود ختم ٿي ويو.

1933ع ۾ سوويت يونين ۽ آمريڪا ٻئي ليگ آف نيشنس جا ميمبر بڻيا. سوويت يونين ۽ دنيا ڀر جي ڪميونسٽ پارٽين بمع فرانس ۽ انگلنڊ جي ڪميونسٽ پارٽين پنهنجي پنهنجي ملڪ اندر آواز اُٿاريو ته هٽلر کي وڌڻ نه ڏجي. پر سوويت يونين کي جو هر مرحلي تي ڌتڪاريو ويو، اينتري قدر جو نيٺ روس پاڻ کي بچائڻ لاءِ ايرندڙ جرمنيءَ سان ناهه ڪيو. نتيجي ۾ هٽلر کي واند ملي وئي ته اوپر ڪان، بنا ڪنهن خوف خطري، جي هن پولينڊ تي

حملو ڪيو. 3 سيپٽمبر تي برطانيه ۽ فرانس جرمنيءَ تي حملي جو اعلان ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح ٻي جنگ عظيم جي شروعات ٿي.

ڇهن مهينن اندر پولينڊ، بيلجيم، هاليند ۽ فرانس شڪست کاڌي ۽ ان وچ ۾ اٽلي جو فاسسٽ ڊڪٽيٽر مسوليني به هٽلر سان شامل ٿي ويو. حقيقت اها هئي ته پولينڊ، بيلجيم، هاليند ۽ فرانس جون جمهوري حڪومتون اندران کوکليون ٿي چڪيون هيون، ڇو ته هنن ۾ ڪميونسٽ دشمن طبقا ايترو حاوي ٿي چڪا هئا، جو ذري گهٽ بنا مقابلي ايڏا زبردست جمهوري ملڪ هٽلر آڏو واريءَ جي ڀتوڻن وانگر ڍهندا ويا. جرمني ۽ فرانس جي وچ ۾ جيڪا بچاءِ جي حفاظتي ديوار (Maginot Line) هئي، سا به بيڪار ثابت ٿي. ڇو ته جرمني بيلجيم مان حملو ڪري فرانس اچي پهتي. انگلنڊ جي حڪومت جيڪي فوجون مغربي دوستن جي بچاءُ لاءِ لاٿيون هيون، سي ڪاميابيءَ سان هٽنديون. نيٺ هاليند جي هڪ بندر گاهه (Dunkryk) مان جهازن ۾ انگلنڊ اچي پهتيون ۽ پوءِ هٽلر انگلنڊ کي جهڪائڻ لاءِ بمبارن "وي-ٽو" ۽ خودڪار بمبارن جي بارش شروع ڪئي. نتيجي ۾ انگلنڊ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳو. فرانس جي شڪست خورده حڪمران مارشل پيٽين (Petain) سان رشتو ٽوڙي هڪ نوجوان جنرل ڊيگال پنهنجي ساٿين سان انگلنڊ ڀڄي آيو ۽ "آزاد فرينچ آرميءَ" جو بنياد وڌائين. جيڪي ملڪ جرمنيءَ جي قبضي ۾ آيا، تن مان ڪي آزادي پسند ۽ جمهوريت پسند آخر انگلنڊ ۾ آيا. اڪثر ڪميونسٽ يا ته روس ڀڄي ويا يا وري پنهنجي ملڪن اندر مزاحمت (Resistance) جون تحريڪون شروع ڪيائون.

19 جون 1941ع تي جرمنيءَ روس تي حملو ڪيو. ان حملي جي نتيجي ۾ هڪدم روس ۽ انگلنڊ وچ ۾ ناتو ٿيو. جنهن شيءِ کان هٽلر هميشه لنوائيندو رهيو هو، ان ۾ هو پاڻ ڦاسي ويو. ان کان پوءِ جرمني کي اوڀر ۽ اولهه، ٻنهي طرفن کان جنگ ڪرڻي پئي. انگلنڊ مان سوين بمبار اڏامي مفتوح يورپ ۽ جرمنيءَ تي بم وسائيندا هئا. ٻئي طرف اوڀر کان خود قبضي هيٺ آيل ملڪن اندر ڪميونسٽ تحريڪن طرفان وڌندڙ مزاحمت ڪري جرمنيءَ جي اڳ ٿر شڪست جو سامان ٿي ويو. ڏور اوڀر ۾ جرمنيءَ جو ساٿاري جاپان، چين، انڊوچائنا، برما، ملائيشيا ۽ سينگاپور فتح ڪري اچي هندوستان جي سرحد کي لڳو هو. جرمنيءَ جي ڏکڻ اوڀر وارا سمورا ملڪ هنگري،

رومانيا، يوگوسلاويا، بلغاريا ۽ البانيہ بہ هٽلر جي طرفدار ڪٺ پتلين جي هٿ هيٺ هئا.

جرمنيءَ ناروي ۽ ڊينمارڪ تي حملو ڪري پنهنجا هٿ ٺوڪيا حاڪم ويهاريا. جن مان ناروي جو (Quisling) ٺغداري جو مترادف ٿي ويو. اسپين جي فرانڪو جنهن کي ٻر سر اقتدار آڻڻ ۾ جرمني ۽ اٽليءَ 1935ع کان وٺي 1938ع تائين نمايان رولُ ادا ڪيو هو ۽ ترڪي باوجود نازي دٻاءَ جي آزادي پسند پاڻ کي جنگ کان پاسيرو رکڻ ۾ ڪامياب ويا. 1943ع ۾ جپان آمريڪا جي هوائي ٻيٽن جي بندر گاهه هونولولو (Honululu) ۾ ساموندي ٻيڙي تي حملو ڪيو. ان کان پوءِ آمريڪا سنئو سنئون جنگ ۾ شريڪ ٿي وئي. هن واقعي کان اڳ يو ايس اي، برطانيہ، فرانس ۽ بعد ۾ روس جي فوجي مال ۽ سامان سان مدد ڪندو رهيو هو.

روس، ۽ بعد ۾ آمريڪا، جي جنگ ۾ شرڪت سان يقين ٿي ويو تہ جرمني، اٽلي ۽ جاپان طرفان هلندڙ جنگ ۾، نيٺ ڪين شڪست نصيب ٿيندي. يورپ ۾ سيپٽمبر 1944ع ۾ جرمنيءَ شڪست تسليم ڪئي، جڏهن اوڀر کان روس ۽ اولهہ کان آمريڪي، فرينچ ۽ برطانيہ جون فوجون برلن ۾ داخل ٿي ويون.

1945ع ۾ جاپان پنهنجي شڪست، ٻن ايٽم بمن جي ڪرڻ بعد، تسليم ڪئي. جرمنيءَ جي شڪست بعد، آمريڪا جي درخواست تي، روس اوڀر ۾جاپان سان جنگ جو اعلان ڪري، منچوريا ۾ داخل ٿي چڪو هو.

ٻي جنگ عظيم جي خاتمي آڻڻ ۾ جيڪو دليريءَ وارو ڪردار سوويت يونين ادا ڪيو هو، تنهنجي نتيجي ۾ آمريڪا ۽ انگلنڊ کي مڃڻو پيو تہ جنگ کان بعد جيڪي انتظام ڪيا ويندا، تن ۾ روس جو اهم حصو هوندو. ٻي جنگ عظيم جي خاتمي شرط جرمنيءَ کي ايلب ندي جي ڪناري سان ورهائي اوڀر ۽ اولهہ جرمني وجود ۾ آندا ويا. ايلب کان اوڀر مداخلت نہ ڪرڻ جي مغربي ساٿين ضمانت ڏني ۽ روس ايلب جي اولهہ ۾ دخل اندازيءَ نہ ڪرڻ جو وچن ڪيو.

يورپ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. اوڀر طرف ڪميونسٽ حڪومتون ٺهيون ۽ اولهہ طرف، ڪجهہ وقت لاءِ، جمهوري ۽ ڪميونسٽ پارٽين جي ساٿ سان، حڪومتون ٺهيون؛ پر روزويلٽ جي موت بعد اوڀر ۽ اولهہ جي وچ

۾ وچولي وڌندي وئي. جنهن جي نتيجي ۾ تباهه حال مغربي يورپ جو انحصار آمريڪا تي وڌندو ويو ۽ يورپ جون مفتوح قومون تہ ٺهيو پر خود برطانيہ ۽ فرانس بہ آمريڪاجا پيلي حاشيہ بردار ٿي ويا قرضدار ٿي ويا. آمريڪا سرمائيدار، جمهوري دنيا جو ليڊر ٿي ويو ٻي طرف روس، ۽ 1949ع کان پوءِ، ڪميونسٽ چين نہ صرف پنهنجي جنگ ۾ ٿيل نقصان جي تلافي ڪري پنهنجن ۽ پنهنجن ساٿي ڪميونسٽ ملڪن جي نقصان جي تلافي ڪري اڳتي وڌياپر سموري دنيا جي انقلابي ۽ ترقي پسند سوچ رکندڙ قومن جا مددگار ۽ ساٿي بڻيا.

ايٽم بم جي هڪ هٽي هئڻ سبب آمريڪا هڪ عالمگير داداگير جي صورت ۾ ابريو ۽ تقريباً هر ملڪ ۾ ابرندڙ انقلابي قوتن خلاف مزاحمت جي اڳواٽي ڪرڻ شروع ڪيائين.چين، ڪوريا، ڪيوبا، الجيريا، ايران، انڊونيشيا، سائوٿ آمريڪا جا ملڪ، ويٽنام، برما، ليبيا، مراڪش ۽ سمورن ابرندڙ مشرق، وچ مشرق، اتر اوير ۽ ڏکڻ جي سمورن ملڪن جي ابرندڙ انقلابي قوتن کي ڪيرائڻ لاءِ آمريڪي سي آءِ اي ۽ سفارت خانہ سرگرم هيا.

1952ع ۾ روس ۾ پهرٿين هائڊروجن بم جو تجربو ٿيو. ان بعد آمريڪا ۽ روس ۾ ائٽمي ڪشمڪش وڌندي، ان منزل تي پهتي، جو يونائيٽيڊ نيشنس ۽ دنيا ير جي ٻين ادارن ۾، مغرب ۽ مشرق جي ڪُلي جنگ جو امڪان پيدا ٿي ويو. 1953ع ۾ اسٽالن جو موت ٿيو. ڪجهہ وقت بعد خروشچوف اقتدار ۾ آيو. خروشچوف پارٽيءَ اندر مخالفت ڪي، تشدد ذريعي ختم ڪرڻ، جي پاليسيءَ جو خاتمو آندو. 1957ع ۾ پهريون (Sputnik) خلا ۾ موڪليو ويو. اها چئلينج آمريڪا لاءِ فيصلي ڪُن ثابت ٿي. آمريڪا پنهنجون پهريون خلائي جهاز، انسان سميت، چند تي لاهي خلائي تحقيق ۾ سوويت يونين کان بہ اڳتي وڌي ويو.

ان کان پوءِ آسمانن ۾ هنن ٻن سپر طاقتن، روس ۽ آمريڪا، ڪيترائي خلائي جهاز تحقيقي، ۽ جاسوسي مقصدن لاءِ چڙهيا. اينري قدر جو اڄ نہ روس جو ڪوئي راز آمريڪا کان لڪل آهي ۽ نہ وري آمريڪا جو ڪوئي راز روس کان لڪل آهي.

ان صورتحال جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ هنن سپر پاورس جي لاءِ هڪبئي جي ويجهو اچڻ اٽر ٿي پيو، ۽ هنن ڪيترن تهذيبي، تحقيقي ۽ سائنسي

ميدانن ۾ هڪٻئي سان تعاون ۾ ڏيتي ليتي شروع ڪئي. جنهنجو نتيجو اسان ڀنهي عالمي طاقتن ۾ ٻين ننيڙين عالمي طاقتن، فرانس، برطانيه، چين ۾ ٻين ترقي يافته قومن جي تعاون ۾ دوستيءَ جي صورت ۾ ڏسي رهيا آهيون. سوويت يونين جي اثر هيٺ مشرقي يورپ جي ملڪن ۾ لازمي هو ته ان دوستيءَ ۾ سپر پاورس جي ڇڪتاڻ (Super Power Rivalry) جي خاتمي بعد، دٻاءُ ڍرو ٿي ويو. مشرقي يورپ جي ملڪن ۾ سختيءَ، دٻاءُ ۾ غير جمهوري انتظامن خلاف لهر اٿي. اُهي سڀ آزادي ۾ جمهوريت پسند لهرون آخر سڀجي سوويت يونين ۾ يورپ ۾ پکڙجي ويون. جنهنجي نتيجي ۾ يورپ اندر روسي برتريءَ جو خاتمو ٿيو. جرمنن کي اجازت ڏني وئي ته هو جيئن چاهين تيئن ڪن. اڄ اوپر ۾ اولهه جرمني گڏيل ڏسڻ ۾ اچن ٿا: ۾ اٿين پيو ڏسجي ته ڪميونسٽ پارٽيءَ جي برتريءَ جو خاتمو اچي ويو آهي. آهستي آهستي، سوويت يونين جي اندر مخالف پارٽين جي وجود کي، نه صرف تسليم ڪيو پيو وڃي، پر ڪن رياستن ۾ ته مخالف پارٽيون اڪثريت حاصل ڪري چڪيون آهن. ڏسڻو اهو آهي ته ڪهڙي حد تائين روسي ڪميونسٽ پارٽي ۾ روس جي حڪومت انهن اندروني تبديلين جي آجيان ٿي ڪري.

متحده جرمنيءَ کان مغربي قوتون خوفزده آهن. ڇو ته متحده جرمني خود هڪ وڏي سپر پاور طور اڀري رهي آهي. في الحال، مغربي جرمني ۾ متحده جرمنيءَ اوپر جي يورپي ملڪن، خاص ڪري پولينڊ، (جنهن تان ٻي جنگ عظيم جو ممڻ متو هو) جون طئه ٿيل سرحدون قبوليون آهن، جن ۾ جرمنيءَ جو خاصو حصو شامل آهي ۾ "ڊانزگ" وارو علائقو جنهن کي جنگ شروع لاءِ سبب بڻايو ويو هو اهو خود پولينڊ جو موجوده انقلابي شهر گبانسڪ آهي. اوپر پروشياجيڪو فوجي پرتيءَ جو وڏي ۾ وڏو صوبو هو ان جو ڪجهه حصو پولينڊ ۾ شامل آهي. برطانيا جي وزير اعظم مارگريٽ ٿيچر اڳئي ڏانهوڙي آهي ته گڏيل جرمني (جيڪا يورپين ڪميونٽيءَ ۾ اڳيئي وڏي قوت آهي) سا برطانيا جي رستي ۾ رڪاوٽ نه بڻجي. اُهي پيڙهيون جيڪي جرمنيءَ طرفان هن صديءَ اندر ٻن عظيم جنگين جي آزمودن مان نڪري چُڪيون آهن، انهن لاءِ خوشيءَ سان متحده جرمنيءَ جي مهذب قومن ۾ واپسي قبول ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو آهي، پر اها ٻـ اٽنيٽي آهي ته جرمنيءَ جهڙي ترقي پسند، محنتي ۾ ترقي يافته قوم جي رستي ۾ ڪي هنراڏو رڪاوٽون ڪڙيون ڪري سگهجن.

(روزانه عوامي آواز–15– نومبر 1990ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسآنجو علمي ۽ تهذيبي ڏيوالو

اڄ ڪلهه ٻارن کي اسڪول ڏانهن ويندي ۽ موٽندو ڏسندو آهيان تہ هر هڪ جي پنيءَ پاڏو هڪ وزندار ٿيلهو نظر ايندو آهي، جنهن مان ڪتابن جي وزن جو اندازو لڳائيندو آهيان ۽ سوچيندو آهيان تہ اسانجي ٻارن کي اڄڪلهہ ڪيترو نہ پڙهڻو پوي ٿو. ڪتابن جو نہ صرف وزن محسوس ڪندي ڏيل ڏکي ويندو آهي پر ڪتابن اندر جيڪو مواد موجود آهي ۽ جيڪو ٻارن کي رٽايو ٿو وڃي، سو پڙهي ۽ ٻڌي، حيرت ٿي ٿئي ٿي تہ هنن ننڍڙن دماغن جي اندر ڪيترو نہ ڪباڙو پريو وڃي ٿو! ڪي چوندا تہ اڄ ٻارن کي ويهين صديءَ جي پوئين حصي لاءِ ۽ ايڪويهينءَ صدي جي شروعات لاءِ تيار ڪرڻو آهي، تنهنڪري ضروري آهي تہ ٻارن کي چڱو خاصو مواد پڙهايو وڃي. جنهن لاءِ لازم آهي تہ ڪتابن جو "لوڊ" وڌندو وڃي.

مونکي ياد آهي تہ مان 1926ع ۾ ڇهن ورهين جي عمر ۾ پنهنجي ڳوٺ ٻنديءَ کان اٽڪل ڏيڍ ٻہ ميل پري، ٻگيءَ جي پرائمري اسڪول ۾ داخلا ورتي هئي. ان زماني ۾ هڪ ڪاٺ جي پٽي، جنهن تي ميٽ جو تهہ چڙهيل هوندو هو، ڪلهي تي لٽڪائي اسڪول ڪٺي ويندا هئاسون ۽ ان تي مس ۽ ڪلڪ سان الف بي لکڻ سکندا هئاسون. پنجين درجي تائين ٻہ ٽي ڪتاب پڙهبا هئا. جن جو وزن اٽڪل ڏيڍ پاءُ هوندو هو. هڪ سليٽ، جنهن تي قلم سان لکبو هو سا ڪتابن سميت هڪ ٻُجڪيءَ ۾ ڪٺي ويندا هئاسون، جيڪا رلهين جي نموني رنگين اڳڙين جي ٽڪرن مان نهيل هوندي هئي.

اسڪول ۾ صبح جو سوير ڪهڻو ڪري ستين انين وڳي تائين پهچي وڃبو هو ۽ شام جو اڍائي ٽين وڳي ڏاري، موسم آهر، موڪل ملندي هئي. ان وچ ۾ گهران آندل ماني يا تہ ڳڙ سان، يا وري ڪنهن پاڇيءَ سان کائيندا هئاسون. اسڪول جو پاڻي ٻہ ڳوٺ جي نلڪي تان اسڪول جا شاگرد ئي پري آڻيندا هئا. اسڪول جي ٻهاري ۽ صفائيءَ وغيره ٻہ مٿين درجن جي شاگردن کي ئي ڪرڻي هوندي هئي.

صبح جو اچڻ سان اسيمبلي ٿيندي هئي، جنهن ۾ ڏٽيءَ جي واڪاڻ

ڪانپوءِ هيڊ ماستر سائين ريواچند قطار ۾ بيٺل هر ٻار جا ڏند ڏسندو هو. جنهن ٻار جا ڏند صاف نه هوندا هئا، ان کي نم يا ڪرڙَ جو ڏندڻ ڪرائيندو هو. ڪلاس ۾ وڃڻ کان پوءِ هر ٻار جي نبض ڏسي "ڪونين" جي ٽڪي کارائي ويندي هئي. بعد ۾ حاضري پري پوءِ هر ڳوٺ جي وڏي شاگرد کان پڇا ڪئي ويندي هئي ته، سندن ڳوٺ ۾ ڪو نئون ڄم يا موت ٿيو آهي يا نه. ان پڇا بعد "ڄم ۽ موت جو رجسٽر" پريو ويوندو هو ۽ پوءِ پڙهائي شروع ڪئي ويندي هئي.

ٻاراڻي درجي کان وني ٽئين يا چوٿين درجي تائين ڪتابي پڙهائيءَ تي زور گهٽ ۽ انگي حساب، جاگرافي، تاريخ ۽ ٽيڪسٽ بڪ جي زباني پڙهائي ۽ يادگيريءَ تي زور وڌيڪ ڏنو ويندو هو. خوش قسمتيءَ سان پاڪستان جي شروعاتي سالن تائين، اسان جا اسڪولي ڪتاب ساڳيائي رهيا. جنهن ڪري اڄ به ڪيترائي ان دور جا پڙهيل ماڻهو اندازو لڳائي سگهن ٿا ته اسان کي ڇا پڙهايو ويندو هو. مقصد ڪارآمد شيون پڙهائڻ جو هو ۽ نه ٻار جي دماغ کي هڪ انسائيڪلو پيڊيا بڻائڻ جو.

اسڪول جي وقت کان پوءِ اسان استادن لاءِ ڪانيون ۽ ڇيٽاميڙي ايندا هئاسون، ڇو ته اڪثر استاد اسڪول ۾ رهندا هئا ۽ هفتي جي موڪل تي ڳوٺ ويندا هئا. ڪجهه استاد پنهنجي ماني، پنهنجي هٿن سان پچائي کائيندا هئا. جيتوڻيڪ ڳوٺ جي مکيءَ يا وڏيري طرفان هنن کي مانيءَ جي آڇ ضرور ڪئي ويندي هئي، پر اهو دور خوددار استادن جو هو. وڏيرن جي ٺُڪَرَنِ تي پلجندڙ گماشتي- اليڪشن ايجنٽ- ماسٽر وارو دور پاڪستان ۾ 1958ع کان پوءِ رائج ٿيو.

اڄ ٻئين درجن ۾ شاگرد پاڪيٽ ڪمپيوٽر کڻي وڃن ٿا. ڏسجي ائين پيو ته جلدئي ابتدائي جوڙ ڪٽ ونڊ ۽ ضرب ڪرڻ به اسان کان وسري ويندي. ان وقت زور جدولن کي ياد ڪرڻ تي هوندو هو. اسان مان گهڻو ڪري هوشيار شاگرد سائنس ۾ ويندا هئا، ڇو ته اتي حساب ڪتاب، الجبرا ۽ جاميٽريءَ جي ڄاڻ ضروري هوندي هئي. اڄ جيڪا حالت آهي ان مان صاف ظاهر آهي ته ڪائنات جي جاگرافي ۽ تاريخ، ممنوع علمن ۾ شمار ٿي چڪا آهن. مون مئٽرڪ ۾ برصغير جي تاريخ ۽ سڄي دنيا جي جاگرافي پڙهي پوري ڪئي. فرسٽ ايئر ۾ يورپ جي تاريخ ۽ انٽر ۾ دنيا جي تاريخ

پڙهيم ۽ بي اي ۾ يورپ جو بهترين ادب پڙهي پورو ڪيم. اسڪول ۽ ڪاليج جي ٽيڪسٽ بوڪن کان سواءِ بهترين ڪتاب پنهنجي خانگي وقت ۾ لائبررين مان وٺي پڙهيم ۽ استادن جي صحبت مان اخلاق، شرافت، نيڪي ۽ خلق جي خدمت جا جذبا پرايم.

اڄ حيرت ٿي ٿئي ته ڪيترن پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن کي پنهنجي تعلقي، پنهنجي ضلعي، پنهنجي صوبي ۽ پنهنجي ملڪ جي جاگرافيءَ جي به ڄاڻ ئي ڪانهي. اخبار پڙهندڙن ۽ عام طرح پڙهيل لکيل ماڻهن مان گهٽا بي خبر آهن ته جيان اسانجي اوپر ۾ آهي يا ڪنهن ٻئي طرف. عام معلومات وارن پروگرامن، سي ايس ايس يا پي سي ايس جي امتحانن لاءِ تياري ڪندي، هڪ محدود طبقو ڪجھ ڄاڻ حاصل ڪرڻ ضروري ته سمجهي، پر علم صرف پنهنجي ڄاڻ وڌائڻ لاءِ ضروري نه آهي. اسان واري دور ۾ ڪنهن شهر، ملڪ يا تاريخي واقعي جو اخبار يا بحث مباحثي ۾ ذڪر ايندو هو ته اُٿڻ ٿي پوندي هئي ته ان شهر، ملڪ، يا واقعي جي باري ۾ وڌ ۾ وڌ ڄاڻ حاصل ڪجي. جيترو پڙهندا هئاسون، اوترو وڌيڪ پنهنجي بي علميءَ جو احساس ٿيندو هو. پر اڄ پاڻ کي "اُمي" سڏائڻ ۾ فخر پيا ڪيون ۽ پيو ته نهيو، پر شاهه لطيف کي به "اُمي" ثابت ڪرڻ تي سندرو ٻڌي بيٺا آهيون.

اسانجون لائبريريون پاڪستان کان اڳ ڇپيل ڪتابن کان عاري آهن ۽ ٽي يا چار قومي لائيبريريون، جن جي باري ۾ وڏي طمطراق سان لپاڙون هڻيون، وڃن ٿيون. تن ۾ به ڪتابن جو تعداد ڪن هزارن ۾ مس آهي. اڳئين سال اسلام آباد ۾ "نيشنل آرڪائيز (National Archives) ڏسڻ ويس ته افسوس ٿيو ته نيشنل آرڪائيز جي نالي ۾ چا ڳڏ ڪري رکيو ويو آهي. صرف سول ملٽري گزيٽ ۽ اخبارن جا فائيل لائبريري اندر موجود آهن. باقي پيو مڙئي خير.

اسانجي ملڪ ۾ خاص وقت تائين اهو بحث هلندو رهيو ته پاڪستان جي تاريخ محمد بن قاسم جي زماني کان سمجهي وڃي يا ان کان اڳ واري ڪافرانا دؤر کي به لکيو پڙهيو ۽ سمجهيو وڃي. وڏي ڪشمڪش ڪانپوءِ ويلر جي ڪتاب جو نالو "پاڪستان جا پنج هزار سال" (Five Thousand Years Of Pakistan) رکيو ويو.

اسان هزارين ته چا، پر لکن سالن جي ارتقا جا مظهر آهيون ۽ پنهنجي

موجوده جاگرافيائي حدن کي پنهنجو سمجهندي، اسان کي شرم يا عارنہ ڪرڻ گهرجي. دنيا جو پراڻي ۾ پراڻو شهري ڊرينيج جو نظام اسان کي موهن جي دڙي ۽ هڙپا ۾ مليو آهي، جيڪو ٽي کان پنج هزار سال پراڻو آهي. هندن جا پراڻا مذهبي ڪتاب سنڌو درياهہ جي ڪپر تي لکيا ويا جو تہ انهن ۾ سنڌو درياهہ ۽ انجي شاخن جو ذڪر اڪثر مليو ٿو. آبڪلياڻي ۽ درياهہ جي پاڻي کي بندن جي وچ ۾ ضابطي سان رکي پاڻي ڪم آڻڻ جو نظام بہ اسان وٽ هزارن سالن کان آهي ۽ اهي سڀ عظمتون ۽ قوم جي ترقي يافتہ هئڻ جون نشانيون اسان صرف انڪري چڏي ڏيون، جو تہ اهي اسلام کان اڳ وارن دورن سان واسطو رکن ٿيون، اُهو پنهنجي تاريخ ۽ ثقافت سان ظلم ڪرڻ آهي. تنهن کان پوءِ وارن دورن ۾ جيڪي ڪجهہ اسان پرايو آهي يا سکيو آهي، سو بہ اسانجو قيمتي ورثو آهي.

ضرورت ان جي آهي تہ اسان اڄوڪي دنيا ۾ ٿيندڙ تبديلين کان واقف ٿيون. تعليم جو مقصد بہ اهو ٿي آهي تہ اڄ جي ضرورتن ۽ ايندڙ دور جي ضرورتن کان اسان نہ صرف واقف هجون، پر وقت جي ڌارا کي پنهنجي فائدي ۾ موڙڻ لاءِ اسان وٽ انتظامي صلاحيتون ۽ عملي رٿابندي بہ هجي. انڪري اسان لاءِ ضروري آهي تہ پنهنجي پوري تعليمي نظام اندر نئون روح ڦوڪيون، پنهنجي اڄ ۽ آئيندي کي سنوارڻ لاءِ بارن، نوجوانن ۽ ڪرڙوڙن کي تيار ڪيون. سٺي تعليم اڄ صرف انگريزي ميڊيم جي اسڪولن مان پرائڻ جي هڪ هٽي قائم ڪئي وئي آهي. اسان کي هر سنڌيءَ ۽ هر پاڪستانيءَ کي تعليم ڏيڻي آهي. تعليم صرف هڪ زيور نہ آهي، تعليم خوراڪ ۽ صحت وانگر هر شهري لاءِ ضروري آهي ۽ سٺي تعليم ڳوٺن جي اسڪولن کان بنا خرچ جي شروع ڪري سگهجي ٿي، بشرطيڪ اسان وٽ تعليم ڏيڻ جو صحيح جذبو پيدا ڪيو وڃي. ڏوهہ شاگردن جو نہ آهي پر اسان والدين ۽ استادن جو آهي.

(روزانہ 'عوامي آواز'- 22 نومبر- 1990ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موهن جي دڙي
جي عظمت ۽ اسانجي غفلت

جنهن زماني ۾ موهن جي دڙي جي کوٽائي پئي هلي، تنهن زماني کان وٺي مان موهن جي دڙي تي ويندو رهيو آهيان. 1927ع ۾ بگي اسڪول جا ماستر اسان ٻارن کي موهن جو دڙو گهمائڻ وٺي هليا. هنن کي صرف اينتري خبر هئي تہ هيءَ هڪڙي پراڻي تهذيب آهي. اها ئي ڄاڻ هنن اسان ٻارڙن کي ڏني.

موهن جي دڙي تي بنيادي ڪم ارنيسٽ ميڪي (Ernest Mackay) جو ڪيل آهي. جيڪو موهن جي دڙي جي کوٽائي جو انچارج هو. ميڪي جو ڪتاب (The Indus Valley Civilization) گهڻي وقت کان ناياب آهي ۽ شايد ڪن ماڻهن کي ان جي وجود جي خبر بہ هجي. موهن جي دڙي جي کوٽائي ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ تاريخي معلومات جو گهڻو ڪريڊٽ مارشل کي ڏنو ويو آهي، جو تہ هو ان وقت "آرڪيلا جيڪل سروي آف انڊيا" جو ڊائريڪٽر جنرل هو. موهن جي دڙي تي جيڪا ڪار نشاني طور رکي وئي آهي، تنهن جو تعلق بہ مارشل سان آهي.

ٻئي جي ۽ مجموادر بہ اڳاٽي دور ۾ موهن جي دڙي، ۽ پاڪستان ۾ هن وقت موجود، ٻين ڪيترن پراڻن ماڳن تي ڪم ڪيو آهي. 1943ع ۾ (Penguin Series) طرفان ڇپايل ڪتاب (Ancient India) مسٽر پگوءَ (Pigou) جو لکيل آهي. اهوڪتاب بلڪل مختصر پر وڏيڪ گهرائيءَ ۾ موهن جي دڙي بابت عام فهم زبان ۾ نتيجا پيش ٿو ڪري.

پاڪستان بعد بنيادي ڪم ويلر (Wheeler) جو آهي، جنهن پنهنجو ڪتاب (Five Thousand Years of Pakistan) لکي هڪ ڪلاڻيندڙ صورتحال کي پيدا ڪيو هو. جنهن زماني ۾ هي ڪتاب ڇپيو، انوقت تعليم جو وزير حبيب الله بهار (بنگالي) هو. اسلام جي معاملي ۾ بنگالي ڪجھ وڌيڪ حساس واقع ٿيا آهن. انوقت جو ڊي جي پڻ هڪ ڊگهي ڏاڙهي وارو(بنگالي) هو، جنهن کي اينتري ڄاڻ هئي تہ پاڪستان جي تاريخ "سنڌ جي عربن هٿان فتح سان

شروع ٿي!" پر انوقت جي تعليم کاتي جي وزير ۽ ٻين عالمن راءِ ڏني تہ" پاڪستان پنج هزار سالن کان بہ اڳجو پراڻو آهي." جنهن ڪري ڪتاب جو نالو مشرف بہ اسلام ٿيڻ کان بچي ويو.

موهن جي دڙي سان گڏ هڙپا جي تهذيب جو لاڳاپو آهي، ڇو تہ اهو ٻئي تهذيبون ساڳئي ئي وقت جون آهي. ٽيڪسيلا (Taxila) ۽ گنڌارا (Gandhara) تهذيب پڻ دور جون باقيات آهن ۽ موهن جي دڙي مٿان جيڪا "ماڙي" يا اسٽوپا آهي، سي ٽي هزار سال بعد جي پڻ تهذيب جون نشانيون آهن.

پاڪستان کان پوءِ نئين سر کوٽائي جو ڪم 1965ع ۾ ڊاڪٽر ڊيلس (Dales) جي رهنمائيءَ ۾ ٿيو؛ ۽ جيڪا کوٽائي ڏکڻ اولهہ ڪنڊ ۾ ڪئي وئي، ان جي نتيجي ۾ اهو معلوم ٿيو تہ موهن جو دڙو ڪنهن دور ۾، بعد جي قلعي- بند شهرن وانگر چوڌاري بچاءِ جي ديوار سان گهيريل هو، جنهن جي چوڌاري پاڻي جي خندق بہ هئي. بدقسمتيءَ سان خندق جي صفائيءَ جو ڪم رڪجي ويو، ڇو تہ اندران پاڻي نڪري پيو. ڊاڪٽر ڊيلس بہ پنهنجي چڪاس ۽ تپاس جي باري ۾ هڪڙو ڪتاب موهن جي دڙي تي لکيو آهي، جيڪو 1972ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي. ويجهڙائيءَ ۾ جرمنيءَ جي ڊاڪٽر هئنس (Hienes) موهن جي دڙي جي تفصيلي فوٽو گرافيءَ جو ڪم ڪيو آهي، تاڪ جيڪڏهن موهن جو دڙو پنهنجي موجوده صورت ۾ قائم نہ رهي تہ ماڻهو فوٽو گرافس مان "مرحوم موهن جي دڙي" جو ديدار ڪري سگهن.

موهن جي دڙي اندر ڪهڙي قسم جا ماڻهو رهندا هئا، ۽ ڪهڙي قسم جو سماجي نظام هو؟ ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر ڪوسمبيءَ (Kosambi) جو شاندار ڪم ٿيل آهي، جو ٻن ڪتابن جي صورت ۾ ڇپيل آهي. پهريون (Moen Jo Daro and The Vedas) ۽ ٻيو (The culture and society of ancient India in historic outline)

انهن پنهي ڪتابن ۾ هن عالم اها روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ، آرين جي آئي کان پوءِ موهن جي دڙي جي ماڻهن سان هنن جا ڪهڙا تعلقات پيدا ٿيا ۽ آرين جو موهن جي دڙي جي اصلي باشندن سان ڪو لاڳاپو آهي يا نہ.

موهن جي دڙي مان جيڪا ڄاڻ حاصل ٿي آهي، ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ پنج هزار سال اڳ سنڌ جا ماڻهو ڪهڙي طرح رهندا هئا، ڪهڙي نموني جا گهر

ناهيندا هئا ۽ کهڙي نموني انهن گهرن جي لاءِ پاڻي جي کوهن جو وسيع انتظام هو ۽ پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ڍڪيل نالين جو وسيع سلسلو هو ۽ شهر رٿائتي نموني پر ٺهيل هو.

ميوزيم ۾ رکيل سامان مان پتو پئي ٿو تہ کهڙي قسم جا ٿانو ٺپا ۽ وسيلا انهن وٽ هئا. وهنجڻ ۽ ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ وڏا ٽب، اناج جي رکڻ جي لاءِ وڏا مٽ، پيئڻ لاءِ ڪوپ ۽ گلاس ۽ راند روند ۽ ورونهن لاءِ شطرنج ۽ چوپڙ جهڙين راندين جو سامان وٽن هو. تورڻ لاءِ جيڪي وٽَ هٿ آيا آهن اهي چونڪن سان حساب جي طريقي جي نشاندهي ڪن ٿا. جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ ڏهائيءَ جو نظام سنڌ ۽ هند ۾ بعد ۾ وجود ۾ آيو هوندو.

درياهي بندر گاهہ هئڻ سبب مختلف قومن جا ماڻهو اينديڙ ويندڙ هئا ۽ جيڪي مورتيون يا بُت لڌا آهن، انهن مان مختلف نسلن جي ماڻهن جي پروڙ پوي ٿي. ۽ ڪهڙا ڪهڙا ڪپڙا لٽا پائيندا هئا يا ڪهڙو مذهب هين، تنهن جو بہ اندازو ٿئي ٿو.

شهر جي رٿائتي پلاننگ(Town Planning) وڏين ۽ ننڍين گهٽين جي هڪ ٻئي ۾ ملڻ سان اندازو ٿئي ٿو تہ هن شهر ۾ بلائنڊ اسٽريٽ (Blind Street) ڪا بہ نہ آهي. وهنجڻ جي ڪونين ۽ نالين ۾ سرن ملائڻ لاءِ ڏامر (Bitumen) ڪم آندل آهي. جنهن مان پتو پئي ٿو تہ اوساري ۽ انجنيئريءَ جو فن ڪيترو ترقي يافتہ هو.

اڄ موهن جي دڙي جي تباهي جا آثار بلڪل نمايان آهن. هزارين سال اڳ، ڪنهن قدرتي آفت، ٻوڏ يا دشمن جي حملي سبب هي شهر تباهہ ٿي ويو ۽ هزارن سالن جي مٽيءَ، دَزَ، مينهن ۽ پنجوءَ جي گِار سان ڍڪجي ويو هو، جنهن کي 1923ع کان کوٽائي ڪري اسان جي ماڻَ کي مٿانهون ڪيو ويو ۽ اهو احساس ٿيو تہ سنڌ جي تهذيب "گريس ۽ روم" (Greece and Rome) جي تهذيبن کان گهڻو اڳ جي آهي. پر اسانجي ناعاقبت انديشي ۽ شاهہ خرچيءَ سبب موهن جي دڙي کي سم گهيرو ڪندي پئي وجي ۽ ٻئي طرف سنڌو درياهہ موهن جي دڙي کي ويجهو پوندو ٿو وڃي. اڻ ڪوٽيل موهن جي دڙي جون اوڀاريون حصو"حسن واهڻ" کان وٺي "گاجي ديري" تائين درياهہ جي پيٽ ۾ هضم ٿي چڪو آهي. درياهہ شاهہ جڏهن هٿيو تڏهن بيڊ ليول (Bed- level) کان هيٺ آيل آثار ممڪن آهي تہ وري ظاهر ڪري سگهجن، في

الحال ائين پيو ڏسجي ٿـ درياهه جي پيٽ ۾ اجا بـ ڪروڙين رپيا هضم ٿـي ويندا تـ بـ شايد موهن جي دڙي کي بچائي نـ سگهبو.

ڪوشش ڪرڻ اسانجي حڪومتن جو فرض آهي ۽ دنيا ڀر جي مُهذب قومن کي بـ هٿ ونڊائڻ لاءِ آماده ڪرڻ گهرجي. جيڪي ٽيوب ويل سم ڪيڏڻ لاءِ لڳل آهن، انهن جو وڏو حصو بيڪار ٿـي ويو آهي، ڇو تـ انهن جي سنڀال ۽ مرمت (Maintenance) تي جيترو خرچ ڪرڻ گهرجي ۽ جيترو ڌيان ڏيڻ گهرجي اوترو ڇنو ڏنو وڃي. پاڪستان ۽ سنڌ حڪومت کي هڪدم هن طرف تـوجـه ڏيڻ جي ضرورت آهي.

(روزانـه -'عوامي آواز'- 29-نومبر 1990ع)

عراق جي تاريخ ۽ ايراني نار واري جنگ جون تياريون

موجوده عراق تاريخ ۾ ميسو پوٽيميا (Mesopotamia) جي نالي سان ڄاتو ويندو هو ۽ اهو علائقو دجله ۽ فرات نديءَ جي مٿيءَ ۽ لٽ مان ٺهيل آهي. عراق جون پراڻيون تهذيبون مصر، موهن جو دڙو ۽ چين جي آڳاٽين تهذيبن جون همعصر آهن. عراق مان دنيا جي پهريون قانون جو سرشتو لڌو آهي، جنهن کي همرابيءَ جو ڪوڊ (Code of Hammurabi) ڪري چيو ويو آهي. ۽ توريت ۽ ان کان بعد ۾ اينديڙ آسماني ڪتابن ۾ جيڪي قانون پيش ڪيا ويا آهن، تن جو بڻ بنياد به همرابيءَ جو ڪوڊ ئي آهي. مصر وانگر عراق هميشه مهذب ۽ سُکيو ستابو ملڪ رهيو آهي ۽ پنهنجي پاڙيسري ملڪن تي به اڪثر حڪمراني ڪئي اٿس.

پهرين عظيم جنگ کان پوءِ خلافت عثمانيه کي ٽوڙي عراق، شام، لبنان فلسطين ۽ اردن (League of Nations) جي نگرانيءَ ۾ ڏنا ويا، ۽ عراق جي موجوده رياست 1932ع ۾ انگريزن وجود ۾آندي ۽ ان کي هڪ بادشاه عنايت ڪيائون. اها بادشاهت 1958ع جي انقلاب ذريعي ختم ٿي ۽ اتي "بعث سوشلسٽ پارٽي" جي حڪومت قائم ٿي جيڪا اڄ تائين قائم آهي. عراق جي مقابلي ۾، پاڪستان جي تاريخ هڪ لحاظ کان، عراق جي انقلاب جي ترديد آهي. 1958ع جي شروعات ۾ عراق جو انقلاب آيو ۽ اهو انقلاب ايترو ته خونخوار هو، جو عراق جي بادشاهي خاندان جو جڙ ٻچو ناس ڪيو ويو. شاهه فيصل ۽ سندن چاچي نوري السعيد (جيڪو شاهه فيصل جي ڪم عمر هئڻ ڪري حڪومت جو سنڀاليندڙ (Regent)) هو جون منڊيون وزارت انصاف جي برجن تي ست ڏينهن نمائش لاءِ رکيون ويون هيون ۽ بادشاهي نظام سان واسطو رکندڙ امير ۽ امراءُ به يا ته سڀ ماريا ويا هئا يا کي ڀڄي ويا هئا.

عراق جي انقلاب شاهي نظام جي جاءِ تي رعيتي راڄ برپا ڪيو ۽ اڪثر ڪارخانا قومي ملڪيت ۾ ورتا ويا ۽ وڏيون زميداريون ختم ڪيون ويون. 1968ع کان وٺي "بعث سوشلسٽ پارٽي" جو هڪ ٽولو حڪومت ڪري رهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. انقلاب بعد عراق جي حڪومت جا تعلقات روس سان سنا رهيا، ڇو تہ انقلاب جي اڳواڻيءَ ۾ عراقي ڪميونسٽ پارٽي جو وڏو حصو هو. 1978ع ۾ موجوده حڪمرانن جو ڪميونسٽن سان جهيڙو ٿيو، جنهن جي نتيجي ۾، ايڪيهہ چوٽيءَ جا عراقي ڪميونسٽ ليڊر فوجي ڪورٽن طرفان سزا ڏئي قتل ڪيا ويا ۽ عراق ڪجهہ وقت لاءِ اولهہ جي ملڪن سان وڌيڪ دوستاڻي رويي جو آغاز ڪيو.

عراق 1980ع کانوني ايران سان لڙائي ۾ مبتلا هو، جنهن مان 1989ع ۾ ايران سان ناهہ ڪري، جنگ جو خاتمو آندو ويو. عراق ۽ ايران جي جنگ دوران، عراقي فوج جو تعداد تقريباً ڀن لکن مان وڌي ڏهہ لک تي ويو آهي ۽ اها فوج جنگ جو تجربو رکندڙ (Battle tested) آهي ۽ ڪنهن بہ ملڪ جي جنگي فوج سان مقابلو ڪرڻ جي پوزيشن ۾ آهي.

عراق جي موجوده آدمشماري تقريباً ڏيڍ ڪروڙ آهي جن مان ٻہ ڀاڱي تي حصا شيعا ۽ هڪ ڀاڱي ٽيون حصو سُني آهن.

عراق ۽ ڪويت جو جهيڙو شروع ان ڳالهہ تان ٿيو تہ ايران ۽ عراق جي جنگ هلندي، ڪويت عراق جي تيل جي کوهن مان گهڻو تيل پنهنجي پاسي ڇڪي ورتو هو، جنهن لاءِ عراق عيوضو گهري هڪدم ڪويت تي قبضو ڪيو، جتان اميرالصباح پنهنجي خاندان سميت ڀڄي وڃي سعودي عرب ۾ پناهہ ورتي آهي. ڪويت تمام ننڍڙو ملڪ هو ۽ ان جي ٻارنهن لک آبادي. ۽ ڏهہ هزار فوج ڪنهن بہ صورت ۾ عراق جي آڏو ڪو مقابلو ڪرڻ جي صورت ۾ نہ هئي. عراق جي ڪويت مٿان حملي سبب پر واري سعودي عرب جي بادشاهت کي ڏکٽي اچي ورتو آهي، ڇو تہ ان جي آبادي تقريباً هڪ ڪروڙ ۽ فوج هڪ لک آهي. سعودي عرب پنهنجي بچاءُ لاءِ آمريڪا، انگلنڊ، فرانس ۽ پاڪستان جهڙن ملڪن کان فوج جي گهر ڪئي آهي.

1956ع ۽ 1957ع کان وٺي پاڪستان ۽ عراق "بغداد-پيڪٽ" جا ميمبر هئا ۽ 1958ع جي عراقي انقلاب کانپوءِ بہ ترڪي، ايران۽ پاڪستان ان فوجي ڪلب جاميمبر رهيا، جنهن جو نالو ميڊو(Medo) رکيو ويو.

پاڪستان کي پنهنجي بچاءَ جو مسئلو درپيش آهي، تنهن هوندي بہ پاڪستان پنهنجون فوجون سعودي عرب جي بچاءُ لاءِ موڪلي ڏنيون آهن. سعودي عرب جو بچاءُ ۽ ڪويت جي آزادي جي مسئلو اهڙي طرح گڏمڏ ڪيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويا آهن جو اثين پيو محسوس ٿئي ٿو تہ امريڪا، جنهن جي اڳواڻي لک فوج عراق کي گهيري ۾ آندو آهي ان متعلق اهو چوڻ مشڪل آهي تہ اها فوج ڪويت جي آزاديءَ لاءِ آندي وئي آهي يا سعودي عرب جي بادشاهت جي بچاءُ لاءِ يا ايراني نار جي تيل جي ذريعن ۽ ذخيرن جي حفاظت ۽ قبضي لاءِ. يقين ٿو اچي تہ مغربي فوجون ڪويت کي عراق کان آزاد ڪرائڻ بعد هميشہ لاءِ ان علائقي کي ڇڏي ويندي يون يا وچ مشرق جي تازو آزاد ٿيل ملڪن جي مٿان ٿين سر انگريزن عيوض آمريڪي سربراهي قائم ڪئي پئي وڃي.

اڄ سڄي دنيا جي قومن سيڪيورٽي ڪائونسل ذريعي عراق مٿان زور آندو آهي تہ ڪويت خالي ڪري ۽ ان لاءِ پندرهين جنوري 1991ع جي آخري تاريخ مقرر ڪئي وئي آهي. ان بعد فوجي عمل (Military Action) ڪرڻ لاءِ متحد قومن جي ڪائونسل جي اڳواڻيءَ ۾ لاڳاپو عمل ناهيو ويندو. سيڪيورٽي ڪائونسل جي چيني ميمبر فوجي قدم لاءِ ووٽ نہ ڏنو ۽ ڪيوبا ۽ يمن جي ميمبرن فوجي عمل خلاف ووٽ ڏنو.

آمريڪا جي صدر پنهنجي ملڪ جي ماڻهن ۽ اهم شخصيتن جي تنقيد کان متاثر ٿي، پنهنجي بچاءَ جي سيڪريٽري بيڪر کي عراق موڪلڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ عراق جي انقلابي ڪائونسل جي ميمبر کي واشنگٽن اچڻ جي دعوت ڏني وئي آهي.ڏسجي اثين پيو تہ جيڪڏهن عراق ڪويت خالي نہ ڪيو تہ عراق جي مٿان فوجي حملو ڪري، هن کي تهس نهس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي. عراق جي موجوده حالت کي ڏسندي اثين پيو محسوس ٿئي تہ متان ٽين عظيم جنگ جي شروعات نہ ٿئي. يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ هڪ طرف عراق ۽ ٻئي طرف سعودي عرب ۽ امريڪا جي اتحادين کي هيءَ جنگ ڏاڍي مهانگي پوندي ۽ ان جنگ جا اسرندڙ ملڪن جي معيشت تي انتهائي تباه ڪن اثر پوندا ۽ پئجي رهيا آهن. پاڪستان پاڻ کي خواه مخواه پرائي جهڳڙي ۾ ڦٽبي پاڻ لاءِ مصيبت کي دعوت ڏني آهي.

(روزانہ عوامي آواز -11-ڊسمبر 1990ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حسن ناصر شهيد

پاڪستان قائم ٿيڻ کان هڪدم پوءِ ڪيترائي نوجوان ڪميونسٽ هندستان جي مختلف علائقن مان هتي پهتا. حسن ناصر 1948ع جي شروعات ۾ ڪراچي آيو.

1951ع ۾ راولپنڊي سازش ڪيس جي سلسلي ۾ جيڪي گرفتاريون ٿيون، تن مان هڪ حسن ناصر گرفتار ٿي شايد آڪٽوبر جي پڇاڙيءَ ۾ ڪراچي جيل ۾ پهتو. سياويڪ طرح هن کي اسان واري وارڊ ۾ آنداٺون، جتي هن سان خاصي ڪچهري رهي.

حسن ناصر کان معلوم ٿيو ته هو حيدرآباد دکن جي رٽائرڊ هوم سيڪريٽريءَ جو پٽ هو ۽ نظام حيدرآباد جي خلاف تلنگنا ۾ جيڪا کسان تحريڪ هلي رهي هئي، ان سان هن جو اڻ سڌي طرح لاڳاپو هو. جيئن ته تلنگنا واري تحريڪ هڪ قسم جي گوريلا تحريڪ هئي، انڪري پارٽيءَ کي اهو ڄاڻڻ جي ضرورت هئي ته حڪمران طبقن ۾ ان تحريڪ متعلق ڪهڙي سوچ ويچار ۽ تدبيرون آهن. ان ڄاڻ جي بنياد تي پارٽيءَ ڪنهن حد تائين پنهنجون پاليسيون ناهيون پئي. جڏهن هندوستاني فوجون حيدرآباد دکن ۾ ڪاهي آيون ته ان کان اڳ حسن ناصر بمبئيءَ کان ٿيندو ڪراچي پهتو. سندس چواڻي ته کيس انگليند ۾ پهچي پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻي هئي، پر ناصر ڪراچي پهچي اڳتي وڃڻ کان دل ڪڍي ڇڏي، ڇو ته ڪراچي، سنڌ ۽ پاڪستان اندر اڀرندڙ ترقي پسند تحريڪن هن کي جڪڙي ڇڏيو.

17-اپريل 1948ع تي ڪجهه گرفتاريون ٿيون. ڪراچيءَ جي پوري ٽريڊ يونين ليڊر شپ ان تاريخ تي گرفتار ٿي. ڪراچي جيل تي پهچايا وياسون. جيتوڻيڪ حسن ناصر ذريعي اسان کي ٿي ڏينهن اڳ خبر پئجي چڪي هئي ته وڏي پيماني تي اسان جون گرفتاريون ٿيڻ واريون آهن.

7-8 آڪٽوبر 1958ع تي اسڪندر مرزا اسيمبلي ٽوڙي ڇڏي ۽ مارشل لا جو بنياد پيو. اها خبر اسان کي 3 آڪٽوبر تي حسن ناصر ذريعي معلوم ٿي هئي ته "ڪجهه ٿيڻ وارو آهي." حسن ناصر جي هڪ دوست مانيءَ تي گهرايو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ چياٿين ته، اسڪندر مرزا مونکان پڇيو ته جيڪڏهن مان فيروز خان نون کي چلنو ڪيان ته ملڪ جي ماڻهن جو رد عمل ڇا ٿيندو"ان دوست اسڪندر مرزا کي جواب ڏنو، ته مونکي خبرنه آهي ته ڇا ٿيندو .... باقي جيڪڏهن ٻه ٽي ڏينهن ٽائيم ڏيو ته مان توهان کي معلوم ڪري ٻڌائيندس." ۽ ايترو جلداسڪندر مرزا قومي اسيمبليءَ جو ڊينگو ڊيري ڪندو، اهو ڪنهن کي خواب خيال ۾ به ڪو نه هو.

حسن ناصر هڪ سُلجهيل،انتهائي ايماندار ۽ پاڻ ارپڻ جو جذبو رکندڙ جوان هو ۽ تقريبًا ٽيٽيهن ورهين جي عمر ۾ 1960ع ۾ لاهور جي شاهي قلعي جي تيرهين نمبر ڪوليءَ ۾ کيس ماريو ويو. بعد ۾ انڪوائري ٿي. حيدرآباد دکن کان آيل سندس والده کي هڪ دفنايل لاش کوٽي ڏيکاريو ويو، جو حسن ناصر جو لاش هيو ٿي ڪو نه. حسن ناصر جي والده اهو لاش وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ موٽي حيدرآباد هلي وئي ۽ چياٿين "منهنجو صرف هڪ پٽ جيل ۾ ناهي، منهنجا پيا به پٽ‌جيلن ۾ آهن."

حسن ناصر ۾ کي اهڙيون خوبيون هيون، جي هن کي هڪ انوکي قسم جو ماڻهو ثابت ڪن ٿيون.

1951ع ۾ جڏهن هو مون سان ڪراچي جيل ۾ گڏ هو ته هن کي سخت پريشاني هئي ته کهڙيءَ طرح ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جي شاگرد ڪامريڊن کان ورتل قرض واپس ڪري. جڏهن سندس والده آئي ۽ ملاقات ڪياٿينس ته پهرين ڳالهه هن کيس اها چئي ته"ساڍا ڇهه سو رپيا انهن ڪامريڊن کان ورتل قرض جا واپس ڪيو " ۽ ٻي ملاقات تي هن والده کي اسان جي لاءِ ڪاڏي پيٽي جو سامان ڪنڊ، چانهه،مکڻ ،ڪيرجا دٻا آٽڻ لاءِ ڊگهي لسٽ ڏني، جنهن جي خرچ جو اندازو اٽڪل ست ان سئو رپيا پئي ٿيو.

حسن ناصر اهڙو ڪامريڊ هو، جو هر شيءِ پنهنجي ساٿين سان ونڊيندو هو ۽ باوجود سني گهر مان اچڻ جي هن ۾ وڏائي بنهه ڪو نه هئي.

ڪامريڊ پوهوءَ جي گرفتاريءَ بعد، ڪراچي ڪميٽيءَ جي سيڪريٽري جي حيثيت ۾ حسن ناصر پارٽي تنظيم کي وڏيڪ منظم ڪرڻ ۾ خاصو رول ادا ڪيو. سندس سيڪريٽري واري دور ۾ ڪراچي واري تنظيم تمام فعال ۽ وسيع هئي. ٻن سالن تائين کيس پاڪستان مان ڪڍيو ويو هو. اهي ٻه سال هو پارٽ ۾ رهي جڏهن موٽيو، ته ان وقت مان ڪراچي ۾

"نئين سنڌ"اخبار جي سلسلي ۾ رهندو هوس. هو مون وٽ آيو ۽ چيائين تہ "مان جلاوطنيءَ جا ٻہ سال پورا ڪري موٽي آيو آهيان. هاڻي ڪهڙو حڪم آهي؟" مون ڪيس نعپ جي مرڪزي آفيس سنڀالڻ لاءِ چيو ۽ اتي اسان هر روز ملندا رهندا هئاسون.

اڪثر ڪامريڊ خشڪ مزاج ۽ خانداني زندگيءَ ۾ مشڪل ڦٽ ٿِي سگهندا آهن، پر حسن ناصر جتي ويو، اتي هن دوست ۽ ساٿي پيدا ڪيا.

اخلاق جي لحاظ کان حسن ناصر تمام اوچي درجي جو ماڻهو هو. ورهين جي ڇڙاڇپ واري زندگيءَ ۾ اسان سندس متعلق ڪو ٻہ اسڪينڊل نہ ٻڌو. هو هڪ صاف سٿرو ماڻهوهو. جنهن جي هر ڪٽنب ۾ عزت ۽ محبت سان آجيان ڪئي ويندي هئي.

ڪراچي جي پارٽي آرگنائزيشن مان حسن ناصر اسان کي عزيز سلام بخاري، ابراهيم ملباري، زبير ۽ سائين عزيزالله جهڙا سنا ساٿي موڪليا. ڪِلي چوندو هوتہ "مان پنهنجي مٿي جا سور ڪراچي مان ڪيڏي سنڌ ۾ موڪليان ٿو. تون هنن کي سنڌ ۾ لڳاءِ" اهي سڀ ساٿي سنڌ پارٽي لاءِ ڏاڍا ڪارائتا ڪم ڪندڙ ثابت ٿيا ۽ مرندي گهڙيءَ تائين پنهنجي انقلابي ڊيوٽي سرانجام ڏيندا رهيا.

1960ع ۾ هو روپوشيءَ دوران گرفتار ڪيو ويو ۽ کيس لاهور جي شاهي قلعي ۾ اذيتون ڏئي ماريو ويو. جنهن ڳالھ لاءِ هن کي تمام گهڻو ماريو ويو سا اِها تہ "سندس ساٿي ڪهڙا آهن يا ڪيس پئسن جي مدد ڪير ٿو ڪري؟"

مونکي يقين آهي تہ حسن ناصر کي انڪري ماريو ويو جو هن پنهنجي مددگارن جا نالا ٻڌائڻ کان انڪار ڪيو. اهو انقلابي اخلاق آهي تہ "مرندا مري وڃو پر پنهنجِي همدردن ۽ ساٿين جي ڪول ناهي ڪرڻي."

ڪران وجهہِ مَ وات، ٻول! هماري ڳالهڙي
مَڇُڻ رَتيءَ رات، اورڻ ۾ اونهي ٿئي.
(ڀٽائي)

(روزانہ 'عوامي آواز' 20- ڊسمبر- 1990ع)

حُشو ڪيولراماڻي - هڪ ڊرامائي ڪردار

جون 1941ع ۾ مان "لاڪاليج" ۾ وڪالت پڙهڻ لاءِ داخلا ورتي۽ "ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين" ۽ "سنڌ پراونشل اسٽوڊنٽس فيڊريشن" ۾سرگرميءَ سان حصو وٺڻ لڳس . ان وقت معلوم ٿيو تہ شاگردن ۾ بہ ڪميونسٽ خيالن وارا موتي واسواڻي ۽ نارائڻ پيرو ڪل وقتي ڪارڪن هئا ۽ هنن جو چڱو خاصو اثر وارو حلقو هيو. هن جماعت جو واسطو ڪميونسٽ پارٽي سان هو ۽ شاگردن ۾ حشو ڪيولراماڻي (جيڪو ان وقت جيل ۾ هو.) جي خاصي واڪاڻ هئي.

بہ "ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين" هئي، جنهنجو واسطو " آل سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن" سان هو ۽ ان جي اڳواڻي سوشلسٽ ۽ نيم سوشلسٽ نوجوانن پئي ڪئي، پر شاگردن ۾ گهڻائي حشوءَ جي پوئلڳن ۽ ڪميونسٽ خيالن وارن جي هئي.

مان ٿوري ئي وقت اندر "ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين" جي معاملن ۾ وڌيڪ سرگرم ٿي ويس، جو ان ۾ اسٽيڊي سرڪل وغيرہ وٺڻ شروع ڪيم. سيپٽمبر 1941ع جي شروعات ۾ پتو پيو تہ، حشو ڪيولراماڻي حيدرآباد جيل مان ڇٽي ڪراچي پهچڻ وارو آهي. ڪيس ٻن سالن جي سزا ان ڪري ڏني ويئي هئي جو هن هڪ پوسٽر انگريزي سامراج خلاف ڪيرايو هو، جنهن ۾ هندوستان جي نقشي مٿان هڪ فوجي جي تصوير سان سنڌس بہ لانگ بوٽ چٽيل هئا ۽ هيٺان لکيل هو:-(Stop This March of Imperialism) (سامراج جي پيشقدميءَ کي روڪيو) ڪورٽ ۾ ثابت ٿيو تہ پوسٽر جو مرڪزي خيال حشو ڪيولراماڻيءَ جو هو ۽ چيپينڊڙ نسيم تلوي هو جنهن اهو "بلوچستان جديد" جي پريس ۾ ڇپيو هو. ان ڪري ٻنهي کي سزا ان پوسٽر ڪيس ۾ ملي . اها سزا ڪاٽي حشو ڪيولراماڻي ڪراچي پهچي رهيو هو. اسان سنڌس آجيان ڪرڻ لاءِ سنڌس ياءُ گروپ سان گڏجي صدر اسٽيشن تي ويا هئاسين، جتي ساٿس واقفيت ڪرائي ويئي. پوءِ اسان ساٿس گڏجي، سنڌس گهر تائين ڳالهيون ڪندا آياسون. سنڌس گهر

آرٽلري ميدان تي هو، جتي سندس والده سان پڻ ملاقات ٿي. ڳالهين ڪندي حشوءَ مون کي روڪي رکيو تہ توسان وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻيون آهن. ان ڪري پيا وڃن، پر تون ترسجانءِ.

حشو جي هڪ خاص عادت هئي تہ هوبہ‌ي کي ڳالهڻ جو موقعو گهٽ ڏيندو هو ۽ سندس ڳالهہ ٻولهہ تقريباً هڪ طرفي هوندي هئي، جنهن کي (one Way traffic) چئبو آهي. سندس ڳالهين مان معلوم ٿيو تہ ، هن کي منهنجي باري ۾ ڪافي گلاٽون ۽ تعريفون پهچي چڪيون هيون ۽ هن منهنجو اندازو لڳائڻ پي چاهيو. مان گهڻو وقت پنهنجي پس منظر ۽ تعليم جي باري ۾ سندس سوالن جا جواب ڏيندو رهيس ۽ مون کي محسوس ٿيو تہ منهنجي هن سان ڳنڍ خاصي پختي ٿي ويئي آهي.

ٻئي ڏينهن تي اسان جي"ڪراچي اسٽوڊنٽس يونين" جي آفيس ۾ هڪ ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ حشوءَ تمام سٺي تقرير ڪئي. هن جون اڪثر تقريرون انگريزي ۾ ٿينديون هيون، ڇو تہ ميٽرڪ هن سيلون مان ۽ وڌيڪ تعليم انگلينڊ مان حاصل ڪئي هئائين.

ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ " لا ڪاليج" ۾ هڪ اسٽرائيڪ ٿي،جنهنجو سبب مکيہ طور مان ٿي هيس. اها اسٽرائيڪ ٿي ڏينهن هلي ۽ اسان جي ناراضگي ۽ اختلاف احمد ميان سومري سان ٿيو هو. ان وقت الله بخش سومرو سنڌ جو وڏو وزير هو ۽ حشو ڪيولراماڻي هڪدم ڪيس مليو ۽ الابخش مون کي پاڻ وٽ گهرائي احمد ميان سان ناهہ ڪرايو. پر "لاڪاليج" جي پرنسيپال جنهن مون کي رسٽيڪيٽ (Rusticate) ڪيو هو، ان کان معافي وٺڻ لاءِ مان بلڪل تيار نہ هوس . اسٽرائڪ ڊيگهہ ڪاڙي . الله بخش سومرو منهنجي ۽ پرنسيپال جي وچ ۾ ناهہ لاءِ مختلف فارمولا تجويز ڪندو رهيو، پر مان ڪنهن بہ ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار نہ هئس.

اڌ رات جو حشو ڪيولراماڻي مون وٽ آيو ۽ چيائين تہ،"اسٽرائيڪ سياڻي ڪيئن بہ ڪري ختم ڪيو ڇو تہ هڪ تہ ڇوڪرا ٿڪجي پيا آهن ۽ ٻيو تہ جرمني روس جي اندر ڪاهي پيئي آهي. دنيا جي قسمت جو فيصلو روس جي برفاني ميدانن ۾ ٿي رهيو آهي ۽ تون هتي پنهنجي ننڍڙي انا ڪنيون الله بخش سومري کي بدنام ڪري رهيو آهين"

مان سندس بدليل رخ کي سمجهي، ٻئي ڏينهن تي الله بخش جي ناهہ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فارمولو قبولي، وجي پرنسپال کي وني الله بخش جي بنگلي تي آيس، جتي اسان کير کنڊ تي وياسي ۽ اسٽرائيڪ ختم ٿي ويئي .

آڪٽومبر جي موڪلن ۾ حشوءَ مون کي پاڻ سان کنيو ۽ حيدرآباد، نوابشاهه، سکر، شڪارپور۽ لاڙڪاڻي جي اسٽوڊنٽس يونين (جن سان سنڌس لاڳاپو هو) سان واقفيت ڪرايائين ۽ مان ڪراچي کان ٻاهر جي شاگرد اڳواڻن کان واقف ٿيس. لاڙڪاڻي مان ٿي هو منهنجي ڳوٺ "ٻنديءَ" ۾ ٻه ڏيهن رهيو . اهي ٻه ڏيهن اسان جون سڄي دنيا جي اديبن، دانشورن ۽ تحريڪن متعلق ڪچهريون ٿيون ۽ هن شانتي نڪيتن ۽ ٽئگور متعلق گهڻي پڇ پڇ ڪئي. موڪلاڻ وقت مون کي چيائين تہ."مان انهن ڪميونسٽن مان آهيان، جي سڄي عمر ڪميونزم لاءِ وڙهندا آهن، پر جيڪڏهن ڪميونزم آيو تہ ان حڪومت هيٺ نہ رهندا"

(I Shall Live for Communism. I Shall Die for Communism, but I Shall not Live Under Communism)

حشو مون ۾ هڪ ٻي ڳالهہ بہ مشترڪ هئي تہ، اسان اسٽالن جي انڌاڌنڌ پوڄا نہ پئي ڪئي ۽ سنڌس باري ۾ هڪ اوپن مائينڊ (Open Mind) پئي رکيو.

ڪراچي موٽي اچڻ تي حشوءَ مون کي چيو تہ هاڻ تون "سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن" جو جنرل سيڪريٽري آهين. چو تہ مان سيني شهرن جي اسٽوڊنٽ يونين جي ليڊرن سان صلاح ڪندو آيو آهيان."

مون کي ان نامزدگي تي عجب لڳو ۽ اعتراض بہ ڪيم، پر هن چيو تہ "بس اسان وٽ ائين ئي ٿيندو آهي" اهڙي طرح مان سڄي سنڌ جي فيڊريشن جو جنرل سيڪريٽري بنجي ويس .

فيبروري 1942ع ۾ پٽنا ۾ "آل انڊيا اسٽوڊنٽس فيڊريشن" جي ڪانفرنس ٿي ۽ مان سنڌ جي ڏهن شاگردن جو هڪ وفد وٺي اتي پهتس . ان ڪانفرنس ۾ اهو طئي ڪيو ويو تہ جنگ جي نوعيت بدلجي ويئي آهي ۽ جنگ "سامراجي جنگ" مان ڦري "عوامي جنگ " جو روپ اختيار ڪري چڪي آهي.

(From Imperialist War It has become peoples war)

چو تہ جرمنيءَ جي روس مٿان حملي جنگ جي رخ کي

ڦيرائي ڇڏيو هو. هيءَ ڳالهه اسان جي قومي جذبات جي خلاف هئي، پر عقل ۽ دماغ ان منطق کي قبول ڪرڻ لاءِ مجبور هئا. اسان ته اهو نهراءُ قبول ڪري اچي ڪراچي رسياسون، پر هتي بغاوت شروع ٿي ويئي هئي . ڇو ته ڪانگريسي ۽ سوشلسٽ لاڙا رکندڙ شاگردن جي اڪثريت ان منطق کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. حشو ڪيولراماڻي پڻ ان ٻه چتائيءَ جو شڪار هو ۽ ان سياسي ٻه واٽي تي پهچي هو بمبئيءَ هليو ويو.

بمبئيءَ مان موٽ هن ٻن سالن بعد ڪاڏي، مان آگسٽ 1942ع واري ڪئٽ انڊيا تحريڪ " ۾ ڏيڍ سال نظر بندي ڪاٽي جولاءِ 1944ع ۾ ٻاهر آيس ۽ هڪدم ٽريڊ يونين تحريڪ ۾ شامل ٿي ويس . هڪ ڏيهن اوچتو حشو مون وٽ آيو ۽ مون کي چيائين ته، "هل ته تو کي سني ڪافي پيئارڀان" مان ساڻس گڏجي صدر ۾ ڪافي هائوس تي ويس ۽ هن مون کي هميشه وانگر هڪ طرفو حال احوال ۽ ليڪچر ڏنو. هن مون کي ٻڌايو ته نه هو "ڪئٽ انڊيا تحريڪ" ۾ شامل ٿي پئي سگهيو ۽ نه ٿي وري ان کان پري رهي ٿي سگهيو . بمبئيءَ ۾ هن پارٽي آفيسن ۾ خاصو بحث مباحثن ۾ وقت گذاريو هو ۽ ٻئي طرف هڪڙو هاءِ پاورڊ (High Powerd) معاشقو پنهنجي پراڻيءَ هم ڪلاسي ڇوڪريءَ سان ڪندو رهيو هو، پر شادي ڪرڻ جي ڳالهه ڪان هو ونءُ پي ويو ۽ ڇوڪري ساڻس بنا شاديءَ جي عشق ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي. اها ٻه چتائي سندس ذاتي ۽ سياسي زندگي جو خاصو هئي .

پاڪستان ٺهڻ شرط حشو هڪ هفتيوار اخبار انگريزيءَ ۾ ڪڍي، جنهن ۾ هن سيکيو لر ۽ سوشلسٽ نظرين کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان سلسلي ۾ هو جناح سان مليو ۽ ڪراچي جي ايڊمنسٽريٽر هاشم رضا ۽ ڊپٽي ايڊمنسٽريٽر مسعود (کدرپوش) سان به ملاقاتون ڪيون .

اسان اپريل 1948ع ۾ گرفتار ٿي ڪراچي جيل ۾ پهتاسين ۽ حشو هڪ سال پوءِ 1949ع ۾ گرفتار ٿي آيو . جيل ۾ هڪ وارڊ ۾ هئاسون ته هڪ ٻئي ۾ تمام گهٽيون ڪچهريون ٿيون. هن ٻڌايو ته ٻه ٽي مهينا سن ۾ رهي هن ."سنڌ اسٽرگلس فارفريڊم" جي نالي سان جي ايم سيد جو ڪتاب "ٿئين سنڌ لاءِ جدوجهد" ترجمو ڪيو هو ۽ سندس ڇوڻ هو ته پاڪستان جا نوان حڪمران سنڌين کي "ريڊانڊين" ٿا سمجهن.

اسان ٻئي ان راءِ جا هئاسين ۽ رهيا سين ته سنڌي "ريڊ انڊين" ٿي ٿا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهن، ڇو تہ اسان جي تهذيب ايڏي وڏي ۽ پراڻي آهي جنهن جاءِ تي پهچڻ لاءِ اسان جي نون آيلن کي وقت لڳندو، حشو چوندو هو تہ "يوپيءَ جي هندن ۽ مسلمانن پنهنجو مسئلو، پنهنجي مٽي جو سور ڪيڏي پاڪستان موڪلي ڇڏيو آهي ۽ اڄ جي حالتن ۾ ائين پئي لڳو تہ هاڻي جيڪي پارت مان ڏکجي ايندا سي اسان جي لاءِ اجان مٽي جو سور وڌيڪ پيدا ڪندا ! ڇو تہ جنهن بنياد تي هي ملڪ ٺهيو آهي ان بنياد تي دنيا پرجالوڏيل مسلمان هتي اچي سگهن ٿا."

انـن مهينن جي نظر بـنـدي بـعـد حشـو کـي بـمـبـئـيءَ مـان خـبـر پهـتـي تـہ سندس والده کي ڪينسر ٿـي پيو هو. ان ڪري هن حڪومت کي لکيو تہ ، "مان پاڪستان ڇڏڻ ٿـو چاهيان" ڪيس وجهڻ جي اجازت ڏنـي وئـي ۽ جيل جي دروازي کان ڪيڏي هن کي ساموندي جهاز تي پهچايو ويو، ڇو تہ ڪراچي جي زمين تي پير رکڻ جو حق هن کان کسجي چڪو هو ۽ هو اهڙيءَ طرح جلاوطن ٿـي هندوستان پهتو.

ان وچ ۾ جيـل انـدر خبـر ملـندي رهـي تـہ حشـو هنـدسـتـان ۾ هـڪ اخبـار (Hindustan Standard) ۾ "پاڪستان ايڪسريد" (Pakistan Ex Rayed) جي عنوان هيٺ مضمون لکڻ شروع ڪيا هئا، جن ۾ پاڪستان جي سياست تي خاصي روشني وڌي هئائين، اهڙي چـاڻ جنهن کان اسان ملڪ ۾ رهندي بـہ ناواقف هئاسون ، 1951ع ۽ 1952 ع کان وني اهو سلسلو 1956ع تائين قائم رهيو ۽ حشـو ڪيولراماڻيءَ کي دهلي ۾ پاڪستان جي اندروني معاملن جو ڄاڻو ليکيو ويندو هو.

ڪرشنامينن، جيڪو پارت جو پرڏيهي ۽ بعد ۾ بچاءُ کاتي جو وزير هيو تنهن کان جي ايم سيد جڏهن پڇيو تہ، "حشـو کـي سڃاڻو؟" تہ ڪرشنامينـن چيـو تـہ، "اهـو ننـڍڙو مـاڻهـو جيڪـر چـونـدو آهـي تـہ سنـڌي هـڪ قـوم آهـن."
Hashoo! The little man who says sindhis are a nation! I know him of course

حشو پارت ۾ هڪ ڪامريڊ ڇوڪري جيڪا وڏوا (بيوه ٿـي چڪي هئي) سان شادي ڪئي ۽ ان مان ڪيس هڪ پٽ ٿيو، جيڪر خاصو وڏو آرٽسٽ آهي .

1967ع ۽ 1968ع کان پوءِ حشـوءَ تـي ويـراڳ جا دورا پـوڻ لڳا ۽ هـو ڪيترا مهينن جا مهينا ڪڏهن پوپال ۽ ڪڏهين بمبي ۽ ڪولهاپور ۽ ٻـين هنڌن تي گذارڻ لڳو . دوستن جي چوڻ مطابق تہ هو اوچتوئي اچي ٻر گهٽ

ٿيندو هو ۽ اوچتو ٿي هليو ويندو هو .

1972ع بعد مون کي هڪ پوسٽ ڪارڊ مليو ۽ پوءِ معلوم ٿيو ته اهڙا خط هن ٻين دوستن کي به لکيا هئا. خط جو مضمون اهو هو ."دوست! عجب نه ڪائج جيڪڏهن تون مون کي هڪ ڏينهن پاڻ وٽ ڏسين، مان واپس ايندس" اهڙا خط هن مون کي، جي ايم سيد کي ۽ ٻين ڪيترن دوستن کي لکيا. تنهن بعد سندس ڪو پتو ڪو نه پيو ته هو ڪاڏي ويو؟ پارٽ ۾ سندس گهر دوستن ۽ اديبن سان به 1975ع کان پوءِ هن جو ڪو مڪا ميلو ٿيل ٿنو ٻڌجي.

حشو جهڙا ماڻهو ورلي پيدا ٿيندا آهن. سندس باري ۾ جيڪي ڪجھ دوستن کي معلوم هجي ته اهو گڏ ڪيو وڃي. سنڌ جي ترقي پسند تحريڪ تي حشوءَ جي گهري ڇاپ آهي.

(روزانه 'عوامي آواز' - 27- ڊسمبر 1990ع)

هندو - مسلم فساد ۽ بهاري

جون 1946ع ۾ انگريزن طرفان هندوستان-پاڪستان جي آزاديءَ متعلق ڪئبينيٽ مشن جو پلان(Cabinet Missim Plan) ظاهر ٿيڻ سان ئي فسادن جو سلسلو شروع ٿي ويو ۽ جولاءِ 1946ع ۾ ڪلڪتي ۾ وڏو فساد ۽ قتل عام ٿيو. تقريباً پنج هزار ماڻهو مئا ۽ هگلي ندي جو پاڻي هفتي تائين رت سان ڳاڙهو نظر ايندو هو. هوگلي ندي ويهه ميل هيٺ ڏکڻ طرف بنگالي اپسمنڊ ۾ وڃي پوي ٿي. لاشن جا ڍير لڳي ويا ۽ هزارين لاش دريا ۾ لڙهي سمنڊ ۾ پهتا. متحده بنگال جو وزير اعليٰ انوقت حسين شهيد سهروردي هو. اهو فساد ان ڏينهن شروع ٿيو جنهن ڏينهن ٿي جناح طرفان سڌو قدم (Direct Action Day) جو ڏينهن اعلان ٿيو هو ۽ عام هرتال جو سڏمسلم ليگ طرفان ڏنل هو. فساد ان ڳالهه تان شروع ٿيو تہ ڪنهن قومي مسلمان (Nationalist Muslim) دڪان بند نہ پئي ڪيو، سو مسلم نئشنل گارڊ وارن ان کي ڍاهي وڌو. فساد شهر ۾ ڦهلجي ويو ۽ ڪلڪتو شهر هندو ۽ مسلمان غنڊن جي حوالي ٿي ويو. مسلمان ڪلڪتي شهر ۾ اقليت ۾ هئا. گهڻو نقصان مسلمانن کي پهتو.

ڪلڪتي جي هن عظيم قتلام (Great Massacre) جو بدلو مسلمان اڪثريت وري نواکلي ضلعي ۾ هندن جي قتلام سان ورتو. اٽڪل سورهن هزار ماڻهو قتل ٿيا ۽ انهن ۾ اڪثريت بهراڙيءَ جي هندن جي هئي.

پوءِ فساد وڌي يوپي ۽ بهار ۾ پهتا ۽ ڏسندي ڏسندي سارو اتر-اوير هندوستان درندگي ۽ وحشيانيت جي دور ۾ پهچي ويو. ماڻهو پاڳل ٿي چڪا هئا ۽ ڪنهن بہ ليڊر جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونہ هئا ۽ لاشن سان کوهہ پيري ڇڏيائون يا درياهن ۾ لوڙهي ڇڏيائون.

بهار جي فسادن جي نتيجي ۾ تقريباً تيرهن چوڏهن هزار مسلمان بهاري سنڌ ۾ آيا ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪين آباد ڪيو ويو ۽ اٽڪل ٽيهہ چاليهہ هزار بهاري مسلمان اوير پاڪستان واري مسلم اڪثريت واري علائقي ۾ لڏي ويا. پاڪستان ۽ هندوستان ٺهڻ کان پوءِ لکين مهاجر هندوستان جي قبول ٿيل

(Agreed Areas) ايراضين مان لڏي آيا، ۽ پنجاب ۽ سنڌ ۾ داخل ٿيندا رهيا ۽ هتان لڏي ويل هندن ۽ سکن جون ملکيتون، جايون جڳهون کين ملڻ لڳيون. فسادن جو سلسلو هلندو رهيو ۽ تقريباً پندرهن لک بهاري اوپر پاڪستان ۾ وڃي ويٺا ۽ اتي هو ڏنٽن ڏاڙين ۽ روزگارن سان لڳي ويا.

1971ع جي آخر ۾ پاڪستان طرفان جيڪو پوليس ايڪشن اوپر بنگال ۾ ٿيو ان ۾ اڪثر بهارين چيو وڃي ٿو تہ پاڪستاني فوج جو ساٿ ڏنو ۽ پاڪستاني فوج لاءِ جاسوسي ڪئي ۽ سونهين جو ڪم ڏنو ۽ بنگالين جي ڦرمار، قتل، رهزني ۽ عصمت دريءَ جي بيشمار واقعن ۾ برابر جا شريڪ رهيا. ظاهر آهي تہ بنگلا ديش جي بڻجڻ ڪانپوءِ اڪثر بهاري جن پاڪستان جي فوج جو ساٿ ڏنو هو انهن کي شهرن مان لوڏي ڍاڪا ۽ نارائڻ گنج جي علائقن ۾ (سندن حفاظت لاءِ)گڏ ڪيو ويو؛ ڇو تہ بنگلا ديش قائم ٿيڻ ڪانپوءِ قوي امڪان هو تہ بهارين جو وڏو قتل عام ٿئي ها. امن امان ٿيڻ کان پوءِ انهن جي اڪثريت "باقي رهيل" اولهہ پاڪستان ڏانهن اچڻ جو رايو ڏيکاريو.

ان ڳالهہ کي ارڙهن، اوڻويهہ سال ٿي ويا آهن، پر بهاري بنگالين جو مسئلو اڃاپنهنجي جاءِ تي موجود آهي. هنن اوڻويهن سالن دوران لکين بنگالي-بهاري ۽ بنگلا-ديشي مختلف طريقن سان اولهہ پاڪستان ۾ ايندا رهياآهن، ڪي وايا نيپال،ڪي وايا افغانستان ۽ ڪي وايا هندوستان ٽولن جي صورت ۾ پهتا آهن ۽ انهن مان اڪثر هلندي هلندي ڪراچي ۾ پهچي ويا آهن.

بنگلاديشي هنرمند اڪثر سارين جي سيلرن (Rice- Shellers) تي مستري ۽ هيلپرن جو ڪم ڪن ٿا؛ ۽ باقي ڪراچي ۾ گهرن ۾بورچي، نوڪرن ۽ نوڪرياڻين جو ڪم ڪن ٿا؛ ڪراچيءَ ۾ هڪ وڏي بنگالي ڪالوني بہ آهي.

برمي، اراڪاني، سوڊاني، ايراني پکوڙا سڀ پاڪستان ۾ پناهہ وٺندا رهيا آهن ۽ هن وقت تائين سرڪاري اندازي مطابق انهن جو تعداد اٽڪل ارڙهن-ويهہ لک آهي. انهن ڪانسواءِ سرڪاري اندازي مطابق پنجٽيهہ لک افغاني بہ پاڪستان ۾ آهن؛ پر افغانين جو تعداد گهٽي ياڳي سرحد، بلوچستان ۽ پنجاب جي اتر-اولهہ وارن ضلعن ۾ آهي؛ ۽ افغانين جو تعداد سنڌ ۾ بہ اٽڪل ڇهہ-ست لک ٿيندو. صحيح اندازو ڪرڻ مشڪل آهي، ڇو تہ هو اڪثر پاڻ کي بلوچستان جي پيشن (Pishin) ضلع يا سرحد جي قبائلي يا سوات ضلعي

ضاهر ڪندا آهن.

هي سڀ لوڙ (بار) جيڪو ناجائز طور سنڌ جي مٿان وڌو ويو آهي اهو موجود صورتحال ۾ ڪيترا سوال پيدا ڪري ٿو. سڀ ٻاهران آيل ماڻهو اردو جي رشتي سان منسلڪ آهن ۽ هو پنهنجو وزن گهٽي ۾ گهٽ اردودانن جي اڪثريت واري پارٽيءَ طرف وجهن ٿا.جنهنجي معني ته ايم-ڪيو -ايم جي طاقت وڌي ٿي. جيئن ته ڪيترائي مهاجر خود به بهاري آهن، هن ڪري هو زور لڳائي رهيا آهن ته بهاري جن کي هو محصورين ٿا چون کي هتي آندو وڃي، جيئن سندن تعداد وڌي وڃي ۽ اهڙن بنگالي بهارين جا مختلف اندازا لڳايا ويا آهن. ممڪن آهي ته ٻه اڍائي لک جي گهٽ ۾ گهٽ اندازي کان وڌندي بنگالي -بهاري لڏي ايندڙن جو تعداد پندرهن سورهن لک ٿي وڃي. ڇو ته امڪان آهي ته اهي بهاري جيڪي بنگال جي سماجي زندگيءَ ۾ مِلي جُلي ويا آهن اهي به جيڪڏهن پنهنجي هم-وطنن کي لڏيندو ڏسندا ته انهن جو خاصو تعداد هتي لڏي اچڻ جو امڪان آهي.

سنڌ ۾ مهاجر- سنڌي محاذ آرائيءَ ۾ ۽ فسادن، قتل ۽ غارت گريءَ جو جيڪو سلسلو هلندو رهيو آهي ان جي نتيجي ۾ سنڌ جا باشندا هڪ به وڏيڪ مهاجر آڻڻ پسند نه ڪندا ۽ ڪيترائي دفعا بهارين کي آڻڻ خلاف مظاهرا ۽ رستا روڪ مورچن جا اعلان ٿي چڪاآهن. سنڌين جي سوچ اها آهي ته جن ٽيتاليهه سال پنهنجي هم وطن، پاڙيسري، بنگالي مسلمانن سان دل نه ڳنڍي ۽ هنن مٿان ظلم ڪيا ۽ اڄ به انهن کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن، انهن کي پاڪستان ۾ سنڌ ۾ اچڻ جو ڪو به حق ڪونهي . سنڌين جي قطعي ۽ يڪراءِ فيصلو اهو ئي آهي ته اسان کي غير ملڪي ته ڇا پر غير سنڌي بلڪل نه کپن، ۽ اهڙو ٺهراءُ سنڌ اسيمبليءَ ۾ يڪراءِ سان، ايم ڪيو ايم جي موجودگيءَ ۾ پاس ٿي چڪو آهي.

تاويلون ڪيون ويون آهن ته-بهاري ان ٺهراءُ جي پڪڙ ۾ ڪٿا اچن، اها ڳالهه بلڪل نه سمجهه ۾ ايندڙ آهي. بنگلا ديش مان ايندڙ بنگالي بهاري اڪثر پيدائشي يا هندوستان جي بهار صوبي مان لڏيل ۽ وينل بنگلاديشي شهري آهن. ۽ انهن جو شمار به غير ملڪين ۾ ڪرڻو آهي.جهڙي طرح بنگلاديش ۾ وڃڻ ۽ رهڻ لاءِ ويزا يا اتان جي شهريت درڪار آهي، اهڙي طرح هت جيڪو غير ملڪي بنگلاديشي، برمي، افغاني، ايراني اچي ٿو، اهو غير ملڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي سمجهڻ کپي ته ان جي اچڻ ته شهريت حاصل ڪرڻ لاءِ پاڪستان جا غير ملڪين سان واسطو رکندڙ قانون (Aliens Foreigners Laws) لاڳو ٿيڻ کپن. سمجهه ۾ ڪونه ٿو اچي ته مهاجر پنهنجو تعداد هڪ غير ملڪ (بنگلاديش) مان گهرائي ڇو ٿا وڌائڻ چاهن.

سنڌ ۾ جيڪڏهن امن امان قائم ڪرڻو آهي ته پهريائين هتي آباد ٿيل سنڌين ۽ ٻين قومن جي وچ ۾ تنازعن ۽ تڪرار جا سمورا مسئلا طئہ ڪيا وڃن . جيڪڏهن هتان جو ڪو بہ طبقو ٻاهرين ملڪن مان مهاجر گهرائي پنهنجو تعدادوڌائڻ گهري ته ڪهڙي سمجهدار ۽ ذميوار سرڪار ان جي اجازت ڏيندي؟

(روزانہ 'عوامي آواز'- 3- جنوري 1991ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪامريڊ عبدالقادر
۽ سنڌ جي هاري تحريڪ

ڪامريڊ عبدالقادر ميوا خان ڪوڪر سان منهنجي واقفيت 1941ع ۾ ٿي جنهن وقت مان شانتي نڪيتن مان ڪراچيءَ موٽي آيس ۽ منهنجو واسطو هتان جي ڪامريڊن سان ٿيو. ان وقت هو سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جو صدر هيو ۽ ساڻس ملاقات اڪثر زميندار هوٽل ڪراچيءَ ۾ ٿيندي هئي. جڏهن ڪراچي ۾ ايندو هو تہ محمد امين کوسي وٽ ساڻس ملاقات ٿيندي هئي. (محمد امين کوسو 1937ع کان وٺي 1945ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر هو، معلوم ٿيو تہ عبدالقادرابتدائي تعليم ڳوٺ ڏامراه ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ٿي هئي. مرحوم رئيس جان محمد جوڻيجي کيس وڌيڪ تعليم لاءِ سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ موڪليو، جتان ميٽرڪ پڙهي ڪراچي پورٽ ٽرسٽ ۾ ٿالي ڪلارڪ جي نوڪري مليس ۽ ڪراچي پورٽ ٽرسٽ يونين ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين.

1930ع ۾ سنڌ هاري ڪانفرنس جو بنياد پيو جيڪا جماعت سکر بئراج تي غير آباديل زمينن کي هارين لاءِ حاصل ڪرڻ جي جدوجهد لاءِ شروع ڪئي وئي هئي. هاري ڪانفرنس جنهن پوءِ سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي صورت اختيار ڪئي ان ۾ ڪامريڊ عبدالقادر مکيہ ڪارڪن ٿي ويو ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين هو هاري ڪاميٽيءَ جو صدر يا جنرل سيڪريٽري چونڊبو رهيو. هاري ڪاميٽي جو بنياد وجهندڙ جمشيد نسروانجي، جيٺمل پرسرام، شيخ عبدالمجيد سنڌي، جي ايم سيد ۽ ٻيا ڪارڪن هئا.

هاري ڪاميٽيءَ جي اڳواٽي هيٺ جاگيردارن خلاف ٿيندي ڇام مان وڏيون تحريڪون هلايون ويون ۽ 1936ع ۾ حيدرآباد شهر تي جيڪا مارچ ٿي، تنهن حيدرآباد شهر جي مالدار ۽ زميندار طبقي کي ڏوڏي ڇڏيو.

سنڌ هاريءَ ڪاميٽيءَ جو تعلق شروعات کان ئي "آل انڊيا ڪِسان سڀا" سان هو ۽ سندس جهنڊو بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪن جو ڏاٽي ۽ هٿوڙي وارو ڳاڙهو جهنڊو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1936ع ۾ ڪامريڊ عبدالقادر جي اڳواڻيءَ ۾ هيٺيون گهرون پيش ڪيون ويون:

1) پوک لائق سموري واندي پيل زمين هارين کي پوکڻ لاءِ ڏني وڃي.
2) حقلبي ۽ ٻين محصول ۾ اڌ واڌ ڪٽتي وڌي وڃي.
3) رفتہ رفتہ قرضن کان نجات پر وياج کان يڪدم ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي.
4) قرضن يا لاپي نہ ڏئي سگهڻ جي لاچاري حالت ۾ هارين کان جائز يا ناجائز دِہاءَ کان بچاءُ ملي.
5) سِيني هارين کي دائمي هارپن جو حق ملي.
6) بيگر، چيڙ، رسائي ۽لاپو ٻي قائدي ڪيا وڃن.
7) پيداڻش جون قيمتون فصل جي ڏينهن ۾ قانوني طرح مقرر ڪيون وڃن.
8) جاگيرداري سرشتي کي ختم ڪري زمين هارين ۾ ورهائي وڃي.
9) دِہاءَ جا قانون منسوخ ٿين.
10) سِيني سياسي قيدين کي ڇڏيو وڃي. هارين لاءِ عام مفت تعليم ڪئي وڃي.

عجب نہ لڳڻ کپي تہ اڄ بہ هاري تحريڪ جون بنيادي گهرون ساڳيون ٿي آهن. ڇو تہ مُني صديءَ جي سياسي ڦيرين گهيرين ۽ انقلابن کان پوءِ بہ اسان جي ملڪ جا هاري تقريباً ساڳين ئي بنيادي گهرن لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن. نالي ۾ جاگيرون ختم ٿي چڪيون آهن. پر جاگيرداري تعلقات ۽ ڏاڍ پنهنجيءَ جاءِ تي قائم آهن.

عبدالقادر سان گڏ ڪنڌڙن ۾ وڏو لڏو هاري ۽ ڪميونسٽ اڳواڻن جو هو، جنهن ۾ محمد امين کوسو، قادر بخش نظاماڻي، ارباب نور محمد پليجو، مولوي نذير حسين جتوئي ۽ 1945 کان پوءِ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي مُکيہ ڪارڪن رهيا.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، 1945ع ۾ استعيفا ڏئي هاري ڪاميٽيءَ ۾ شامل ٿي ويو ۽ ان کان پوءِ هي "ٻڍي جوان" هاري تحريڪ جا بہ مکيہ ڦيٿا رهيا. ساڳئي ئي سال ۾ هاري ڪاميٽيءَ جي مرڪزي آفيس ٽنڊي ڄام مان ڪٽي حيدرآباد ۾ حيدر بخش جتوئيءَ جي گهر واري جاءِ هيٺيان قائم ڪئي وئي. ساڳئي ئي سال ۾ متحده بنگال ۾ "تيڀاڳا تحريڪ" (تي- ڀاڱ تحريڪ)

شروع ٿي ۽ ان ڪان متاثر ٿيندي سنڌ ۾ بہ اڏواڏ ٻڌڻي جي تحريڪ وڏي اثرائتي نموني هلي ۽ ان تحريڪ هلندي وڏي کيپ نون هاري ورڪرن جي پيدا ٿي، جي تمام جوشيلا ۽ سنا ورڪر هئا. انهن مزدورن هارين ۽ شاگردن ۾ وڏو انقلابي ڪم ڪيو. انهن مان چند پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ بہ سرگرم رهيا. مرحوم غلام محمد لغاري، مير محمد ٽالپر، ڊاڪٽر هاسا رام، مولوي محمد معاذ، رئيس بروهي، قاضي فيض محمد، شاهہ محمد دراني، ڊڪٽر بنا رام، سيد شمس الدين شاهہ، مولوي عزيزالله جروار، مولوي الاهي بخش قريشي، برڪت علي آزاد، تاج محمد ابڙو، علي محمد قريشي، محمد بخش مشوري هن تحريڪ مان پيدا ٿيا، جن پنهنجي قربانين ۽ انقلابي جوش وخروش سان سنڌ هاريءَ ڪاميٽي کي سنڌ جي وڏ ۾ وڏ فعال جماعت جي شڪل ڏني.

ڪامريڊ عبدالقادر انهن سمورين ننڍين وڏين جدوجهدن ۾ هارين جو سرواڻ هيو ۽ سنڌ حڪومت جي سورمن الله بخش سومري، سر غلام حسين هدايت الله، پير الاهي بخش ۽ ٻين سان بہ سندس تعلقات ويجها رهيا ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي ڪلڻي ميدان ۾ اچڻ تائين عبدالقادر ان تحريڪ جو مکيہ اڳواڻ هيو.

هن جي قرب جو رستو مرحوم جمشيد نسروانجي سان شروعات ڪان رهيو ۽ جمشيد نسروانجي نہ صرف پنهنجي طرفان سندس ۽ سندس ڪٽنب جي مالي مدد ڪندو هيو، بلڪ ٻين وڏن سرمائيدارن ڪان بہ ڪيس تحريڪ لاءِ مدد ونرائي ڏيندو هو. ڪامريڊ عبدالقادر ٻہ ٽي دفعا هاري تحريڪ جي سلسلي ۾ جيل ۾ بہ ويو.

1965ع ۾ هن وفات ڪئي ۽ پڇاڙيءَ جي وقت ۾ ڪفن دفن لاءِ بہ سندس گهر وارن وٽ ڪا شيءِ موجود نہ هئي. هو ملنسار ۽ خوش مزاج طبعيت جو مالڪ هو ۽ جواني ڪان ئي "دم جو مريض" هوندي بہ هن تحريڪ ۾ پنهنجو پاڻ موکيو ۽ پوئتي پير نہ وڌائين. اسان جا اڪثر اڳواڻ ۽ ساٿي مرحوم ٿي چڪا آهن، افسوس آهي تہ انهن جي خالي جاءِ ڪو بہ پري نہ سگهيو آهي ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي 1971ع ۾ وفات ڪان پوءِ هاري ڪاميٽي جيڪا ايڏي عظيم تحريڪ ٻڌجي چڪي هئي سا پنهنجي پيرن تي بيهي نہ سگهي آهي ۽ ننڍين ننڍين ٽڪرين ۾ ورهائجي وئي آهي.

(روزانہ 'عوامي آواز' -10-جنوري 1991ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فلسطين جي سر زمين تي
يهودي رياست جو قيام

2 نومبر 1917ع تي برطانوي حڪومت هڪ مختصر پڌرنامو جاري ڪيو، جنهن جو نالو بيلفر پڌرنامو (Balfour Declaration) ٿي ويو. هن پڌرنامي ۾ چيو ويو هو تہ يهودي ماڻهن لاءِ فلسطينين (Palestine) ۾ قومي وطن (Homeland) ناهيو ويندو. هي فيصلو انگريز جنگي ڪابينہ ڪيو. ان ۾ چيو ويو تہ فلسطين ۾ جنگ جي خاتمي بعد يهودين جو وطن ناهيو ويندو. هي فيصلو ان وقت ٿيو جنهن وقت عرب، ترڪي سلطنت خلاف انگريزن سان گڏ لڙي رهيا هئا ۽ فلسطين اندر عربن جي آدمشماري نوي سيڪڙو هئي ۽ نوانوي سيڪڙو زمين عربن جي ملڪيت هئي. ۽ اهو وطن انهن يهودين لاءِ قائم ڪيو پئي ويو، جن اڃا فلسطين جي زمين تي قدم ئي نہ رکيو هو ۽ بيلفر پڌرنامو انگريز سامراج جي مقصد ڪي پورو ڪرڻ لاءِ قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو.

برطانيہ فلسطين لاءِ هڪ يهودي هاءِ ڪمشنر هربرٽ سيميوئل ڪي مقرر ڪيو ۽ 1922ع ۾ ليگ آف نيشنس (league of Nations) برطانيہ جو فلسطين مٿان سنپالينڊڙ جو حق تسليم ڪيو ۽ لارڊ بيلفر هڪ يادداشت ۾ چيو هو تہ "ست لک فلسطيني عربن جي مرضي رکڻ اسانجو ڪم ناهي، بلڪ فلسطين کي يهودين جي وطن طور قائم ڪرڻ اسانجو مقصد آهي."

1918ع ۾ ڇاونجاهہ هزار يهودي فلسطين ۾ هئا ۽ 1948ع ۾ سندن تعداد ساڍا ڇهہ لک ٿي ويو هو ۽ ساڳئي ئي سال انگريزن فلسطين ۾ يهودي دهشتگردن جي دٻاءُ هيٺ فلسطين کي تقسيم ڪري ٻن حصن ۾ ورهائڻ جو فيصلو ڪيو. آمريڪي صدر هيري ٽرومن (Harry Truman) چيو هو تہ آمريڪا جي چوٽيءَ جي يهودي ليڊرن جي دٻاءَ هيٺ فلسطين کي ورهائڻ لاءِ پنهنجي پوري قوت ڪم آندي هئائين. ورهاست جي رٿ هيٺ عرب حصن کي ٻاٽيتاليهہ سيڪڙو ۽ يهودي رياست کي ڇاونجاهہ سيڪڙو فلسطين جي زمين ملي، جنهن وقت عرب بہ ڀاڱي ٽيون حصو آدمشماري ءَ جي لحاظ کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿا ۽ يهودين جي زمين جي ملڪيت پنج سيڪڙو مس هئي. عرب رياست ۾ ساڍا ست لک عرب ۽ ساڍا نو هزار يهودي اچي ٿي ويا؛ ۽ يهودي رياست ۾ پنج لک عرب۽ پنج لک يهودي اچي ٿي ويا. اهڙيءَ طرح هيءُ ملڪ انگريزن جي حڪمت عمليءَ هيٺ يهودين جي حوالي ڪيو ويو. ان بعد جيڪو قتل عام شروع ٿيو تہ انهيءَ جي نتيجي ۾ چار لک فلسطيني عرب پنهنجي گهرن مان نڪري پناه گير بنجي چڪا هئا. پورو جعفا جو شهر عربن کي ڇڏڻو پيو ۽ اهي سڀ پناهگير ٿي ويا.

1949ع جي شروعات ۾ اسرائيل پاڙيسري عرب رياستن سان امن امان جا سمورا عهد نامہ (Treaties) ٽوڙيندي مصر جي نجف (Nagev) جي پوري ايراضيءَ تي قبضو ڪيو ۽ مئي 1949ع تي اسرائيل اقوام متحده جو ميمبر پڻ بڻجي ويو. اٺويهہ سو ستهٺ ۾ اسرائيل جنگ ذريعي سڄي فلسطين تي قبضو ڪيو ۽ مصر جو صحرائي سينا ۽ شام جي گولان واري اوچائيءَ تي پڻ قبضو ڪيو ۽ وقت بوقت اسرائيل حڪومت طرفان اعلان ٿيندو رهيو آهي تہ سندس مقصد بائيبل جي زماني واري فلسطين قائم ڪرڻ آهي.1967ع کان وٺي فلسطيني عرب "الفتح" ۽ ياسر عرفات جي اڳواڻي هيٺ پنهنجي وجود قائم ڪرڻ لاءِ لڙي رهياآهن ۽ ٻن سالن کان هو "انتفاضہ" جي نعري هيٺ پنهنجي لڙائي جاري رکندا پيا اچن ۽ عرب رياستن جي هڪ ٻئي ۾ اختلافن جي باوجود فلسطيني عرب اسرائيل اندر ۽ ٻاهر فلسطيني آزادي جي فوج (پي ايل او) جي اڳواڻيءَ هيٺ لڙي رهيا آهن.

ڪويت مٿان عراق جي قبضي بعد اسرائيل ۽ عرب مسئلي کي خاصي اهميت ملي آهي. ڇو تہ عراق طرفان زور ڏنو ويو آهي تہ فلسطيني عربن جي مسئلي کي ساڳئي وقت حل ڪيو وڃي.

فلسطيني عربن طرفان هميشہ فلسطين ۾ جمهوري سيڪيولر رياست قائم ڪرڻ تي زور ڏنو آهي. ٻئي طرف اسرائيل دنيا ڀر مان يهودي گهرائي رهيو آهي ۽ ويجهڙائيءَ ۾ روس مان پنج ڇهہ لک يهودين جي واڌ، توسيع پسندي ۽ هيڇ آهي جنهنکي روڪڻ عربن لاءِ ضروري آهي ڇو تہ عرب پنهنجي وجود کي قائم رکڻ لاءِ لڙي رهيا آهن.

گذريل ڪجهہ سالن کان مصر ۽ اسرائيل وچم هڪ ناهہ ٿيو آهي. پر اجا

تائين مصر جي قبضي ڪيل زمين موٽائڻ کان اسرائيل انڪار ڪندو رهيو آهي. ٻئي طرف شام ۽ اسرائيل وچ ۾ هٿيار بند صلح (Armed Truce) جي صورتحال آهي ۽ عراق سان وڙهڻ ۾ اسرائيل کا گهٽتائي کا نه ڪئي آهي. ڇو ته اسرائيل عراق جون ايٽمي صلاحيتون بمباري ڪري تباه ڪري ڇڏيون هيون.

عراق طرفان هن وقت ڪليل اعلان ڪيو ويو آهي ته جنگ صرف ڪويت کي عراق ۾ رکڻ لاءِ نه هوندي، پر سندس حملو اول اسرائيل مٿان هوندو.

(روزانه 'عوامي آواز'--17-- جنوري 1991ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽار واري جنگ جا امڪاني نتيجا

مارڪس چيو هو ته جنگ "انقلاب جي انجڻ آهي." (War is The Locomotive of Rerolution) هن قول کي اڳين ٻه ڇٽي سگهجي ٿو ته "جنگ ترقي جي انجڻ آهي." هن جنگ دوران عراق ۽ آمريڪا جي اڳواڻي هيٺ اتحادي قومن جي فوجن جي وچ ۾ جيڪا لڙائي هلي رهي آهي، تنهن ۾ ڪيترائي غير معمولي ۽ نوان هٿيار پهريون دفعو آزمائجي رهيا آهن. پيٽريٽ ميزائيل (Patriot Missile.) آمريڪاجي گذريل هفتي جي لڙائيءَ اندر ڪم ايندڙ هٿيارن مان هڪ اهڙو هٿيار آهي، جو دشمن طرفان ڇوڙيل هٿيار کي آسمان ۾ ئي ڏُڪ ڪري ڇڏي ٿو. جنهنڪري دفاعي انتظام جو هن وقت هي هٿيار حرف "آخر" آهي. عراق جا ڇوڙيل ميزائيل سعودي عرب ۽ اسرائيل اندر، نشانن تي ڪرڻ بدران، واٽ تي ئي آسمان ۾ پيٽريٽ ميزائيل سان ٽڪرجي ختم ٿي وڃن ٿا.

اڳلاٿو اسرائيل ۽ شام جي جنگ هلندي "سام ميزائيل" (Sam Missile) جو مقابلو ٿيو هو، جنهن ۾ اسرائيل طرفان آمريڪي "سام ميزائيل" پنهنجي برتري روس طرفان شام کي ڏنل "سام ميزائيل" مٿان ثابت ڪري چڪا هئا. نتيجي ۾ روس شام کي بعد ۾ اهڙا ميزائل تيار ڪري ڏنا جن ۾ اسرائيل جي ڇوڙيل ميزائيلن کي ناڪام بڻائڻ جي پوري اهليت هئي.

پهرين جنگ عظيم ۾ هوائي جهازن ۽ ٽينڪن کي استعمال ڪيو ويو، پر جنگ جو آخري فيصلو وري به سپاهيءَ جي عزم ۽ هٿيارن جي گهڻائي ۽ بهتريءَ سان ٿيو. هڪ طرف جرمني، آسٽريا - هنگري، اٽلي ۽ ترڪيءَ جون سلطنتون هيون ۽ ٻئي طرف انگلينڊ، فرانس، روس آمريڪا هئا. آخر ۾ شڪست جرمنيءَ کي ٿي ۽ روس ۾ سنڌو سنڻون جنگ ختم ٿيڻ کان اڳ ئي بالشويڪ انقلاب اچي ويو ۽ يورپ جو سامراجي نظام ٽٽي مختلف آزاد ۽ جمهوري قومن ۾ ورهائجي ويو. پولينڊ، هنگري، آسٽريا، يوگو سلاويا، رومانيا آزاد جمهوري ملڪ ٿي اڀريا. اهڙيءَ طرح ترڪي جي سلطنت جي شڪست سان سعودي عرب، اردن ، عراق، لبنان، شام ۽ مصر، نيم آزاد ملڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طور ايريا.

پهرين عظيم جنگ ۾ ان جي نتيجي طور آيل انقلابن سبب ڪروڙين ماڻهو مارجي ويا ۽ زخمي ٿيا. ان وقت هڪ نعرو ڏنو ويو هو ته "جنگ هميشه لاءِ جنگ جو خاتمو آڻي ڇڏيندي" (War to End War) ۽ قومن وچ ۾ ڀائيچارو قائم ٿيندو" . پر جنگ هلندي ٿي اهڙا ڳجها منصوبا ۽ عهدنام مختلف ملڪن، خاص ڪري فرانس ۽ انگلينڊ جي وچ ۾ ٿيا، جنهن جي نتيجي ۾ اڳتي هلي ٻيءَ عظيم جنگ جو ٻج پيو ۽ فرانس ۽ انگلينڊ جي هيڃ، لالچ ۽ سامراجيت ٻيءَ عظيم جنگ جي لاءِ سامان تيار ڪيو. ليگ آف نيشنس (Leauge of Nations) نالي ۾ ته سمورين قومن جي جماعت هئي، پر حقيقت ۾ اها فرانس ۽ انگلينڊ جي هٿ ٺوڪي جماعت بڻجي وئي. آمريڪا ان ۾ شريڪ ٿيڻ کان انڪار ڪيو ۽ سويت روس کي شريڪ ڪرڻ کان انڪار ڪيو ويو. ٻيءَ عظيم جنگ ۾ اجا ٻه وڏيڪ خوفناڪ هٿيار ايجاد ٿيا ۽ آخر ۾ دنگ وڃي ايٽم بم تي ٿيو. صرف ٻه ايٽم بم جپان جي هيرو شيما ۽ ناگاساڪي شهرن مٿان اڇلايا ويا ۽ صرف ٻن ايٽم بمن تقريباً پنج ڇهه لک ماڻهو چند گهڙين جي اندر ختم ڪري ڇڏيا ۽ لکين اهڙين بيمارين ۾ مبتلا ٿيا، جن مان ڪو ڇوٽڪارو ممڪن نه هو. ٽينڪن ، هوائي جهازن ۽ توبن جي وڏي پيماني تي استعمال پڻ ايڏي تباهي آندي، جو صرف روس جا ٻه ڪروڙ ماڻهو مارجي ويا ۽ زخمي ٿيا. سڄيءَ دنيا جو جيڪڏهن حساب لڳائجي ته ڪروڙين ماڻهو مئا ۽ زخمي ٿيا. ٻي عظيم جنگ جي خاتمي بعد اقوام متحده وجود ۾ آئي جنهن ٽين عظيم جنگ کي روڪڻ لاءِ هن وقت تائين وڏيون ڪوششون ڪيون هيون. ڪوريا،ويٽنام، اسرائيل،عرب، پاڪستان۽ هندوستان وچ ۾ خاصيون لڙايون لڳيون آهن، پر ٻنهي پاسي وڏين طاقتن جي ايٽم بم جي هڪ هٽي هئڻ سبب دنيا تباهي کان بچي وئي آهي. نقصان جي لحاظ کان چيو وڃي ٿو ته ڪوريا واري لڙائيءَ ۾ ايترو بارود ڪم آيو هو، جيڪو ٻيءَ عظيم جنگ جي ستن سالن ۾ ڪتب نه آيو هو. موجوده جنگ ۾ هفتي اندر جيترو بارود ساڙيو ويو آهي ۽ هوائي جهاز، ٽينڪون ۽ ميزائيل ٽڪريا آهن ،تن مان ٻي عظيم جنگ جا وڏا مقابلا ننڍڙين چڪرين جي مثل لڳن ٿا.

پاڪستان-هندوستان جي 1965ع واري جنگ متعلق هڪ آفيسر جو

چوڻ آهي تہ اها ڪرڪيٽ جي قاعدن مطابق لڙي وئي. ان مان جيڪي سبق حاصل ٿيا، اهي 1971ع واري جنگ لاءِ بيڪار ثابت ٿيا. ڇو تہ جنگ آخر عوام جي مدد سان ئي لڙي سگهجي ٿي.

موجوده‌جنگ جو نتيجو ميدان-جنگ ۾ ڪهڙو بہ نڪري، پر شڪست عراق دشمن محاذ کي ملندي. ڇو تہ صدر صدام حسين رهي يا نہ رهي، عراق کٽي يا هارائي، پر ان کي نئين سر تعمير ڪرڻ جو ذمو اتحادي قومن جي مٿان هوندو. ٻي عظيم جنگ جي هارايلن جپان،جرمنيءَ ۽ اٽليءَ وڏي ترقي ڪئي آهي، اهڙيءَ طرح موجوده‌آزمائش مان هارايل قومون وري نئين سر اڀرنديون ۽ يقين آهي تہ فتح پنهنجي آزادي لاءِ لڙندڙ قومن جي ٿيندي. خوفناڪ هٿيار پنهنجي پاسي ڪم اچي رهيا آهن ۽ ايندا رهندا، پر آخر نتيجو اهوئي نڪرندو تہ آمريڪا جنهن لڏي جي سرواٽي ڪري رهيو آهي، سيئي ڪيس پنهنجي من ماني ڪرڻ کان روڪيندا ۽ توي امڪان آهي تہ هيءَ خوفناڪ جنگ جلدئي اندروني نفاق سبب ڍلي پئجي وڃي يا وچ وارن جي وچ ۾ پوڻ تي رڪجي وڃي. ڏسجي اٿين پيو تہ آمريڪا جي دور رس منصوبن جي باوجود سندس هلندي هڪ بہ ڪا نہ، ڇو تہ اهو وقت گذري ويو جڏهن ڏنبدي يا ميزائيل جي زور تي قومن کي زيربار ڪري سگهبو هو.

(روزانہ 'عوامي آواز' - 26- جنوري 1991ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عراق خلاف يڪي داداگيري

ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ هڪ پهاڪو مشهور هوندو هو تہ"انگريز پنهنجي رٿابندي سٺو سال اڳواٽ ڪندا آهن؛ هندو پنهنجي رٿابندي پنجويهہ سال اڳ ڪندا آهن؛ مسلمان پنهنجي رٿا بندي تڏهن ڪرڻ شروع ڪندا آهن، جڏهن مصيبت مٿان اچي ڪڙڪندي آهي ۽ سک (!) رٿا تڏهن ڪندا آهن جڏهن آفت مٿان گذري ويندي آهي.

ايراني نار جي جنگ ان پهاڪي کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو آهي. جنرل اسلم بيگ فوجي آفيسرن کي مخاطب ٿيندي تسليم ڪيو آهي تہ جنگ ڪو بہ مسئلو حل نہ ٿي ڪري ۽ هندوستان سان پاڪستان جون ٿي جنگيون فضول(Futile) ثابت ٿيون آهن. مرزا اسلم بيگ معلوم ٿئي ٿو تہ مٿئين پهاڪي وارن سکن جهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. انگريز پنهنجي روايتي سرداري کان دستبردار ٿي آمريڪا جا "جو حڪم---" ٿي عقل، فهم ۽ ادراڪ کان وانجهجهي ويا آهن. انگليند، فرانس، آمريڪا ۽ ترڪي، سڀئي ان تڪڙ ۾ هئا تہ اجهو ٿا شڪار هٿ ڪري، ڳيا ڳيا ڪري ورهائي کڻون. پر ڏسجي ٿو تہ هزارين ٽن بارود صرف نامعلوم نشانن يا نڪاڻن مٿان وَسائي رهيا آهن. هن وقت تائين پنهنجي اٿاهہ جاسوسي ۽ اليڪٽرانڪ ذريعن هوندي بہ عراق جي تباهيءَ جو ڪو بہ منظر ٽي وي وغيره تي پيش ڪري، ڏيکاري نہ سگهيا آهن.

بُڌڻ ۾ ايندو آهي تہ اهڙا هوائي جهاز ۽ سيٽلائيٽ ايجاد ٿيا آهن، جو دشمن جي ملڪ جو چپو چپو راڊار "(Radar)" تي نظر اچي ويندو آهي،پر عراق جي ڪنهن بہ گهٽي شهر، ڪارخاني يا جنگي اهميت واري مرڪز جو ڦوٽو هن وقت تائين نہ ڏيگاريو ويو آهي. معلوم ٿئي ٿو تہ انڌا انڌيري ۾ لٺيون وهائي رهيا آهن. باقي جيڪي نڪ سامهون اٿن، تنهنجي بيٺ اسان جي هر فن مولا جنگي جنونين کي ڪا نہ پيئي.

ڇپائون پئي "عراق کي ٻن ڇئن ڏينهن ۾ تهس نهس ڪري جهڪڻ لاءِ مجبور ڪندا سون" يا صدام جي خلاف بغاوت ڪرائي نئين عراقي حڪومت

سان ناهہ ڪنداسين. يا تہ عراق جي فوجي ۽ صنعتي اهميت کي هميشہ لاءِ برباد ڪري، ڪيس صديون پوئتي ڌڪي ڇڏينداسين. پر هنن ٻن هفتن جي لڙائي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ فيصلو آخر بندوق نہ ٿي ڪري؛ پر بندوق جي پويان وينل شخص يا قوم جو عزم ۽ همت ٿي ڪري.

عراق جنهنجي آدمشماري تقريباً ڏيڍ ڪروڙ آهي ، تنهن ايران سان اٺ سال جنگ جوٽي پاڻ کي ايڏو طاقتور بڻايو، جو وچ مشرق ۾ سندس برابر ڪا بہ طاقت نہ آهي. پر جنگ ذريعي ڪو بہ مسئلو حل نہ ٿي سگهندو. مڄجي ٿو تہ عراق کي ڪويت مٿان حملو ڪرڻ جو حق نہ هو، ڇو تہ اڄوڪي دور ۾ ننڍڙي کان ننڍڙي ملڪ کي بہ گڏيل قومن جي چارٽر مطابق پنهنجي وجود رکڻ جو حق آهي، پر آمريڪا کي اهو حق ڪنهن ڏنو آهي تہ هو سڄي دنيا اندر اڪيلو ڳاڙهيون ڪري، بين الاقوامي داداگير جو رول ادا ڪندو ڦري.

امريڪا کي هيئنر معلوم ٿي چڪو آهي تہ عراق گريناڊا ناهي؛ نہ پاناما آهي ۽ نہ ئي گاٽيمالا: جو جيڪي وٽيس، سو ڪري گذري ۽ ٻيون قومون رڳو متان ......متان ڪري درگذر ڪري ڇڏين.

ننڍڙي گريناڊا ٻيٽ ۾ ووٽن ذريعي هڪ مارڪسسٽ حڪومت چونڊجي آئي هئي، آمريڪا جئميڪا (Jaimaica) جي صدر کي هُشي ڏيئي پاڻ کي ڪانڌ ڏياري ۽ گريناڊاتي ڪاهہ ڪئي. پتڪڙي گريناڊاهن ديو جي ظلم هيٺ دٻائجي وئي. نڪارگوا ۾ انقلاب کي ختم ڪرڻ لاءِ ستن اٺن سالن کان انقلاب دشمنن کي مسلح ڪري لڙائيندا رهيا ۽ نيٺ اتي پنهنجي پسند جي حڪومت قائم ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيا. پاناما ۾ آمريڪا کي جيڪي فوجي حق حقوق هئا، سي ختم ٿيڻ وارا هئا تہ پاناما جي سربراہ نوريگا کي آمريڪا ڏانهن ڪوڪين ۽ منشيات جو اسمگلر قرار ڏيئي، ان تي يلغار ڪيائون ۽ کيس گرفتار ڪري آمريڪا ۾ ڪيس هلائي رهيا آهن. جينوٽيڪ نوريگا سندن ئي پاليل هو.

ڪيوبا تي ڪيترائي ڀيرا انقلاب دشمنن جي مدد ڪري ڪاهون ڪيائون،پر سندن هڪ بہ نہ هلي. ڇو تہ ڪيوبا ۾ حڪومت ۽ عوام انقلابي جذبي هيٺ يڪمشت آهن.

عراق ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن ملڪ کي هڪ انقلابي ۽ مخلص ليڊر شپ موجود آهي تہ سيئي قومون گڏجي بہ هنکي "زيرو

زبر" ڪري يا اُڻتڻ ماري نہ ٿا سگهن. عراق ڪويت تي حملو ڪري غلطي ضرور ڪئي آهي ۽ ڪيس ڪويت مان پوئتي موٽڻ ڪپندو هو، پر هي ڪير ٿيندا آهن؟ جن عراق تي حملو ڪيو آهي؟ ڇو تہ ظاهري طرح هڪ مظلوم ننيڙي ملڪ جي حڪومت جي واهر جي دعوا ڪرڻ وارا خود ڦورو لوٽو ۽ بين الاقوامي داداگير آهن ۽ وچ اوڀر جي تيل جي سرچشمن جي مٿان قابض ٿيڻ ٿا چاهين.

اڃا تہ ڊرامي جو پهريون منظر آهي،اڳتي ڏسجي تہ ملاڪڙي جامور ڪهڙا ٿا تماشا ڏيکارين.

(روزانہ 'عوامي آواز' - 31- جنوري 1991ع)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان ۾ طاقت جو سرچشمو

سياست ۾ هڪ مرڪزي نقطو اهو هوندو آهي تہ،"اختيار ڪنهن وٽ آهي؟" (Where Does Sovereignty reside?) انگلينڊ ۾ اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ "اختيار جو سرچشمو" پارليامينٽ آهي. پارليامينٽ اندر گهٽائي واري ڌر جيڪي ڪري ٿي، اهو مختلف مرحلن مان لنگهندي قانون بڻجي ويندو آهي ۽ قانون جي آخري مسودي تي راجا يا راڻيءَ جي صحيح پوڻ سان اهو قانون حرف آخر طور مڃيو ويندو آهي. چئبو آهي تہ "برطانوي پارليامينٽ سڀ ڪجهہ ڪري سگهندي آهي."

آمريڪا ۾ فيڊرل نظام حڪومت آهي. اتي اختيار(مرڪز)ڪانگريس (Congress) ۽ رياستن (ٻاونجاه)جي وچ ۾ ورهايل آهي ۽ مرڪز ۽ رياست وچ ۾ جيڪڏهن ڪو اختلاف ٿئي تہ ان جو فيصلو سپريم ڪورٽ ڪي ڪرڻو آهي. ان جي معني آهي تہ امريڪا ۾ اختيار (Sovereignty) مرڪز (ڪانگريس) ۽ رياستي قانون ساز ادارن (State Legislatures) ۽ سپريم ڪورٽ ۽ صدر جي وچ ۾ ورهايل هوندو آهي. صدر آئين جو پابند آهي ۽ امريڪا جي آئين ۾ 1776ع کان وٺي هن وقت تائين صرف سورنهن ترميمون ڪيون ويون آهن.

امريڪا جي هر شهري کي خبر آهي تہ سندس حق ڪهڙا آهن ۽ رياست، مرڪز،صدر ۽ سپريم ڪورٽ جا اختيار ڪهڙا آهن.

پاڙيسري هندوستان ۾ بہ وفاقي نظام (Federal System) آهي ۽ هندوستاني آئين کي ناهڻ ۾ امريڪا ۽ روس جي وفاقي نظامن مان فائدو حاصل ڪيو ويو آهي. آئيني طور هندوستاني صدر کي اهڙا ئي اختيار آهن جهڙا پاڪستان جي صدر کي. ڇو تہ پاڪستان جو آئين هندوستاني وفاقي آئين جي ڪاربان ڪاپي آهي .

(ڀارت ۾) صدر پارليامينٽ اندر گهٽائي واري ڌر طرفان تاقيل وزير اعظم جي صلاح تي هلڻ جو پابند آهي. هن وقت تائين ڪنهن بہ صدر کي جرئت نہ ٿي آهي تہ پارليامينٽ اندر اڪثريتي پارٽي جي حڪومت کي رد (Reject) ڪري ۽ پنهنجي من ماني هلائي.

جنگ ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جو اختيار بہ پارليامينٽ کي آهي؛ مرڪز ۽ صوبن جي هڪ ٻئي سان جهڳڙي نبيرڻ جو حق بہ سپريم ڪورٽ کي آهي.اڪثر گڏيل معاملن واري اداري (Council of Common Interests) ۾ اختلاف ٿئي تي

ويندا آهن.

مٿئين صورتحال ۾ اهو چوڻ صحيح ٿيندو تہ هندوستان ۾ اقتدار اعلي جو سرچشمو پارليامينٽ جي ميمبرن جي عام چونڊن ذريعي گهٽائي آهي.

پاڪستان جي صورتحال ڇا آهي؟

1947ع ۾ جيڪو آئين اسان کي انگريز ڏئي ويا، ان ۾ مرڪز ۽ صوبن جي وچ ۾ معاملن جي جيڪا ورهاست هئي، تنهن ۾ وڏيڪ اختيار مرڪزي اسيمبليءَ وٽ هئا. پاڪستان جو پهريون گورنر جنرل محمد علي جناح ٿيو، جو ملڪ جو سربراه هيو. قومي اسيمبليءَ جي ٻٽي حيثيت هئي. آئين ٺاهڻ لاءِ آئينساز اسيمبلي (Constituent Assembly) هئي ۽ عام قانون ٺاهڻ لاءِ قانون ساز اسيمبلي (legislative Assembly) هئي. محمد علي جناح صرف هڪ سال زنده رهيو، سندس جيئري تہ ڪنهن کي مجال نہ هئي تہ سندس راءِ کي ريٽي سگهي. سندس موت بعد 1953ع تائين بالا اختيار (Consembly) ان اسيمبلي وٽ هيو جنهنجي (اُسي) ميمبرن جي اڪثريت اوير پاڪستان مان چونڊيل هئي.

1953ع جي آخر ۾ گورنر جنرل غلام محمد (جيڪو هڪ پنجابي هو) پاڪستان اسيمبلي کي موقوف ڪري ڇڏيو.

۽ ان وقت کان وٺي اڄ تائين اسان فوجي ۽ نيم فوجي اقتدار اعليٰ هيٺ رهيا آهيون.

17-اپريل 1953ع تي غلام محمد ، خود آئين ساز اسيمبلي کي موقوف ڪري محمد علي بوگره کي ٻارهين آگسٽ 1955ع تائين وزير اعظم طور هلائيندو رهيو. جنهن بعد چوڌري محمد علي (پنجابي) وزير اعظم ٿاڦيو ويو.

غلام محمد چريو ٿي پيو، ۽ پوءِ اسڪندر مرزا گورنر جنرل بڻيو.

انهن سمورين تبديلين پٺيان پنجاب جي سول نوڪر شاهي ۽ فوج هئي.

1956ع جو آئين پاس ٿيڻ بعد اسڪندر مرزا پاڻ کي پهريون صدر چونڊرايو ۽ چوڌري محمد علي کي وزير اعظم مقرر ڪيو.

8/7 - آڪٽوبر 1958ع تائين چار وزير اعظم آيا ۽ ويا-

چوڌري محمد علي، حسين شهيدسهروردي، اسماعيل چندريگر، فيروز خان نون، هڪٻئي پٺيان وزير آعظم ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن تبديلين آڏ ۾ ظاهري طور اسڪندر مرزا جو هٿ هو، پر حقيقت ۾ جيڪي بہ تبديليون 1953ع کان پوءِ آيون تن ۾ فوج جي سرڪردن جو هٿ هيو.

ايوب خان 1967ع ۾ (Friends not Masters) "نالي ڪتاب لکي وضاحت ڪئي تہ، 1953ع کان وٺي جيڪي ٿي تبديليون آيون انهن ۾ سندس بحيثيت ڪمانڊر ان چيف هٿ رهيو.

ايوب خان 1969ع ۾ عوامي اپار اڳيان شڪست تسليم ڪندي، اقتدار جنرل يحيٰ کي ڏنو جنهن اقتدار ذوالفقار علي ڀٽو کي ڏنو ۽ جنهن کان اقتدار 5-جولاءِ 1977ع تي جنرل ضياءُالحق کسيو. هن جي موت بعد تہ بلڪل واضح آهي تہ اقتدار اعليٰ فوج جي ڪمانڊر ان چيف جنرل اسلم بيگ وٽ آهي

6- آگسٽ 1990ع تي ملڪ جي چونڊيل وزير اعظم بينظير ڀٽو ۽ اسيمبلين کي فوج صدر اسحق کان موقوف ڪرايو ۽ 24- آڪٽوبر 1990ع جي عام چونڊن رستي چونڊجي آيل وزير اعظم نواز شريف جي حڪومت تيستائين آهي جيستائين فوج سندس تائيد ڪري ٿي. ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ اسلم بيگ ۽ نواز شريف وچ ۾ اقتدار اعليٰ لاءِ رسا ڪشي شروع ٿي چڪي آهي ۽ صدر غلام اسحق وچ ڪٽيو ٿي انهن ٻنهي قوتن کي پرچائڻ ۽ ڌاهڻ ۾ مشغول آهي. ڏسجي تہ اٺ ڪهڙي پاسي ٿو ويهي. هڪ ڳالهہ يقيني آهي تہ پاڪستان ۾ اقتدار اعليٰ- آخري اختيار- فوج وٽ آهي ۽ فوج پاڪستان جي وڏ ۾ وڏ منظم قوت يا پارٽي آهي، جنهن پاسي واڳ ڇڪيندا اٺ اُن پاسي هلندو. ممڪن آهي تہ نواز شريف ڀيريون، عوامي ووٽ ذريعي چونڊيل پنجابي وزير اعظم هئڻ سبب، فوج جي پنجابي اڪثريت کي مطمئن رکڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي، پر هن جي سلامتي ۽ شڪست ٻنهي ۾ حرف آخر فوج جو هوندو. ائين ڪٿي چٽجي تہ هي ملڪ نهيو ٿي فوج جي مفاد ۽ مصلحتن لاءِ آهي، جنهن طرف هو لاڙو رکندا فتح ۽ اقتدار سندن تاڦيلن جو ٿيندو.

(روزانہ 'عوامي آواز' - 7- فيبروري 1991ع)

سوڀيو سنڌ جو لال قلندر

سوڀو گيانچنداڻي، جنهن جهڙي آزاد طبيعت ۽ کهري صداقت، مون ٿڌي کنهن مائيءَ جي لال ۾ ورلي ڏٺي آهي. جڻ پهاڙ آهي، جو هر آنڌيءَ، هر طوفان ۾ اڏول بيٺو آهي. نہ ڄاڻان ڪيترا اهڙا انسان، پنهنجي ڇاتيءَ جا ڇهہ ڇپائي، ڳاٽ اوچو رکي، ظلم جو مقابلو ڪندا آهن ۽ گمنامي جي گهٽيءَ ۾ چوٽ کائي، ڪري، لهولهان ٿي، گهٽيءَ جي مٽيءَ ۾ ملي ويندا آهن، ۽ جڏهن ظلم جو انت ايندو آهي ۽ زندگي جي سجي سجائي ڪنوار پنهنجيءَ ڏوليءَ ۾ اڳتي وڌندي آهي، تڏهن اها گهٽيءَ جي مٽي، ڪنوار جي ڪنبي ۽ ڪهارن جي جُتيءَ کي چنبڙي، پنهنجي ستياناسيءَ جي اُجر گهرندي آهي يا نہ! ڪجهہ سال ٿيا پاڪستان جو هڪ سياستدان، جنهن کي برٽرينڊ رسيل ۽ سارتري جهڙين هستين سان گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. لاڙڪاڻي وٽي رهيو هو، تہ سکر ۾ ڪنهن هن کان پڇيو، "اوهان موهن جو دڙو ڏٺو آهي؟ ڏسڻ وڃو؟" هن جواب ڏنو. "مان موهن جي دڙي کان بہ وڏيڪ عظيم حقيقت ڏسڻ ٿو وڃان!"

"اهڙي ڪهڙي حقيقت آهي؟"

" سوڀو، سوڀو گيانچنداڻي".

- سچ پچ اڄ سوڀو موهن جو دڙو آهي، جو چوڌاري سر ۽ ڪلر ڏسي اداس آهي.
- واڳهہ جا ڏندڪيي ڇڏبا ۽ ننهن ڪپي ڦٽا ڪبا، تڏهن بہ واڳهہ واڳهہ رهندو ۽ هن جي هيبت هاٿيءَ جي هانوَ کي جهڪائي وجهندي.
- سوڀو اسانجو لال قلندر آهي، جنهن جي جُتيءَ ۾ اڄا تائين ڪنهن بہ پير نہ پاتو آهي. وقت پلٽو کائيندو ۽ هن جي مٽيءَ جي مٽيءَ تي ميلا لڳندا، ان ۾ مونکي ذرو بہ شڪ نہ آهي.

[شيخ اياز جي ڪتاب خط، انٽرويو، تقريرون پاڳي ٻني تان ڪوريل ڪجهہ سٽون]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ ڄاڙ وڏي تي ڄڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حساب سان اٽڃاٽائي ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو ته ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book